ٽين دنيا

ظفر عباسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽين دنيا

ڪهاڻيون

ظفر عباسي

نيو ٿنڪرس فورم

NEW THINKERS FORUM

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو : ٽين دنيا
موضوع : ڪهاڻيون
ليکڪ : ظفرعباسي
ڇاپو : پهريون
سال : 1995
ڪتاب جي سائيز: 23x36/16.
ٽائيٽل ڊزائين: "جنت جي تصوراتي پٽيءَ جا 20 گهر" 1979- ٽم وائيٽ
ڪمپوزنگ : پيس ڪمپوزرس
5/11 رمپاپلازه بندر روڊ ڪراچي.
ڇپائيندڙ : نيو ٿنڪرس فورم
جنرل پوسٽ باڪس نمبر492، حيدرآباد 7100 سنڌ

مُلهه: چاليهه روپيا
Rs: 40/=

TEEN DUNYA (THIRD WORLD)
A Collection of short stories, written by:
ZAFAR ABBASI in Sindhi Language and Published by:
NEW THINKERS FORUM
G.P.O Box. No: 492. Hyderabad. 71000 Sindh.
Year of Publication: 1995

Title design: "Twenty houses of the Zodiac" 1979
by: Time White.

(Publisher reserves all rights of the book)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

امان
سائڻ/سياڻي/جنت
ملاح

بابا
شفيع محمد
ڪلهوڙو

جي نالي

جا، اڪثر چوندي آ تہ
"پنهنجون ڪهاڻيون، مونکي
پڙهي ٻڌائڻ ۾ شرم ٿو ٿيئي ڇا؟"

جو، اڪثر چوندو هو تہ
"پنهنجي تعارف ۾ منهنجو
نالو لکندي شرم ٿو ٿيئي ڇا؟"

ظفر عباسي/ 12.01. 1995

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

- گهر اگهرا گهاءَ ——— ڪهاڻيون 1979ع
- تارا تارن هيٺ ——— ٻال ڪهاڻيون 1981ع
- سوال ڇهرا جواب ڇهرا ——— ڪهاڻيون 1982ع
- شاعريءَ جون صنفون ——— تحقيق 1993ع
- ٿين دنيا ——— ڪهاڻيون 1995ع (ڇپجڻ هيٺ)

سٽاءُ

* اداري پاران ―――― 09
* منهنجي ذات ڏوهاري - ليکڪ پاران ―――― 11
- ڪهاڻيون
* سنديش ―――― 18
* سنڌو وهندو رهندو ―――― 27
* نيڻ ڪشڪول ―――― 32
* آخري خط ―――― 36
* هڪ ڌنڌلي ڌنڌلي ياد ―――― 40
* انٽرويو ―――― 45
* ٽين دنيا ―――― 49
- جلترنگ ―――― (5- مختصر ڪهاڻيون) ―――― 54کان60
* گار ۽ طعنو * عيد نماز * بک بچڙو ٽول * زڪوات * ارجنٽ ميل سروس
* مرنداسين پر مرڪندي ―――― 61
*هڪ ڏينهن جي وارتا ―――― 63
* ٻه واٽي تي بيٺل هو ―――― 66
* مان جنت ۽ منڪر نڪير ―――― 69
* دان - ددِ - اوور ―――― 73
* اکيون اسڪيچ ۽ شاعري ―――― 88
* احتساب ―――― 93
* جيسين ٿئي جيت ―――― 104
* بندش ―――― 108
* هڪ رات ―――― 116
* رٺيل ليڪچر ―――― 121
* ايس. ايس . ايف ―――― 125
* فيصلو ―――― 129
- ڪو ڪيئن چوي - ڪو ڪيئن چوي - ليکڪ جي فن ۽ شخصيت تي رايا ―――― 134

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

سنڌي زبان ۾ سرڪاري، نيم سرڪاري، مختلف آرگنائيزيشنس پاران، توڙي انفرادي طور تي ڇپائيءَ جا تمام گهڻا ادارا آهن. تن مان سرڪاري ادارا ته ڪورس جا ڪتاب به ڇپائڻ جي اهل ڪونهن، نيم سرڪاري ادارا، قبرن جي ڪتبن کان ٻاهر نهارڻ به پسند ڪونه ٿا ڪن. آرگنائيزيشنز جا ڪتابچا، سندن سلوگن کان سواءِ ٻئي ڪنهن ادب کي ادب ئي مڃڻ لاءِ تيار نه آهن. ۽ انفرادي ادارا، وڏن وڏن نالن وارن ليکڪن [جن مان هڪ هٿ جي آڱرين کان گهٽ، کان سواءِ سڀ ڪاغذ جا شينهن آهن] جي نيم پليٽن تي زنده آهن. انهن لاءِ ادب رڳو اهڙن ڪاغذ جي شينهن جي گجگوڙ ئي آهي. ماٺهو ان ڪري ادب کان آڳاهان نڪري سياسي ڪتابن تائين پهچي ويا آهن جو سنڌي ادب جيڪو اڳ وقت سان ڪلهي ڪلهو ته ڇا اڳيان هلندو هو، تنهن جا سرجيندڙ پنهنجو دڳ وڃائي ويهي رهيا آهن. آفريڪا ۽ ويٽنام جو ادب اُتان جي لوڪ جي خون مان جنم وٺي سڄي دنيا کي Blood donate ڪري رهيو آهي ۽ اسان جو ادب اڃان ڪاري مس سان لکجي رهيو آهي! ته ڇا اسان جو خون رائيگان ويندو؟؟!!- نه، ڪڏهن به نه! "آرت ۾ خوشبو مينديءَ جي" کان وٺي "او قاتل! بدلو وٺنداسين، هن خون جي قطري قطري جو!" تائين اهڙيون تخليقون آهن جن پنهنجي تاريخ پاڻ مرتب ڪئي آهي.

ناول ته ناولن جي ماڪ، اسان وٽ ڪهاڻيون به اڃان تائين ون يونٽ جي دؤر جون ريپرنٽ تي رهيون آهن ۽ ڪافي ليکڪ هن دؤر ۾ به گذريل دؤرن جي حوالي سان جيئڻ جي جتن ۾ جُنبيا پيا آهن. ١٩٧٧ع کان ١٩٨٨ع جو دؤر اهڙو دؤر هو، جنهن دؤر ۾ سنڌي ادب آسمان ۽ ستارن کي نه ڇهي ها ته به سنڌ جي سرحدن کي ضرور واضح ڪري ها، پر ائين نه ٿي سگهيو. جيڪو ٿورو گهڻو ادب ان دؤر ۾ سرجيو، اهو به يا ته ڇپجي نه سگهيو يا ڇڙو ڇڙيو رهيو، ان ڪري ادب ۾ ڪا خاص جاءِ والاري نه سگهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظفرعباسيءَ جون هيءُ سڀ ڪهاڻيون گذريل ڏهن سالن ۾ لکيل آهن، جيڪي ڏهاڪو کن ڪهاڻيون مختلف جاين تي الڳ الڳ ڪافي شايع به ٿيل آهن پر هنن کي هڪ جاءِ تي سهيڙي، هن جيڪا سوکڙي سنڌي ادب کي جون ١٩٨٨ع ۾ ڏيڻ پئي چاهي اُها اڄ تائين اسان جي هڪ دوست جي اداري ۾ ڇپائيءَ جي منتظر ٿي پئي هئي. ان ڪري هن ڪتاب کي اسان اوهان جي هٿن/ نيڻن تائين پهچائي رهيا آهيون.
اميد ته ظفر جو پيار جو پورهيو ۽ اسان جي ڪوشش اوهان وٽ مانُ حاصل ڪندي.

مجموعي تي راءِ ليکڪ لاءِ توڙي اسان لاءِ ٻاٽ ۾ لاٽ جو ڪم ڏيندي.

ادارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ذات ذوهاري

توهان ڪنهن بہ ليکڪ کان پڇندؤ تہ سندس واسطو ڪهڙي سياسي پارٽيءَ سان آهي؟ تہ تڪڙ ۾ جواب ڏيڻ کان پهريائين هن جي ذهن ۾، سندس پگهار/ نوڪري اچي ويندي ۽ پوءِ ڪيائي ڪنهي سرڪاري نوڪري، آل اولاد جو گذر ۽ سماجي رتبو ذهن ۾ آئي، ڪو گول مول جواب ڏئي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ جي هو سرڪاري ملازم نہ هوندو تہ، مڙني پارٽين ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ جي جتن ۾، رواداري ڪري ويندو آهي ۽ ”ليکڪ غيرجانبدار هوندو آهي.“ ۽ ”اسان رڳو ادب پيدا ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيون.“ چئي، امڙا ليکڪ جان ڇڏائي ويندا آهن.

اسان جي پنين تي ننڍڙن ننڍڙن ذاتي مفادن جو ڪنؤر لڳل آهي ۽ اسان ڪرسين تي ويهڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. جتي ويهون ٿا، اُتان اُٿڻ سان ڪپڙن ڦاٽي پوڻ جو پؤ آهي، جيڪو اسان کي ڪَپ ڪوڙي ويهڻ تي مجبور ٿو ڪري.

ريڊيو تي لکڻ مهل، سڄي ريڊيو جي پاليسي اسان جي ذهن ۾ هوندي آهي. اوهان چئو نہ چئو، اسان ان پاليسيءَ کان، پاڻهي پوَ کان بہ قدم پري هلنداسين. ٿي ويءَ جو تہ نشو ٿي پيو آ. اوهان چئي تہ ڏسو نہ؟ اسان فن تي بہ آنچ اچڻ نہ ڏينداسين ۽ پاليسيءَ تي بہ پورا لهنداسين. اوهان کي فلم جي ڪهاڻي لکائڻي آهي؟ سڄو سينسر بورڊ اسان جي ذهن ۾ اچي ويندو ۽ اسان ايڏو احتياط سان لکنداسين جو سينسر بورڊ وارا سينسر ڪرڻ بدران اسان تي تنقيد ڪندا تہ هتي فلم ڏسندڙن کي ڳالهہ ٿي سمجهہ ۾ نہ ايندي. توهان جي مراد ڇا آهي؟

چون ٿا تہ دنيا ترقي ڪري رهي آهي. اسان بہ ترقي ڪري رهيا آهيون. اهلِ قلم ڪانفرنس کي پاڻ لاءِ وڏو اعزاز ٿا سمجهون، وڏي فخر سان ويندا آهيون. ڪو ٽوڪي وجهندو آ تہ چوندا آهيون، ”پڪنڪ تي ويا هئاسين، اُتان گذرندي، ”باهہ دي وي“ هليا ويا هئاسين“. يا ”صحافيءَ جي حيثيت سان

رپورٽنگ لاءِ ويا هئاسين" يا "پلا جي وياسين ته ڇا ٿي پيو؟ اهو اسان جو حق هو."

* ٺوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن جي قاتلن کي سزا ڏيارڻ لاءِ ۽ اسيرن جي آزاديءَ لاءِ ڪنهن بيان تي ڪو صحيح ڪرائڻ ايندو آهي ته اسان، "بيانن سان ته ڪجهه نه ورندو آ" چئي عزت جي پڳڙيءَ ۾ هٿ وجهي، "هنگامي ميٽنگ" جو بهانو ڪري جان ڇڏائي ويندا آهيون.

توهان اسان کان پڇي ته ڏسو ته "ويسٽ انڊيز" جو بهترين ڪرڪيٽر ڪير آ ۽ ان جي ڄمڻ جي تاريخ ڪهڙي آ؟ اسان اوهان کي ان سان گڏ سندس رٽائرڊ ٿيڻ تائين، جي سوانح عمري ٻڌائي سگهون ٿا. پر جيڪڏهن توهان اسان کان، "لاڪاڻ"، "طيب ٿهيم"، "پنهون چانڊيو"، "لاشاري"، "برهماڻي"، ۽ ٻين ڳوٺن تي سنڌي قوم جي نسل ڪشيءَ ۾ شهيد ٿي ويلن جا رڳو نالا پڇندؤ ته اسان اوهان کي "جيل ۾ هجڻ"، "امتحانن جي پڙهائيءَ ۾ رُڌل هئڻ." يا ڪو ٻيو بهانو ڏئي، ڇانهه جي آفر ڪري ڇڏينداسين.

اسان چاهيندا آهيون ته توهان اسان کان ٿر ۾ ڏڪار جي باري ۾ تاثرن بدران اهو پڇو ته، "رات شهر جي مختلف ڪلبن ۾ ڪيترا پئسا هارايَوَ؟"

اسان جي ماستر آهيون ته ڪالا باغ ڊيم جو منصوبو رد ڪرائڻ بدران پنهنجي گهٽ پگهارن جي مسئلي ڪي، الڳ سمجهندي رڳو پگهارون وڌائڻ جو مطالبو ڪنداسين ۽ اسان، جي ڪنهن نيڪ ناڪ پگهارن ۽ رعايتن وارن ادارن ۾ ملازم آهيون ته اسان * پنوعاقل ڇانوڻيءَ جي خلاف ڳالهائڻ بدران، سال جي سرڪاري موڪلن جو حساب ڪندا آهيون.

اسان جا تمام تڪڙا مسئلا؛ رڪشائن جا وڏيڪ ياڙا، شهرن ۾ فوٽ پاٿن جي عدم موجودگي، فقيرن جو وڌندڙ تعداد، ناجائز حد دخليون، ڪچيون آباديون، پاڻي، بجلي، ٽيليفون ۽ گيس جا غلط بل، نوڪريون، بدليون، پگهارون، مسواڙون، اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا، سواري، آئيڊيل پيار ڪندڙ محبوبائون ۽ آٽو گراف وٺڻ واريون ڇوڪريون آهن. انهن تي اسان ڪهاڻيون لکندا آهيون، شاعري ڪندا آهيون. ڇٺو ته انهن تي اسان ريڊيو ڪالم به لکي ونداسين ۽ جي گهرج هجي ته ٽي وي ناٽڪ به لکي ونداسين. پوءِ به جي اهي مسئلا حل نه ٿيندا آهن ته اسان "لائيف

انشورنس" ڪرائي ڇڏيندا آهيون.

ٻولي، قوم ۽ ديش جي وجود جي بقاءَ لاءِ ڪو لائحہ عمل نہ پڇجو. ان بدران توهان اهو پڇي سگهو ٿا تہ بجليءَ جي وڏيڪ بلن کان بچڻ لاءِ ميٽر ۾ گهپلو ڪيئن ڪجي، امتحانن ۾ پاس ٿيڻ لاءِ سفارشي "چٽ" ڪنهن کان وٺجي. فلاڻو ڪم ڪرائڻو آهي تہ ان انتظاميہ جي خلاف خبر ڪيئن ڏاهي، اخبارن ۾ هلائجي.

جتي رڪشائون، پاڻي، بجلي، ٽيليفون، گيس، پبلڪ اسڪول، فوٽ پاٿ ۽ محبوبائون ناهن. اها بہ ڪا دنيا آهي! اهڙي دنيا بہ آهي ڇا ڪا دنيا ۾؟ جي آهي تہ اسان جون دعائون آهن ان دنيا لاءِ. سياسي تنظيمون ۽ سماجي ادارا اهڙي دنيا لاءِ چندا گڏ ڪري رهيا آهن. اسان جي بہ هڪ ڏينهن جي پگهار ڪٽجي وئي آ، يارا!

اسان لکون ٿا پيا. اسان جا مسئلا اوهان جا مسئلا ٿي تہ آهن.

"توهان ڪي ڪتاب تي مهاڳ لکائڻو آ. يار مان ڏاڍو مصروف آهيان ٽائيم ئي نٿو ملي. ٽي ويءَ لاءِ ڊرامو پيو لکان، ريڊيو لاءِ ڪالم پيو لکان، اخبار لاءِ شعر پيو لکان، نوڪريءَ جي هڻ هٿان آهي. ان ڪانپوءِ ناول تي ڪم پيو ڪيان. يار مون وٽ ٽائيم ڪونهي، توهان ڪنهن ٻئي کان لکائي وٺو!"

"اڇا! توهان انٽرويو وٺڻ آيا آهيو؟ اڙي يار اسان حقير ماڻهو آهيون. اسان جو ڪهڙو آ ادب ۾ ڪنٽريبيوشن؟ مڙئي پيا گذارو ڪيون! بس توهان لاءِ ٽائيم ڪڍي ٿا وٺون. پلا ڪهڙي رسالي ۾ ڇاپيندؤ؟ ڪئميرا ۾ رول رنگين آ يا بلئڪ اينڊ وائيٽ؟ ٽائيٽل تي ڪنهن جي تصوير هلائيندؤ؟"

اسان مذهب، خدا ۽ رسول جي شان ۾ گستاخي ڪري پاڻ کي ترقي پسندن ۾ شمار ڪندا آهيون ۽ آخري وقت، قرآن شريف جي تلاوت جو انتظام ڪري، ان دوران دم ڏيندا آهيون.

"توهان نوان ليکڪ آهيو نہ؟ ڇا ٿا لکو پٽ! توهان اڄ تائين ڪو امر جليل پيدا ڪري سگهيا آهيو؟ ڪو شيخ اياز پيدا ڪري سگهيا آهيو؟ هون! ڇڏيو بابا! لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. توهان ڏندي ڏاڙيءَ جي ڪيو. هونئن بہ اسان کي ڇا مليو آهي جو توهان ٿا لکو-؟"

"ڪتاب تيار پيو آ. مهاڳ ڪنهن کان لکايون؟ سوچيو اٿم تہ ڪنهن

ڇوڪريءَ کان لکايان؛ ها اِها نيڪ آ، پر "بي سَرِيَ آ" ها! اها آهي چڱي، پر لکي چڱو ڪانہ ٿي. ماڻهو ڇا چوندا؟! هل ڇڏينس ڀلا! پاڻ ئي ٿو لکي ڇڏيان. مون کي ڪهڙي ضرورت ڪنهن جي سرٽيفڪيٽ جي!؟

دوستو!اهڙن اديبن ماڻهن جي ويساه سان، ويساه گهاتي ڪئي آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اديبن ۽ ماڻهن ۾ وڇوٽيون آهن. اسان ماڻهن جي اعتماد تي پورا نہ لهنداسين تہ ماڻهن کي، اسان کي، نڪرائڻ جو پورو پورو حق آهي. بلڪ ان حالت ۾ اسان کي، ليکڪ چوائڻ جو ئي حق نٿو رسي!

پر اِئين بہ ڪونهي تہ سموري سنڌ ۾ سچ پٽي واڪا ڪري...... سنڌي ادب مجموعي طور تي نہ رڳو ايشيا، بلڪ دنيا جي سمورين ٻولين جي ادب سان نہ رڳو ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي. پر ڪوڙ هنڌن تي اڳتي بہ نڪري ويو آهي. دنيا جي سمورين ٻولين ۾ ڪو "لطيف" تہ ڳولهي ڏيکاريو؟ بلڪ ان کان بہ اڳتي سومرن جي دؤر جي پير صدرالدين، سمن جي دؤر جي شيخ حماد؛ اسحاق آهنگر ۽ مقبول احمد ڀٽي، ارغون، ترخان، مغل دؤر جي شاهہ ڪريم، لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت رضوي ۽ ڪلهوڙا دؤر جي شاهہ لطيف کان پوءِ بہ ٽالپور دؤر جي سچل سرمست ۽ سامي. انگريز دؤر جي قادر بخش بيدل، شمس الدين بلبل، مير عبدالحسين سانگي، مير حسن علي خان حسن، مرزا قليچ بيگ، حافظ محمد هارون ذلگير، فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڪشنچند بيوس ۽ ورهاڱي واري دؤر جي محمد عثمان ڏيپلائي، عزيز الله مجروح، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد ۽ شيخ اياز کان وٺي هيل جي حليم باغيءَ تائين سنڌ جي سوين ليکڪن ۽ ليکڪائن پنهنجي ضمير جي سچائيءَ سان، ٻوليءَ، ڌرتيءَ ۽ قوم لاءِ وس آهر پاڻ پتوڙيو آهي ۽ پتوڙي رهيا آهن.

۽ مون کي اِها بہ پڪ آهي تہ سنڌ جا سڄاڻ ۽ باشعور ليکڪ؛ پولينڊ جي انقلابي شاعر-چسلائوميلوش وانگي ڪڏهن بہ آمريڪا ۾ وڃي پناهہ نہ وٺندا ۽ نہ ئي ڪين نوبل انعامن جي ڪهڙ آهي: هو هتان جي ماڻهن لاءِ ئي ٿا لکن ۽ اهوئي هنن جو "نوبل پرائيز" آهي تہ "هو هن ڌرتيءَ جا ليکڪ آهن." مان پنهنجي باشعور ۽ سڄاڻ ليکڪن لاءِ يقين سان ٿو چوان تہ انهن لاءِ عراق جي "بابل" ۽ "ڪسريٰ محل"، "روم جي کنڊرن" ۽ "مصر جي اهرامن" جي ڀيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ”ابل“، ”جهڪر“، ”چينهو“، ”لوهر“، ”ڪاهوءَ“ ۽ ”موهن“ جا دڙا ۽ ”اروڙ“ ۽ ”پنيور“ جا کنڊر عظيم آهن. مصر جي ”درياءِ نيل“، لنڊن جي ”ٿيمز درياءَ“، ۽ روس جي ”والگا نديءَ“ کان وڌيڪ، اسان کي پنهنجي ”هاڪڙو درياءَ“ سان پيار هو ۽ ”سنڌو درياءَ“ سان پيار آهي. اسان بيلجيم جي ”واٽر لو“ واري ميدان (جتي نيپولين بونا پارٽ کي شڪست آئي هئي) کي ”ڏبي“، ”مياڻيءَ“ ۽ ”هالاڻيءَ“ جي ميدانن کان ڪڏهن به متاثر نٿا ٿيون. اسان وٽ ”ديوار چين“ کان عظيم حيدرآباد جو ”پڪو قلعو“، ”امر ڪوٽ“ ”رني ڪوٽ“، ”ڪوٽ ڏيجي“ ۽ ٻيا قلعا آهن. اسان، لنڊن جي ٻڪنگهم پيلس“ کان وڌيڪ ”روپا ماڙيءَ“، ”نيڪ راءِ جي ماڙي“ ۽ ”مومل جي ماڙيءَ“ جي آثارن کي عزيز ٿا سمجهون. اسان آمريڪا جي ”ناگرافال“ کي ”لڪي شاهه صدر جي چشمن“ کان مهان نٿا سمجهون.

اسان وٽ پنهنجي ”اسٽيٽ آف آئل“ آهي، اسان وٽ پنهنجو ”سنڌي سمونڊ“ آهي ۽ دوستو! اسان مصر جي ”الاظهر يونيورسٽيءَ“ ۽ لنڊن جي ”آڪسفورڊ“ ۽ ”ڪيمبرج“ يونيورسٽين جي ڀيٽ ۾ سنڌ مدرسو، ڏي جي ڪاليج، سنڌ يونيورسٽي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، سنڌ ميڊيڪل ڪاليج، ايل ايم سي، پي ايم سي، ڊي ايم سي، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۽ ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ کي پنهنجا عظيم تعليمي ادارا ٿا سمجهون جتي اسان جا شاگرد تعليمي شعور سان گڏ سماجي ۽ سياسي شعور به حاصل ڪن ٿا.

۽ اهڙي ڌرتيءَ جي سچاڻ ليکڪن کي، ڪرشن چندر وانگر لکڻ لاءِ نه الڳ ڪمرو کپي، نه فائونٽين پين گهرجي ۽ نه تمام سنا نيراڻ مائل پنا. اسان سندس ان راءِ سان به متفق ڪونهيون ته ”محبوب جي ڏک کي دنيا جي ڏک ۾ تبديل ڪري لذت وڌايون“

اسان ته سچي دنيا کي پنهنجو محبوب ٿا سمجهون ۽ ان جا ڏک سدا سنوان اسان جا ڏک آهن.

جڏهن پهرين جنگ عظيم لڳي تڏهن توهان کي خبر هوندي ته ١٧٧٠ع کان ١٩١٣ع تائين لڳل سمورين جنگين جي مجموعي نقصان کان وڌيڪ نقصان ٿيو هو. جنگ جي زد ۾ آيل ٢٥ ملڪن جو مالي نقصان ٣ ڪرب ٣٧.

ارب ڊالر ٿيو هو ۽ ۹۰ لک فوجي ۽ ۵۰ لک شهري اجل جو شڪار ٿيا هئا. ٻي جنگ عظيم ۾ ٻه ائٽم بم استعمال ٿيا. ۱۱ کرب ۵۰ ارب روپين جو مالي نقصان ٿيو. هڪ ڪروڙ ۶۰ لک فوجي ۽ ۳ ڪروڙ ۹۰ لک شهري اجل جو شڪار ٿيا! اسان کي دنيا جي ڪنهن به چيزي ۾ هڪ هڪ ماڻهوءَ ۽ هڪ هڪ پئسي جي نقصان جو ڏک آهي. پر ان کان وڌيڪ، تمام گهڻو ڏک شهيد نذير عباسي، نوڙي جي شهيدن، تعليمي ادارن ۾ پنهنجن توڙي ڌارين هٿان ٿيل شهيد شاگردن ۽ سنڌ جي ننڍڙين ننڍڙين وسندين تي فوجي هلائن ۾ ٿيل شهيدن جو ڏک آهي. سڄي دنيا اسان جي "ڏک پائي" ٽٽي نه ٽٽي پر سڄي دنيا جي ڏکن ۾ وري به اسان پاڳي پائيوار آهيون.

۽ دوستو! ۸ نومبر ۱۹۸۰ع تي جڏهن اسلامي چوڏهين صدي پوري ٿي، تڏهن اسان جي ڪوڙ سنڌ ياڦته ڏاهن، پنهنجي عزيزن کان ڏوهه بخشايا ۽ ڪلمو پڙهي سمهي پيا ۽ ۹ نومبر ۱۹۸۰ع تي پندرهين صديءَ جي پهرئين ڏينهن تي انهن پاڻ کي جيئرو ڏسي، ٻه رڪعتون شڪراني جي نماز ادا ڪري، هڪ ٻئي کي وڌيون وڌيون مبارڪون ڏنيون ۽ پوءِ قيامت جي آثارن تي ڳالهائڻ لڳا.

جڏهن ۱۹۸۳ع ۾ اسان جو قتل عام ٿيو ته ان کي قيامت جي پهرين نشاني قرار ڏنو ويو. جڏهن ۱۹۸۶ع ۾ ٻيهر اسان جو قتل عام ٿيو ته ان کي ٻي نشاني سمجهيو ويو. هتي فوجي ڇانوڻين جو چار ۽ ٽڙ جو ڏڪار به، هو چون ٿا ته قيامت جون ٻي نشانيون آهن!

اسان ٻالجتيءَ ۾ سنن بادشاهن جون خوبيون پڙهندا هئاسين ته هنن کوهه کوٽايا، رستا ٺهرايا، واهه وهايا... * ايڪيتاليهون سال آهي اسان اهڙي حڪمرانن کي ڳولهي رهيا آهيون. ٽڙ جي حوالي سان اسان انهن ۾ اهڙي هڪ به خوبي نه ڏٺي آهي. اسلامي جمهوري ملڪ ناتي ٽڙ جي ڏڪارين ۾ مسلمانن کي هندن کان به ڏوڪڙ متي، خيرات ڏني، هنن جو مطلب اهو ڪونهي ته ڏڪار کي ختم ڪيو وڃي پر شايد هنن جو مطلب آهي ته جيسين قيامت اچي تيستين اسان ڀڳڙن لپ وٺي قيامت جو انتظار ڪيون!

۱۱ جولاءِ ۱۹۸۷ع کي "۵ ارين جي دنيا جو ڏينهن" قرار ڏنو ويو ۽ هائي اقوام متحده جو آباديءَ وارو ادارو اها رپورٽ ڏني اسان کي ديڇاري

رهيو آهي تہ هر منٽ ۾ ١٥٠، هر روز ۾ لک ٢٠ هزار ۽ هر سال ٨ ڪروڙ ماڻهو دنيا ۾ وڌي رهيا آهن. ان اداري ڪي اهو بہ ڏک آهي تہ ٻارڙن جي موت جي شرح رڳو ٨٠ في هزار آهي. پر هن اداري کي اهو احساس ڪڏهن بہ ڪونہ آيو تہ ڪو سڄي دنيا ۾ هٿيارن تي اجايو خرچ ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو خرچ بچايو وڃي تہ ٥ ارب تہ ڇا؟ الائي ڪيترا ارب ماڻهو هن ڌرتيءَ ماءُ جي ٿڃ تي پلجي سگهجن ٿا. دنيا ۾ ٧٣ ڪروڙ ماڻهو مناسب غذا کان محروم آهن. ان اداري کي، ان جو ڪارڻ ڳولڻ جي ڪهڙي چو نہ ٿي محسوس ٿئي؟

عالمي کاڌ خوراڪ ۽ زراعت کاتي جو چوڻ آهي تہ ١٩٨٧ع ۾ جيڪو اناج اُپايو ويو آهي اهو سڄي دنيا جي ماڻهن جو ٻن سالن تائين پيٽ ڀري سگهي ٿو. پوءِ بہ هي ايٿوپيا، هيٽي، بنگلاديش ۽ سنڌ جا ٽري ماڻهو بُکيا ڇو؟ ۽ "هتي" برما، ايران، بنگلاديش ۽ افغانستان جا ماڻهو پيٽ ڀريو رکي سگهن ٿا تہ سنڌ جا ماڻهو ڇو نہ؟

قيامت جي ايندڙ نشاني ڪالا باغ ڊيم ۽ ان کان بہ وڌيون پلان ٿيل نشانيون ڏسڻ کان اڳ او سنڌ واسيو! اچو تہ سڀ گڏجي اِهو سوچيون تہ اسان کي هاڻ ان خيراتي ٽڪڙن مٿ تي گذارو ڪندي قيامت جو انتظار ڪرڻ گهرجي يا ـــــــــــ؟

ظفر عباسي

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي ساليانيءَ اجلاس 1988ع جي موقعي تي 31 مارچ 1988ع تي شيخ اياز جي صدارت ۾، پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٿيل "سنڌ جي بقا ۾ اديب جو ڪردار" جي موضوع تي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ينش

پاڪستان اسٽينڊرڊ ٽائيم مطابق ۹ ٿي چڪا هئا. مان ڪِرڻ جي انتظار ۾ بيٺل، پنهنجي گهر جي آڳنڌ ۾ کٽ تي ٻن وهاڻن کي ٽيڪ ڏيو، سنجي ڏينهن جي ٿڪ، ٿڪل ٿيل ماري ويهڪ جي ڪري، چيلهه جو سور ۽ ٿڪ پڃي رهيو هئس. ماني ڪاڻي رهيو هئس ۽ امان جي ڪرڪر به پڌي رهيو هئس. جيڪا چئي رهي هئي ته "ڏاڙهي منهن ۾ اچي وئي اٿس پر اڃان ماني ڪاڻ جو اقال به ڪونه سکيو آ!"

منهنجي هنج ۾ امن اخبار هئي، جنهن کي هڪ هٿ جي سهاري سان ٽيڪي، منجهس "قائد تحريڪ" ۽ "دختر پاڪستان" جا فوٽو ڏسي رهيو هئس ۽ ڪنهن ڪنهن مهل اکين ٽمڪائي، پرسان ڪنڌ ۾ ٽپائي تي رکيل ڪتارا ٽي وي ۾ ڏي نهاري، نيوز ڪاسٽر جي مٺي تان زبان جي سر ڪڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس. جتي هوءِ فاتحانه مسڪراهٽ چپن تي آڻي، چئي رهي هئي ته، "افغانستان جي هڪ وڏيڪ صوبي تي مجاهدن قبضو ڪري ورتو آهي."

ٺيڪ اِن مهل، جنهن مهل هن اهو جملو چئي پورو ڪيو، ڪهڪشان ۾ هڪ وڏو تجلو ٿيو. منهنجون نظرون از خود مٿي کڄي ويون. امان ڪان دانهن نڪري وئي. "اڄ وڙي هڪ تارو ٽٽي پيو!

مون هٿ ٻڌي خدا کان دعا گهري، "ٽي وي ۽ تي جنهن ڏينهن ڪابل تي قبضي جو ٻڌائين، تنهن ڏينهن ڪهڪشائن جي پارٽ اٿي منهنجا رب!"

مون مانـي ڪائي بس ڪئي، امان اڃان منهنجي ماني ڪاڻ جي انداز تي تنقيد ڪري رهي هئي. ڪيس ڪهڙي خبر ته هن ڪمپيوٽر ايج ۾ وقت ڪيڏي تيز رفتاريءَ سان ڊوڙي رهيو آهي ۽ ڪيس اِها به ڪهڙي خبر ته مان اڪيلو ماني ڪائي نه سگهندو آهيان. ان ڪري اخبار يا ڪتاب کي سهارو بنائڻ لازمي سمجهندو آهيان. ۽ هوءَ ڪو چاٽي ٿي ته "امن" اخبار اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن لاءِ ڪيتري نه فاعدي مند آهي، جيڪا هڪ ئي وقت پي پي پي، ايم ڪيو ايم، اين پي پي، مسلم ليگ ۽ سرڪار جي واحد نمائنده اخبار آهي. امڙ ته ويچاري صفا اپوجهه آهي. ڪيس ڪهڙي خبر ته افغانستان جا رهواسي، پنهنجي ملڪ جي باري ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جون خبرون ٻڌندا آهن ۽ عجب کائيندا آهن ۽ هڻ وقت ته "اسان" ۽ ته افغان مجاهد ڪاميابيءَ جي آخري ڏاڪي تي پهتا آهن! بهرحال امان جي تنقيد تي تنقيد ڪرڻ کان سواءِ، مان امڻ اخبار بغل ۾ وجهي، پنهنجي اوطاق نما ڪمري ۾ هليو آيس.

مون ته تي ڏينهن سنڌي اخبارون ورتيون هيون. ۾ نيٺ مون ڪي، انهن کي پڙهڻ لاءِ منهنجي سگهه جواب ڏئي ڇڏيو. سنڌي ماڻهن جو قتل عام. قاتلن جا نالا- ايڊريسون ۽ گرفتاريون، جلوس- انهن جون آزاديون! معصوم ٻارڙن جا لاش- عورتن سان زيادتون- اگهاڙا لاش، زنا تيل-؟! ارهن ڪپيل-؟! شهيدن جا نالا، ڪر تيلن جا نالا- ڏٻ ڪري ويل لاش؟! ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو قتل عام! ڪراچي سنڌ جي سِسي آهي. حيدرآباد ۾ سنڌي ماڻهو جو قتل عام! حيدرآباد، سنڌ جي دل آهي. ميرپور خاص ۾ سنڌي ماڻهن جو قتل عام! ميرپور خاص سنڌ جو بازو آهي. لاڙڪاڻي ۾ سنڌي ماڻهن جو قتل عام- لاڙڪاڻو سنڌ جو جيرو آهي- دادوءَ ۾، پڊعيدن ۾ سنڌي ماڻهن جو قتل- ڪهڙو شهر هو؟ جنهن ۾ لاش يا لاشن جي اهتمام لاءِ هٿيارن جا انبار نه لڌا ويا هجا. قاتل گرفتارين کان اڳ آزاد- مقتولن جاماڻ/ وارث جيلن ۾! ڪانڌي به ڪاٺ ۾! مونکان سنڌي اخبارون پڙهجي نه ٿي سگهيون. ۽ ان ڪري به جو مون کي "جنگ" کان نفرت آ ۽ "امن" سان محبت! سو مان ان تو پڙهان- جنهن ۾ صدر صاحب جو بيان آ، "ڪراچيءَ جي خونريزي حيدرآباد جو رد عمل آهي. ان ڪري حيدرآباد جا قاتل ڳولهيو"- جنهن ۾ دختر پاڪستان جو بيان آ ته، "اها سڄي چال اليڪشن ملتوي ڪرائڻ جي سازش آهي." جنهن ۾ الاهي پارٽين جي اليڪشن اتحاد جا بيان- پنجاب ۾ ٻوڏ جي متاثرن لاءِ فوجي جوانن، اداڪارن، راندليگرن ۽ اعليٰ کان اعليٰ سرڪاري عملدارن جا "ٻڙهه چڙهه ڪي" امدادي اعلان ۽ خبرون آهن، اميدوارن کي ٽڪيٽون ڏيڻ جون اپيلون، فيصلا آهن. پسند جا نشان الاٽ ڪرڻ جا مطالبا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان گهڻي تڻي اخبار پڙهي ويندو آهيان ۽ هتي ويني، پن ڪلاڪن ۾ اهاپڙهي ٻه ڇڏيم، پر ايڊيٽوريل ۽ جمع خان جو ڪالم نه پڙهندو آهيان، ته متان سچو نه مهاجر ٿي وڃان! بهرحال اڄ دل چيو ته ايڊيٽوريل پڙهي ڏسان ته، افغان مهاجرن جي ڪاميابيءَ سان هتان جي مهاجرن جي ڪاميابي ڪيتري لاڳاپيل آهي؟" مون اڃان ايڊيٽوريل پڙهڻ شروع ئي مس ڪيو ته منهنجي اوطاق نما ڪمري جو ٻاهريون دروازو کڙڪيو! ان وقت منهنجي ٽيهن روپين وري گهڙيءَ ۾ رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هئا. مان منجهي پيس. "امن" اخبار جي ڪنڌ ۾ ڇپيل هڪ اشتهار ذهن تي تري آيو. سنڌي مهاجر ٻائرن جيان هر جاءِ تي، هڪ ٻئي جي مدد ۽ حفاظت ڪن.

مون پنهنجي جيل جي ڪوليءَ نما ڪمري جو جائزو ورتو. جتي هڪ ٻيڙين ٻڌڻ جي ڇاپ، ان ۾ پن جو خاليءَ ڳوٿرو. ٻڇيل تماڪ. پنج اَٺ ڪليون ٻيڙين. هڪ قئنچي، هڪ منهنو ورائڻ لاءِ ننڍڙو چاقو. ڊالڊا جي ڊٻي ۾ ٻيڙين جا ٻڌل ٻنڊل! هيٺ هڪ ڳوڻ خالي وڇايل. هڪ ست ٻيندو سوتليءَ جي ڏاڳي سان ٻڌل ٻاڊيءَ وارو ريڊيو. ڇپت جو جڳ گلاس. هڪ پراڻو ٿرماس هڪ ٻه پيالا ۽ ٻه چار امن اخبارون نظر آيون. مون محسوس ڪيو ته "مون وٽ نه مدد لاءِ ڪجهه هو ۽ نه حفاظت لاءِ!"

مون تهَ رڳو اهو ڄاتو هو تہ مان ڪمپيوٽر ايج جو ماٺهو آهيان سو مون کي وقت سان گڏ ڊوڙڻو آهي. سو مان ڏاڍو ڊوڙيم. مئٽرڪ کان وٺي مان نوڪريءَ جي پوئيان ڊوڙيم ۽ ڊوڙندي ڊوڙندي جڏهن انٽر نيشنل رليشنز ۾ ايم- اي ٻه ڪري ورتم، تڏهن صاحبزاده يعقوب خان ۽ پنهنجي ٻاڊي هڪ جهڙي لڳي هئم ٻلڪل! بس رڳو ڊريس جو فرق هو سو سوچيو هئم ته شيروانيون ٺهرائڻ وفاقي حڪومت جو ڪم آهي. ۽ پوءِ مان ڊگريون فائيلن ۾ ڪڻي، وڏيڪ ڊوڙيو هئم. ڪمزور صوبن کان وٺي مضبوط مرڪز تائين، پر ڏٺم ته منهنجي رفتار وري ٻه ڏاڍي سست هئي. ريل گاڏيءَ کان جهاز تيز هو ۽ گاڏيءَ ۾ ٻه سيڪنڊ ڪلاس جا ڊٻا سليپرن ۽ فرسٽ ڪلاس جي گاڏن کان گهٽو پوئتي هئا. ۽ پوءِ جڏهن ڊوڙي ڊوڙي اڌ مئو ٿي ويس ته امڙ چيو.

"پٿهين مرحوم هزار ٻارنهن سؤ ٻيڙيون ٻڌي پوڙو گهر هلائيندو هو!"

امان وڏيڪ ڪجهه نه چيو هو ۽ مون ڏٺو هو ته واقعي مان ايڏو ڪمزور

تي ويو هئس جو ٻيڙين جي چاپ ٿي مس ڪوڏن تي برداشت ڪري سگهان ها! ۽ ائين مون اباڻو ڏنڊو اختيار ڪيو هو.

دروازو ٻيهر کڙڪيو.........

"مدد ۽ حفاظت لاء مون وٽ ڇا هجڻ گهرجي؟" مون سوچيو ۽ سماجي حيثيت ذهن ۾ آئي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو مون ته بس رڳو ڪمپيوٽر ايج سان منهن ڏيڻ لاء هڪ وقت ۾ به ٽي ڪم ڪرڻ جو ٿي فيصلو ڪيو هو ۽ ائين ٻيڙين جي پاڻدي تي ٻيڙيون به ٻڌندو هئس ته انڊيا جا فلمي گانا به ٻڌندو هئس. جيڪو گهٽو گهٽو پوء اڪثر هلي سمجهه ۾ آيو ته "اهي ته اسان جي طبقي جي ماڻهن لاء رڳو چٽر ۽ ٽوڪ آهن" ان ڪري پوء مون ملڪ کان اڳ ۾ پاڻ کي عين اسلامي اصولن مطابق ڍالڻ شروع ڪيو ۽ قواليون ٻڌڻ لڳس. پر اڪثر هلي خبر پئي ته عزيز ميان قوال به پارٽي ايجنٽ آهي. سو پوء مون ڏج کان غلام فريد صابري قوال ۽ همنوا ۽ ٻين کي ٻڌڻ شروع ڪيو. جيڪي اڳي چوندا هئا ته "آئو مديني چلين" ۽ هاڻي چون ٿا ته "مديني والي کو ميرا سلام کهدينا!"

دروازو هاڻي اهڙي زور سان کڙڪيو، جو مون سوچيو ته عزت انهيء ۾ آهي ته کولي ڇڏيان! نه ته دروازي ۾ دم ڪيترو؟ مدد لاء ته مون وٽ ڪجهه هيو ئي ڪونه! حفاظت لاء منهنجي دل چيو ته پنن ڪٽڻ واري قئنچي ۽ منهن وراڻڻ ورو چاقو ڪٽي وٺان، پر آتشين اسلحي جو تصور آيو ته ڪلي پيم ۽ اشهد ڪلمو پڙهي دروازو کولي ڇڏيم.

سلام دعا ڪانسواء ئي هڪ ماڻهو اندر لنگهي آيو ۽ خاموشيء سان کٽ تي ويهي رهيو. مون هن جي هٿن ڏي ڏٺو، جي خالي هئا. مون هن جي سيپڪ جسم کي گهوري ڏٺو ۽ جڏهن پڪ ٿيم ته هن جي لڱن تي رڳا ڪپڙا ئي هئا، تڏهن ٿڌو ساه پري، خير عافيت پڇڻ بنان ئي پڇيومانس:

"اوهان جو تعارف؟"

"تون جيڪڏهن به ڪلاڪ ڪن اڳ هن ڪمري کان ٻاهر هجين ها ته تون مون کان تعارف نه پڇين ها!" هن چيو.

"ڇو! اوهان پوليس جي گاڏين جي پهرن ۾ آيا هيئو ڇا؟" پڇيم.

"نه" هن ڏاڍي ڌيرج سان وراڻيو. "ڪهڪشان ۾ هڪ تارو ٽٽو هو!"

—مون هن کي چوڻيءَ کان وٺي ننهن تائين ڏٺو. گهوري ڏٺو. ڪو وقت مان ڪيئن ڏسندو رهيس پر سمجهي نه سگهيس. اوچتو خيال آيو ته مان رڳو هڪ ڪم ڪري رهيو آهيان! تڪڙ ۾ اٿيس. ٻي ٽيڙيءَ ۾ پڃايل پڻ ڪي چنبڪو ڏنم. هيٺ ڳوڻ تي پلٽي هٽي، ڊالڊا جي دٻي مان جوڙيون ڪڍي پاڻي ۾ هنيم. ڊٻو آڏو ڪري ڦٽڻي هٿ ۾ ڪٽي ڀريون پڻ ڪٽيندي هن ڏانهن نهاري وري پڇيم:

"اوهان پنهنجو نالو ته ڪونه ٻڌايو!" مان پڻ ڪٽيندو رهيس. هو ڪي پل مون ڏانهن ڏسندو رهي. مون ٻيهر ڪانئس پڇيو "اوهان پنهنجو نالو ته ڪونه ٻڌايو؟"

"واقعي! وقت ڏاڍو تبديل ٿي ويو آهي!" هن ٿڌو شوڪارو ڀري چيو.

"اوهان کي واٽ تي پوليس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن تنگ ڪيو نه؟ اصل ۾ حالتون ئي اهڙيون آهن. اڄڪلهه سڄي صوبي ۾ قلم ۱۴۴ لاڳو آهي. رات جو ائين ڪانپوءِ گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. ان ڪري ئي مون به در ٺي نه پٺي ڪوليو. پر......." مان خاموش ٿي ويس. ڏانهس ڏٺم ته هو منهنجي ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ بنان، ڪمري ۾ لڳل ڇاريءَ ۽ ڀتين ۾ پيل ڏارن ڏانهن ڏسي رهيو هو. خاموشي محسوس ڪندي، هن مون ڏانهن ڏٺو.

"وقت ڏاڍو ظالم آهي!" هن ڳالهايو.

"ها وقت، جي ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين يار!" مون کي شڪ پيو ان ڪري ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيم "بس رات پالهي ڪرڻي آ: جو ٻيڙين جي ڪوٺي لڳي پئي آهي: ٻاڏارا ستر رپيا ٻڌائي ڪرڻ لاءِ هڙتال تي آهن. مون کي سيٺ اندران ئي اندران ستر روپيا ڏئي ٿو پيو. ڳذر ته ڪرڻو آهي نه يار! ڇا ڪجي، ڊبل ڊيوٽي ڪرڻي ٿي پوي! نه ڪيان ۽ ڏئي سيٺ مون کي به اڪارو ڌاڳو ٻڌڻ لاءِ ته پٺي ڏينهن ڇا ڪندم؟ ڪو ٻيو هنر به ته ڪونهي نه!" مون پٽي جي ڏانءِ لاهيندي ڳالهه پوري ئي مس ڪئي ته هن ڳالهايو.

وقت ايڏو بي رحم به ٿي سگهي ٿو! اهو مون سوچيو به ڪونه هو. هو ڏاڍو سنجيدو هو.

"بس يار ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين وقت جي!" مون وري ڳالهه بدلائي "سيٺ آجو به منهين بلا لڳو پيو آ. زيڪو پڻ چئي ٿو ته اڄڪلهه اڇي ڪونه ٿو اندبا مان. سادو پڻ گهرائي چئي ٿو "صفائي به ٿڻي کپي ۽ اٽارو

به وڏيڪا." اڏيءَ تي ٽورو هٿوڙو لڳي ٿو وچي سرس ته چئي ٿو "پن زيان ٿو ٿئي، منهنجي نقصان جي پرواه ڪانه ٿا ڪيو." نتا پن ڪئيون ته چئي ٿو "هيڙيءَ ۾ شو ڪونهي." تماڪ جو پته ساڳيو حشر آهي. سٺو ڳهرائي ڪونه، سادو ٿا استعمال ڪيون ته پن ٿو ڦاڙي، پن بچائڻ لاءِ هٿون ٿا پاٽيءَ چنبوا ته چوي ٿو "هيڙي تي هنجي." اهو ته ڇاڙاڪي هٿڻ تي به ڪر ڪرا ٿو ڪري، سڌو ٿا هٿون ته چئي "فنشنگ شودار ڪونهي. هيڙيءَ جي لئي ٿي مري." بيند هٽي پاسنيرو ڊاڪو ٿا هٿون ته پنجڻ سان ڳل ڦاڪي جي جتاءِ نه ڪرڻ جي به شڪايت ٿو ڪري، ڪڏهن ڪڏهن ته قوان دل چوندي آ ته تماڪ بدران ڪيٻس ئي پن ۾ ويڙهي، ننڍي وڏي سائيز ۾ ته ايندو ڪونه، وڏيءَ تلهي فرمائشي ٽائيپ ۾ فٽ ڪري تيلي ڏئي ڇڏجيس! پر ڇا ڪجي؟ اها ستين نمبر تماڪ جي ڳاڙهي ڊاڪي واري تيزءَ ڪڙي هيڙي پيئندو ڪير؟" مون مسڪرائيندي ڳالهه پوري ڪئي!

"مان جي تنهنجي ڳالهه بدلائيندس ته تون شايد سمجهندين ته مان تنهنجي دڪن ڪان لا تعلق رهڻ ٿو چاهيان، پرمان توڪان هڪ ڳالهه پڇڻ ٿو چاهيان ته سنڌ جي مهمان نوازي ڪيڏانهن وئي؟".

هن انتهائي وياڪلتائيءَ مان پڇيو: مان ايڏو وقت، هن ڪني الائي ڇا سمجهندي، جيڪو لم لپ ۾ گذاريو، سو مون کي اورانگهٽو ئي پيو.

"گهٽا پيتڪا پڌا اٿئون، مهمان نوازيءَ مان! هون- هاڻ ته منهمان گهرايندي در به نٿا ڪڙڪائين، چون ٿا ته "پنهنجي پيءُ جو گهر ٿئون؟". مون چئي ڏنو. ڦئنچي ذري گهٽ منهنجي آڱر تي ڪٽي، مون ڏنو، هو جواب ٻڌي گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو. مان اٿي گهر ويس. ماني جيڪا پڪل هئي سا اٿي سندس اڏو رکيم.

"پنهنجن سان ڪهڙو حجاب؟ ڪهڙا حساب يار! تون ماني کاءُ! جيسين گهر ۾ ڪجهه هوندو تيسين گڏ کائيندا اسين!" مون چيو. هن مون ڏانهن نهاري مسڪرائي ڏنو.

"روح، ماني ڪونه کائيندا آهن!" هن چيو

"پنهنجو گهر اٿئي!" مون کلي چيومانس.

"ائين نه چوندو ڪر هاڻ! ڪنهن کي به!" هن سختيءَ سان چيو ۽ اٿي، ماني ڍڪي پاسي تي ڪري رکيائين. ڪي پل سانت رهي. مان پن ڪنيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيس. هو منهنجي ڪمري جي ڇت ۾ گهوري رهيو هو. ڪوڙ مهل کانپوءِ ڳالهايائين:

"لاڙڪاڻي ضلع جا محمد پنهل ٻگهيو، حاجي محمد ايوب مستوئي، قربان علي مستوئي، بشير احمد جلباڻي، امير حمزو، شهزادو جلباڻي، محمد نواز گوپانگ، منظور بيگ گوپانگ، نواب گوپانگ، خادم گوپانگ، رضيه گوپانگ، منظور احمد چوهاڻ، منور حسين پناڻ، خادم حسين محڪم الدين کهڙو، غلام سرور کهڙو، خان محمد بليدي، نور محمد، مظفر، داد محمد شيخ سڃاڻين؟"

مان پريشان ٿي ويس، مون کي اهو ٿي شڪ هو، تڏهن ته هن سان مان پنهنجي معاشي مشڪلات ۽ روزگار جي مصروفيتن تي ڳالهايو هو. "فيڊرل بيورو آف انويسٽيگيشن جا ماڻهو اهڙا به ٿي سگهن ٿا ڇا؟" مون سوچيو.

هن ڪوبه جواب نه پائي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"ڀلا خيرپور ضلع جاوزير حسين ڪونڊر، عبدالغفور شيخ، عبدالمجيد شيخ، اعظم شيخ، سبحان علي شيخ، عظمت الله شيخ، عبدالمحفوظ شيخ، سکر ضلعي جا الاهي بخش ڪلهوڙو، زبير احمد سيال، قائم الدين، ممتاز جتوئي، امين الدين عباسي، جيڪب آباد ضلعي جا عارف ڊومڪي ۽ عارب ڊومڪي، نواب شاه ضلعي جو غلام اصغر راڄپر ۽ شڪارپور ضلعي جا اميد علي پيو، نور محمد ڏيتو ۽ ممتاز احمد سڃاڻين؟"

مون ڪان پن ڪنڻ وسري ويا مون ته سندس ڪچهريءَ ڪان پوءِ سوچيو هو ته ڪو پرديسي آهي سو رات ترسائي، پوين جا منهن ورزائيندو مانس ته جيئن ڪچهريءَ سان گڏو گڏ منهنجو ڪم به اڪلجي پئي پر..... مان اٿيس ۽ اٿويهه سؤ ٻڙيءَ جي ترماس مان چانهه جو پيالو ڀري اڇي هن آڏو رکيو.

هن چانهه جو پيالو مون ڏانهن واپس ڪندي چيو، "اوهان کي رات پالهي ڪرڻي آهي. چانهه پاڻيءَ جو ٺمر اوهان ئي استعمال ڪيو."

منهنجون اکيون ڏرا ڏئي ويون، مان پنهنجي ان حرفت ۾ به پاڻ کي ڪامياب ٿيندي نه ڏٺو. هن ٻيهر ڳالهايو.

"ڀلا ڪراچيءَ جي مختلف علائقن جا محمد عباس گبول، عبدالتحسين شيخ، عبدالغفار، سبحان، خدابخش سميجو، عبدالستار، يارو، هوران، ابراهيم، امير احمد، علي محمد، خدابخش، بشير احمد، عبدالرحمان ڪيهر، نورمحمد ڏيتو، نورمحمد سولنگي، علي محمد ٻگهيو، ابراهيم مينڊرو، اسحاق، مينهون خان، محمد سليمان، علي محمد سولنگي، محمد عثمان ميمڻ، محمد صفر،

سوڍو خان برفت، پيربخش برفت، نازو سابرو، ساماٽي سابرو، زليخان سابرو، الهڏنو سابرو، خدابخش سابرو، محمد علي سابرو، بڪرلاخان، هيران، ڪوثر سپاهي، نور بيگم ۽ جميل ڪي سڃاڻين؟".

مان نالن ڏي ڏيان ڏيڻ بدران سندس ذهانت تي وائڙو ٿي رهيو هئس ته هن ايترا نالا ڪيئن ياد ڪيا ۽ مان پريشان ان ۾ به هئس ته انهن ايترن ماڻهن آخر ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي جو هي ماڻهو جاچ لاءِ آيو آهي. وري مونجهه ان ڪري به ٿي ته جاچ لاءِ به هي ماڻهو مون وٽ ڇو آيو آهي؟

هن ٻيهر ڳالهايو "اصل ۾ ڪراچيءَ جي ١٠٥ ماڻهن جي باري ۾ اوهان کان پڇڻو هو پر ٻيا نالا ياد نه ٿا اچن."

مان چانهن جو پيالو زندگيءَ جو آخري چانهه جو پيالو سمجهي وڏاوڏا ڍڪ ڀري خالي ڪري ڇڏيو.

پلا حيدرآباد واري واقعي جي نديم عرف پورو پتي، آچر راهمون، امجد عمراڻي، اختر ميمڻ، قمرالدين شيخ، سليم، اڪبر شيدي، عطامحمد ميمڻ، محمد علي قاضي، مظفر علي شاهه، محبوب شاهه، حسين بخش شيدي، نديم ميمڻ ۽............." هو ترسيو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين "ڏنئي ١٠٦٠ ڄڻن مان اهي ناﻻ مس ياد ٿيا آهن. خير پلا انهن کي سڃاڻين."

مون کي ڪي پل خاموش ڏسي هن ڳالهايو:

" پلا مولابخش مڱڻهار کي سڃاڻين؟ اهو ته تنهنجي شهر جو آهي!؟" مان ڏکي ويس شهيد مولابخش مڱڻهار جو نالو ٻڌي.

"مان توکي ٻڌايان ٿو!" چئي مون پاڻيءَ جو گلاس پيتو ۽ چيو مانس "تڪڙ ته ناهي نه، رات پئي آهي!"

" مون کي تهنجي وقت جو به احساس آهي!" هن وراڻيو.

مان اٿي ڪٿ تي سندس پرسان اچي ويٺس. "تو کي اهو ئي ڪجهه پڇڻو آ نه؟" مون کانئس پڇيو.

" ها!" هن وراڻيو.

"ايترو ڪجهه پڇڻ کان اڳ تون پنهنجو رکو نالو به نه ٻڌائيندين؟" مون چيو.

"موهن!" هن جي مختصر ورنديءَ منهنجو مٿو چڪرائي ڇڏيو. مان تڪڙ ۾ ڪانئس ٿورو پرتي سرڪي ويس. هندستان جون "را" ۽ "بليڪ ڪيٽ" خفيه ايجنسيون هڪدم اکين آڏو اچي ويون. مون نماڻائيءَ مان ڏانهس

نهاريو. هو هڪ ٽڪ مون کي گهوري رهيو هو. جڏهن مون ڏانهن ڪو نهاريندو آهي، تڏهن مان سندس پاوناڻون، پاڻ پي نه سگهندو آهيان. ان ڪري مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”ٽيهين سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جي رات تي ڪهڪشان تان مون کي سنڌ جو نقشو رت سان لال ٿيندو نظر آيو. منهنجي دل رت رني، ان مهل کان مان هيڏي اچڻ جي سٽن ۾ لڳي ويم پر جان نه ڇٽي. نيٺ اڄ رات سوا نوين ڌاري ڪهڪشان سان بغاوت ۾ ڪامياب ٿيس ۽ هيٺ لهي آيو آهيان. رستي تي سنڌ جي به سؤ کن شهيدن سان ملاقات ٿي جن مان ڪن جي باري ۾ توکان پڇيم. مون کي حيرت آ ته اڄ کان پنج هزار سال اڳ اسان جي سنڌ ڪيئن هئي ۽ اڄ جي سنڌ ۾ وقت ۽ حالتون ايڏيون ظالم ٿي سگهن ٿيون!؟“
هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ وري ڳالهائڻ لڳو:

شهيدن پڇي ٿي چيو ته، ”سنڌ واسين کي چئجان ته سنڌ کي بچايو!“ ۽ آءٌ به انهي لاءِ ئي ته آيو آهيان. بس رڳو هڪ عرض ڪرڻ ته ”مون کان اجان پنج هزار سال اڳ جي موهن جي شهر جو ئي ڏک نه لٿو آهي! خدارا سنڌ کي تباهه ٿيڻ کان بچايو.“ هو اوچنگارون ڏئي روئي پيو. ايترو وقت ضبط ڪري رکيل سمورن ڳوڙهن، هن جي اکين جا بند ڀڃي ڇڏيا. هو سنڌ ڪنڊي قميص جي آڪي سان ڳوڙها اگهندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

”او موهن جي شهرجا موهن! موهن جي دڙي جا موهن!! سنڌ جا موهن!!!“
مون سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.

”ٻاهر غير سرڪاري طور اڻ اعلان ٿيل ڪرفيو آهي ۽ رات جو اٺين ڪانپوءِ گهرن کان ٻاهر نڪرڻو ڪونهي. هو توکي ماري وجهندا.“ مون چيو.

”مان هنن جي مارڻ کان وڌو آهيان. مون کي سمورن شهيدن جي گهر وارن ۽ سمورن سنڌ واسين کي شهيدن جو سنديش ڏيڻو آهي. تون مون کي نه روڪ!“ هن مون کي چيو.

منهنجو هٿ ڍرو ٿي ويو ۽ موهن دروازو کولي ٻاهر هليو ويو.........●

(1988ع)

سنڌو وهندو رهندو

پرس جي هڪڙي ڪيسبي مان، سوپارين جو هڪڙو پئڪيٽ ڪڍي، پرس کلهيءَ ۾ وجهي، پئڪيٽ مان سيموريون سوپاريون، سڄي هٿ جي ترِيءَ تي رکي، هٿ مون ڏانهن وڌائيندي، هن چيو: ”لڳي ٿو، پاڻ اڳئين جنم جا وڇڙيل آهيون!“

”اڳئين جنم جو ڊراپ سين پنهنجي وڇوڙي تي ٿيندو آهي.“ مرڪي، هلندي هلندي منهنجا قدم رڪجي ويا. پل جي پاڻين جي سيف گارڊ کي ٽيڪ ڏئي، مان بيهي رهيس. هوءَ مون کان بيخبر اڳتي وڌندي رهي. مٿون هيٺ نهاريو. پل جي هيٺان گجگوڙ ڪري معمول جيان وهندڙ پاڻيءَ ۾، هيل ماٺار هئي. موت جهڙي ماٺار. پل جا سڀ دروازا بند هئا، ان ڪري پل جي هيٺين پاسي وارو پاڻي بيٺي بيٺي ساڳئي تي رهيو هو، ٽوڙو اڳيان! سڄي سنڌوءَ جو پيٽ پيٽاري بڻيل هو.

”ڪالاباغ ڊئم ٺهڻ سان سنڌ کي ڪيڏو نقصان پوندو؟“ هوءَ شايد موٽي اچي پر سان بيٺي هئي.

”ڪوبه نه! سواءِ ان جي ته پوءِ پل جي هن پاسي به درياءَ جو پيٽ، پاڻيءَ کان خالي ٿي ويندو. هي مهاڻا پوءِ لفظ اڏاڻي تاثير پاس ڪندا يا سنڌوءَ جي پيٽ مان بلڊرس ڪارپوريشنس کي ”واري“ سپلاءِ ڪري پيٽ پالڻ جي ڪوشش ڪندا. هن ٿڌو ساهه کنيو. مون ڳالهه جاري رکي: ”۽ جڏهن مرڪا ٿيو، اسان جهڙا ماڻهو، ”واري“ ڪاڻي پيٽ پرڻ جي ڪوشش ڪندا ته هي بلڊرس ڪارپوريشنز وارا! مينهن ”لاءِ پاڏائيندا ته جيئن هو، بنگلن جي اڏاوت ڪٽڪ سان ڪري سگهن.....“

هن پانهن کان وٺي مونکي پاڻ ڏي ڇڪي ورتو.

”مان سمجهان ٿي...“ هوءَ چپ ٿي وئي. پٺي هلڻ لڳاسين. ”مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهان تي تہ پُلين تي وڏو خرچ ٿو ٿئي نہ، ان ڪري ٿا درياءَ سڪائين. درياءَ بند ڪري، ان جي پيٽ مان روڊ ڪڍي ڇڏيندا تہ جيئن پُلين جي خرچ کان بچي پئون!“

”ڇڙي ڇوڪري ڇمَرَ جي!“ مان ڪلي پيس. ”مرڪ! تنهنجي، منهنجي ۽ هن ڇڳ جي هر ماڻهوءَ اندر هڪ درياءَ هوندو آهي. جڏهن جو هڪ اڻٽٽ وهڪرو! جنهن تي هنڌين هنڌين آشائن جون پُليون هونديون آهن. درياءَ جي اُن ”وهڪري“ کي ”زندگي“ ۽ ان درياءَ جي ”سوڪهڙي“ کي ”موت“ چيو ويندو آهي.“

مون هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ ڄامشورو پل کي ڏاڍي حسرت سان ڏسي رهي هئي. هن جون نگاهون پُل جي دروازن تان ٿينديون روڊ جي هن طرف ”المنظر ريسٽورنٽ“ تان ٿينديون، روڊ جي هِن پاسي، ساوَن ساوَن ٻوٽن، وڻن ۽ پارڪن تي رڪجي ويون.

”چانهن پيئون؟“ هن جي مُک تان ٿڪاوٽ جا نشان سولائيءَ سان پڙهجي پئي سگهيا. مون هن کي ايڏو ٿڪل ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

”پئسا گهٽا اٿئي؟“ مونکي خبر هئي تہ هنَ جي پرس ۾، ٻن ٽِن سوپارين جي پُڙين، ٻن ٽن خطن ۽ ٻن ٽن سپڻن ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي هوندو. اهڙيءَ ريت هن کي بہ خبر هوندي آهي تہ مون وٽ، ٻن ٽن سگريٽن ڪانسواءِ اهائي ملڪيت هوندي آهي جيڪا وٽس هوندي آ.

”چار رپيا آهن“ هن وراڻيو. مون مرڪي ڏٺو. اسان ٻئي روڊ جي پرَ واري پارڪ ۾ پيل ڪرسين تي ويهي رهياسين. هيءَ عمر اسانجي اهڙي آهي، جو جيڪڏهن مائٽ ڪجهہ بہ نہ ڏين تہ هو ناحق تي نہ ڇٽبا. پر پوءِ بہ هو اسانکي روز پنج پنج رپيا ڏئي، ٿورائتو ٿيڻ جو موقعو ڏيندا آهن.

”تہ پوءِ تہ، هيءَ ساوڪِ! هي ٻوٽا، هي پارڪ، هي وڻ ٽڻ، سڀ سُڪي ويندا!“ هن اُداسيءَ جي پاتالن مان ٻاڪاريو.

”ظاهر آ“ مون مختصر جواب ڏئي مُرڪَ کان لِڙڪَ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تہ! پوءِ تہ هِتي ڪو بہ نہ ايندو!“ هن معصوم ٻار جيان چڻ سڏ ڪندي چيو.

”قبرستانن ۾ ڪير ايندو مُرڪ؟“ مون آڪاش ڏانهن نهاري ٿڌو ساهہ ڀريو. جهڙالي آڪاش مان هلڪيون بوندون برسڻ لڳيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ، نہ! ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو! پاڻ سنڌوءَ کي سُڪڻ نہ ڏيندا سين! پاڻ سارنگ ڳائي، مينهن وسائيندا سين. لڙڪن سان سنڌوءَ کي سيڙاب ڪندا سين!“ مون هن جي اکين ۾ ڏٺو. مون کي لڳو، آءٌ ”مائي بختاور“ سان اکيون ملائي رهيو آهيان.

”مرڪا! هي بہ تہ اسان جون آهون آهن. هي بہ تہ اسان جا لڙڪ آهن. هنن تي بہ تہ اسان جو حق آهي. پاڻ هنن آهُن ۽ لڙڪن جي حفاظت ٿي نہ ڪري سگهياسين تہ بيا لڙڪ ۽ آهون بہ تہ ائين ٿي......“

برسات جو هڪ زوردار ڦيهو اسان جا ڪپڙا پچائي ويو.

چانهن آئي. چانهن جو ڪوپ وڏائيندي ڏانهس نهاريم. بدن سان چهٽيل ڪپڙن جو خيال ايندي ئي حياءَ ۾ ويڙهجي وئي.

”ڄامشوري جي هوا ڏاڍي ٻلي آهي. ڪپڙا جلدي سڪي ويندا آهن!“ مون چانهن جي سُرڪ ڀريندي چيو. هن مرڪي ڏٺو. چانهن ختم ٿيڻ تائين ڪنهن نہ ڳالهايو.

”سرڪار تہ چيو پئي تہ ڊئم ٺهڻ سان اسانکي ڪو نقصان ڪونہ ٿيندو؟“ هن پرس مان سوپارين جو پڪيٽ ڪڍندي چيو.

”سرڪار کي ڪهڙو نقصان؟ سرڪار کي تہ اجا بہ چار آنا فائدو پوندو!“

”فائدو! ڪهڙو؟“ هن هٿ تريءَ تي لاٽل سوپاريون مون ڏانهن وڌايون ۽ ڪُڻ ڪان ڀهريائين، تريءَ کي جهٽڪو ڏئي مون ڪان پري ڪري ورتائين.

”چانهن ڪانپوءِ سگريٽ ضروري آ. ٻلي پيءُ!“ مون ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

”منهنجي تصور ۾ تون سگريٽ پيئندي، مونکي ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهين. هڪ دفعو حقيقت ۾ رو برو پيءُ، ڏسان ڪيئن ٿو لڳين!“

”۽ منهنجي تصور ۾ جڏهن بہ ”تون“ هوندي آهين تڏهن سگريٽ ناهيان پي سگهندو. سو حقيقت ۾ ڪيئن پي سگهندس!“

”تہ هونءَ چو پيئندو آهين؟“

”مينٽل اسٽيميوليشن لاءِ ۽ تو جهڙي هاءِ سورس آف اسٽيميوليشن گڏ هوندي، ڪهڙو ڪافر سگريٽ پيئندو؟“ هوءَ مرڪي پئي. موٽايل هٿ تري، ٻيهر مون ڏانهن وڌايائين. ”بهرحال! هڪ دفعو توکي مون روبرو پيئڻو پوندو!“

واعدو نٿو ڪيان!“ مون سندس هٿ تريءَ تان بہ چار داڻا سوپارين جا

ڪئي وات ۾ وڌا:

”سرڪار ڪي ته پئي چيو ته ٻه چار آنا فائدو رکندو!“ هن تسلسل ڳنڍيندي چيو.

”طبقاتي اڻبرابري، ذاتي دشمنيءَ ۽ جهالت سببان خون ٿي ويل ماڻهن جا لاش پوءِ سنڌوءَ ۾ ڪونه ايندا. مرڪا ۽ هيءَ انهن جي جاچ جي خفي ڪان ڇٽي پوندا. نه ته ڪڏهن ڪڏهن ”آڊٽ“ ۾ سندن اهليت تي ٿوري گهڻي آنچ اچي ويندي آ نه!“

اسان ٿي گهڙيءَ لاءِ خاموش ٿي وياسين.

پل تان اين. ايل. سيءَ جا وڏا ٽريلر ۽ ڪريون گاڏيون گذري رهيون هيون.

”پل جي ضمانت جي تاريخ گذري وڃڻ ڪانپوءِ وڏين گاڏين جي ڪراس ڪرڻ تي ته پابندي آ نه؟“ مرڪ حيرانگيءَ مان پڇيو.

”هن ملڪ جي سيڪيورٽي، قانون ۽ اصول تي عمل درآمد ڪرائڻ بدران انهن کي ٽوڙڻ جو ٽئڪس وٺڻ لاءِ مقرر ڪئي ويندي آهي. پنجاهه ۽ سو جي نوٽن ۾ وڏي طاقت آ مرڪا هيءَ ته نازڪ پل تان وڏيون گاڏيون پاس ٿي ٿيون وڃن پر جي پل نه هجي ته به انهن جي مهربانيءَ سان اهي گاڏيون درياهه ٻه ڪراس ڪري ويندي يون!“

مرڪ اداس ٿي وئي.

سامهون هڪ جوڙي ڪان سپاهيءَ ڪئميرا کسي ورتي. مرڪ مون ڏانهن نهاريو. ڄڻ مون کسي هجي!

”مرڪا سرڪار ۽ ڪامورا شاهيءَ جي نظر ۾ ملڪ جي هر ٽيجن مان چار ماڻهو سندن مفادن جي خلاف آهن. يا ته، افغانستان يا روس جا ايجنٽ آهن. ان ڪري سيفٽيءَ لاءِ اهي احتياطي تدبيرون آهن.“

هوءَ اڃان به اداس هئي. سندس اداسي منهنجي برداشت کان ٻاهر هئي. مون موضوع مٽائڻ چاهيو.

”امان ڪالهه رات ڇلهه تي ڪچهريءَ دوران“ واريءَ ۾ پڪل“ پلي جي ذائقي جي ڏاڍي تعريف پئي ڪئي، جا مون ڪان سٺي نه ٿي. مون ڇٽي ڏنو، ”امان! ڄامشوري جي پل ٺهڻ کانپوءِ پلو ڄامشوري تائين ايندو هو، پر هاڻي جو درياهه ۾ رڄ پئي ٿي واڪا ڪري، سو پلو مٿي اچي ڪيئن؟ هاڻي آءٌ ته

واريءَ ۾، گدرا ڇڄائي ڀلي جي وَٽ وٺون.“

مون مرڪ ڏانهن نهاريو. امان جي چهري وانگر، سندس چهرو به، خالي سنڌوءَ جي سيني جيڏو پريشان ٿي ويو. ڪي پَل خاموشيءَ ڪانپوءِ هن ٿڌو ساهه ڀري ڳالهايو.

”مون سوچيو هو- هوءَ ڳيت ڏئي چوڻ لڳي، ”مون سوچيو هو ته هيل اسڪالرشپ ملي ته پاڻ گڏجي ”المنظر“ تي پلو کائينداسين.......“ هن ڀنهي هٿن جون آڱريون هڪ ٻئي ۾ جڪڙائي ڇڏيون ۽ جملو اڻ پورو ڇڏي ڏنو. مون هن جي اکين ۾ نهارڻ چاهيو. هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ پرس مان ٻين روپئي جو نوٽ، پليٽ جي اڌ دائري هيٺ رکيائين.

”مُرڪا! مون ڪيس سڏيو.

”جي......!“ هن وراڻيو.

”ٿورو مٿي نهار!“ هن مٿي نهاريو. هن جي اکين ۾ ساڳي ويراني هئي. هن ڪنڌ نمائي ڇڏيو.

”مُرڪا حوصلو رک! حالتون سڏائين انهن هٿن ۾ نه هونديون. تنهنجي ۽ منهنجي هٿن ۾ به ”شڪتي“ آهي. سنڌو وهندو! ضرور وهندو ۽ پاڻ ضرور پلو کائينداسين!“ هن ٿيڻ مٿي ڪنيا! هن مهل هن جي اکين ۾ به مشعلون هيون ۽ مک تي مُرڪ.

جهڙالي آ ڪاش مان هلڪيون بوندون ٻيهر برسڻ لڳيون.

(1986ع)

نيڻ ڪشڪول

جڏهن دنيا جون سموريون رسمي ڳالهيون ڪري ورتيونسين ۽ خاموشيءَ جي ساهي، ڏکهي ٿي وئي، تڏهن مون ڏانهن نهاري هن پڇيو:

"هُن ڪم جي باري ۾ ڪونہ پڇندين؟"

"اِهو يقين اٿم تہ هاڻِ اهو مسئلو منهنجو نہ، پر تنهنجو آهي، جڏهن بہ ڪا پراگريس ٿي، تون پاڻ ئي انفارم ڪندينءَ."

"ڪائونٽ ايبل تہ نہ، پر پوءِ بہ ڪجهہ پراگريس ٿي ضرور آهي، پر ان انفرميشن ڪان اڳ آئون توکان تنهنجي دوست جو تفصيل ٻيهر ٻڌڻ ٿي چاهيان."

"منهنجو دوست رواجي ماڻهو ڪونهي....."

"ظاهر آ تو اسانجا دوست رواجي ٿي نٿا سگهن."

"هو ڇا ٿو چاهي؟" پنهنجي ڪيل سوال جي جواب ڏيڻ ڪان اڳ ئي، "هُن" وراڻيو.

"اهو آءٌ سمجهي سگهان ٿي! پر هو سماجي طور تي ڇا ڪندو آ؟"

"سماجي طور، هُو گهڻو ڪجهہ ڪندو آهي سوين! هو هڪ پروفيشنل ڪاليج جو شاگرد آهي، زندگي گذارڻ لاءِ هو شام جو پنهنجو پگهر وڪڻندو آهي ۽ رات جو سپنا ڏسڻ جي خواهش تحت، ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي!"

"خاندان؟"

"اهوئي ڪامپليڪس آهي سوين! اهڙن ماڻهن جو ڪوبہ خاندان نہ هوندو آهي."

"مان سوشل اسٽينس جي ڳالهہ ڪانہ ٿي ڪيان!"

"مان تنهنجو سوال سمجهان ٿو، پوءِ بہ اهوئي جواب ڏيڻو ٿو پويم، اصل ۾ سوين! اسان وٽ جيڪو خاندان جو مروج تصور آهي نہ هو ان ڪان قطعي طور تي محروم آهي."

"مان تنهنجو مطلب نہ ٿي سمجهان!"

"سرِ! هو خانداني طور تمام سٺي سماجي اسٽيٽس واري خاندان سان لاڳاپيل هوندا هئا. پر وڏن جي وفاتن کانپوءِ ورڇن ۾ ويساهہ گهاتين، هنن جي گهر کي بلڪل اقتصادي بدحاليءَ جو شڪار ڪري ڇڏيو."

"مطلب تہ سماجي شعورَ، هنن کي انتقامي جذبي سيکاريو؟"

"انتقامي جذبي نہ، سماجيءَ تاريخي ڳُهرجن! جيڪڏهن انتقامي جذبو هجين ها تہ هُو ويڙهاندن جو شڪار ٿي وڃن ها. پر هنن پورهئي ڏانهن ڏيان ڏنو ۽ اهڙيءَ ريت سماج ۾ هڪ وڏيڪ پورهيت گهراڻي جو واڌارو ٿيو. هن جي پيءُ کي اوچتي سماجي حيثيت جي تبديليءَ ڪري، پنهنجي پيار جي قرباني ڏيڻي پئي ۽ پوءِ هُن هڪ رسمي شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ڪافي اولاد ٿيو. هن پنهنجي اولاد کي، سماجي شعور کان آشنا ڪرڻ لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ٽَڪَنِ جي مَلهہ تي وِڪيون! هنن جي پيءُ زندگيءَ ۾ ڪيڏا نہ ڪشالا ڪيا!" مون ٽڏو ساهہ پريوءِ ڪي پَلَ سانت ٿي وئي.

هن جي والد، پنهنجي ننهي ڏيڻرن ۽ ٽن پٽن جي شادي پنهنجي جيٺري ڪرائي ڇڏي ۽ پوءِ سُک جو ساهہ کنئي، هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو ڪائنِ ماءُ! گهر ۾ شادين کانپوءِ بدليل رَوَيَنِ ۽ اٿٻٽن کي ڏسي، باقي ٻن پٽن جُي، ان معاملي ۾ پاڻ پنهنجي سِرِ ڪا بہ رسڪ کڻن نٿي چاهي، ان ڪري ئي هن دوسُت مونکي منت ڪئي تہ آءُ سندس هيلپ ڪيان. مَلي جيٰ ڊوڙ مسيت تائين! منهنجي واقفيت تو تائين!"

"مطلب تہ هو هڪ شفيق ماءُ جو پٽ، ڇئن ڀائرن ۽ ٽن ڀيڻن جو ڀاءُ هوندي بہ، اڪيلو آهي."

"تون ڳالهين جي تَهَنِ تائين ڏاڍو جلدي پهچي ويندي آهين!"

"۽ هو ايڏي وڏي گهر هوندي بہ، ٻي گهر آهي؟" هوءَ چڻُ تہ ٻي ڏيانيءَ مان پڇندي ٿي وئي.

"ايئن ٿي سمجهہ! هُونءَ، هُو تہ چوندو آ تہ نظر جي وسعتن تائين سموري ڪائنات هُنَ جي آهي!"

"هُون! هن جي چاچي جي آهي! اهڙا ماڻهو ڏينهن رات جي چوويهن ڪ `ڪن مان ارڙهن ڪلاڪ چريا هوندا آهن. باقي ڇهہ ڪلاڪ ننڊ ۾ بہ

الائي صحيح هجن الائي نہ؟"

"هو چريو ناهي سوپِ! هو چريو ناهي."

"اهڙن ماڻهن کي سياڻو بہ تہ نٿو چئي سگهجي."

"محبتن ۽ نفرتن جي وچ ۾ پَليلَ ماڻهو اهڙا ئي ٿيندا آهَن کڏهن سڄي دنيا جو گولو سندن هٿ جي ترِيءَ جي محور تي گردش ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ايڏي ساري دنيا جي گولي ۾ ڪابہ ڪنڊ هنن کي، پنهنجي نہ لڳندي آهي! تون پڏين پئي نہ؟"

"دل جي گهراين سان."

"اهڙا ماڻهو ڪڏهن تہ ستارن کي بہ پرچائي، پنهنجا اڱڻ اجاريندا آهن ۽ ڪڏهن تہ صدين تائين ڪنهن انسان کي بہ پنهنجو بنائي ناهن سگهندا!"

"ستارن جي نسبت ۾ هوڻ بہ انسانن کي پنهنجو بنائڻ ڏکيو هوندو آ!"

"سوپِ، الائي چو حقيقت ۾ تہ نہ، پر هن خوابن ۾ رنل دوستن کي پرچائڻ جا ڏاڍا وَسَ ڪيا آهن، ان ڪري ئي سندس چوڻ آهي تہ، "سپنا خوبصورت هوندا آهن، بدصورت هوندي بہ ۽ حقيقتون بدصورت هونديون آهن، خوبصورت هوندي بہ!"

ڪجهہ ساعتن ڪانپوءِ مون وري ڳالهايو.

"هُو جڏهن پين جي چهرن ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي چهري ۾ ڪنهن ٻئي جو چهرو ماڻي نہ سگهندو آهي، تڏهن ڪاليج جي ڪاپيءَ جي رف لکتن جي درميان اڪثر لکندو آ تہ "ڪنيل لفز ڏانهن بہ انيڪ پانهون ڦهلجنديون آهن!" ۽ جڏهن مان سندس اهڙيون لِکتون پڙهندو آهيان، تڏهن لڳندو آ تہ، هُو سيڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ ناهي. سوپِ"

"اهڙا ماڻهو! رڳو تو اسان لاءِ ئي سيڪجهہ هوندا آهن." هن ڳالهہ جاري رکندي چيو "تو وٽ تنهنجي دوست جو فوٽو تہ هوندو؟!"

ها! پر، تو پراگريس جو تہ ڪونہ پڏايو."

"منهنجي ذهن ۾ هڪ چوڪري آهي، ان جو مون فوٽو آندو آهي. اهو آءٌ توکي ڏيان ٿي، تون دوست کي ڏيکار، پوءِ جي ڳالهہ وٺيس تہ اڪٺي هلايون، جي نہ تہ اِتي ئي ڇڏي ڏجي. تون بہ مونکي پنهنجي دوست جو فوٽو ڏي تہ آءٌ چوڪريءَ کي ڏيکاريان." -

مون ڊائريءَ مان هڪ لفافو ڪڍي، سوپَ کي ڏنو ۽ سوپَ پنهنجي پرس مان لفافو ڪڍي، منهنجي حوالي ڪيو.

اسان تصويرن کي تَصوَرن جي نيٽن ۾ سميٽي، بنا ڏسڻ جي رکي ڇڏيو.

"ائين به ٿي سگهي ٿو ته رات جڏهن چنڊ به اوجهل ٿي وڃي، تڏهن وهاڻن هيٺان اسان کي هڪ ٻئي جون تصويرون مِلنِ!"

سوپ بنا اکيون مٿي کڻڻ جي، هٻڪندي چيو.

"حقيقتن جا چور، سدائين اسانجي وهاڻن هيٺان، اهڙا فوٽو چورائي ويندا آهن سوپَ! ائين به ٿي سگهي ٿو!!" مون ٿڌو ساهه ڀري چيو ۽ هوءَ لڙڪ لڪائڻ لاءِ اکيون ڇنڀيندي آڪاش ڏانهن ڏسڻ لڳي.

(1988ع)

آخري خط

صبح سان سڄي جيل ۾ اها ڳالهہ هلي وئي تہ رات جيل مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي، "هُو" مارجي ويو.

مون کي چٽي طرح ياد آ، جڏهن مون هن کان سندس ڏوهہ جي باري ۾ پڇيو هو. منهنجي ڪلهي تي هٿ جي گرفت سوگهي ڪندي، هن ڏاڍي ڏيرج سان چيو هو، "هن ملڪ جا سڀ واسي انتظاميہ جي نگاه ۾ ڏوهي آهن. ان ڪري انهن کي ڪڏهن بہ ۽ ڪيئن بہ، "اندر" ڪري سگهجي ٿو. پوءِ انهن کي اها رعايت هوندي آ تہ هو پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرائي، آزاد ڪرائين. هتي گرفتارين کان "پوءِ" ڏوهہ طئہ ٿيندا آهن، منهنجو ڏوهہ اڃان طئہ نہ ٿيو آ."

هو ڳالهيون ڏاڍيون ڀريون ڪندو هو. جيڪي منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن اچي ويندي يون هيون، ڪڏهن ٻاهران ئي گذري هليون وينديون هيون. ڪالهہ شام جو ڪجهہ اياڻڪو ٿي، مون وٽ آيو هو ۽ پڇيو هئائين: "لِکڻُ ڄاڻندو آهين؟"

ڪلي چيو هئم. "ڏاڙن جا ڏوهاري تہ نہ ڄاڻندا آهن پر اتفاق آ مان ٻئي ڪم ڪري ويندو آهيان!" هن بہ ڪلي ڏنو هو. ڏنو هئم سندس اياڻڪائيءَ ڪني ٻرَ لڳي ويا. رازداريءَ واري نوع ۾ چيو هئائين "يارا آءٌ لکي پڙهي نہ ڄاڻان هڪڙو خط لکائڻو آ گهر وارن ڏي، آخري خط!"

اهو منهنجو پهريون خط هو، جيڪو هن مون کان لکائڻ تي چاهيو. ان ڪري گهر وارن لاءِ آخري خط ٻڌي مان ٿورو منجهيس وري ان حيرت ۾ ٻڌي ويس تہ هو هيڏيون ڀريون ڳالهيون ڪندڙ اڻ پڙهيل ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟! هن مونکي حيرت مان ڪڍندي چيو، "هي سڀ ڳالهيون مون دوستن کان ٻڌيون آهن ۽ انهن تي مون پاڻ ويچاريو آهي". لمحي ڪانپوءِ هن ٻيهر ڳالهايو "مان تنهنجي ڪڏهن بہ ڪم نہ اچي سگهيو آهيان يارا ۽ شايد اڳتي بہ ڪم نہ اچي سگهان!" هن جهٽ سان کٽي ڳالهايو. "اسان هڪ ٻئي مان

آهيون. ان ڪري غرض ڪان سوءِ به هڪ ٻئي جي ڪم ايندا آهيون. توکي نه رڳو هي خط لکڻو آهي پر منهنجي گهر به پهچائڻو آهي. منهنجي خواهش آهي ته منهنجي لاش کان پهرين، منهنجو هيءُ خط، گهر وارن کي ملي!"

مون هن جي اکين ۾ لڙڪ ۽ آواز ۾ ڪنبڻي محسوس ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ احساس ٿيم ته بهادر ماڻهن جا لڙڪ ۽ آواز به بهادر ٿيندا آهن؛ سندن ذهن جيان.

خط شروع ڪرڻ کان اڳ هن منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چيو "اسان سڀ هڪ قوم سان گڏ هڪ طبقي جا به آهيون. خط ۾ توکي ڪي ياوناٿون نهنجون به لکڻي سگهن ٿيون پر وقت جي ڪميءَ ۽ تسلسل جي ٽٽي پوڻ ي ڀو کان هڪ عرض ڪندو هلان ته تون خط لکڻ دوران مون کان ڪوبه وال نه ڪجان."

مون "ها" ڪئي، هو ڳالهائڻ لڳو.

"پياري امڙ! پيارا بابا سائين!

شروع ٿو ڪيان ان پورهيت جي ناتو سان جنهن جي تسلسل سان دنيا ج" تائين پهتي آهي.

اوهان چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿا ته مون چوري، ڌاڙو يا خون نه ڪيو آ. بلڪ وبه اخلاقي توڙي سماجي ڏوهه نه ڪيو آهي. اهو سڀڪجهه پاڻ کي وهي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿو چوان. ڇاڪاڻ جو اوهان مون کي بهتر جهو ٿا. باقي پنهنجا حق گهرڻ يا ڇني وٺڻ کي ڏوهه ڪونهي ۽ ان نام : ڏوهه ۾ جيڪڏهن مون کي ڪا سزا اچي وڃي ته ڄاڻان ٿو ته پنهنجن ويجهڙن جا صدما ڏاڍا ڏکيا هوندا آهن. پر پوءِ به ان صدمي جو احساس، ىن کي مخصوص ٿيڻ نه ڏجو.

مون پنهنجي فرض ۽ قرض جي سلسلي ۾ هتي به هڪ چڱو جتو ناهيو اسين سڀ گڏجي نه رڳو اسان جا حق غضب ڪندڙن جي سڃاڻپ، پر کان اهي حق کسڻ جي طريقن تي به ويچاريندا آهيون.

ون ٿا ته هٽلر کان ڏٺيءَ سڱوري پڇيو ته "پنهنجي ڪردار جي باري ۾ ؟" هن وراڻيو ته "مون جهڙو شريف توهان کي دنيا جي تختي تي ل هلندو!" تصديق لاءِ ڏٺيءَ پڇيس "ڪا ثابتي؟" وراڻيائين "اُتان جي

حالتن جي جائزي مان ئي خبر پئجي ويندي!". ڏاڍي سڀوري ملائڪن کي موڪليو، جن ماڻهن جو ويس ڌاري، آتان جي رهاڪن کان وچ ۾ سندس باري ۾ پڇيو ۽ ماڻهن جي مزئي شڪايتون اچي، خدا کي ٻڌايون. ڏاڍي سڀوري سڄي ڳالهه هٽلر کي ٻڌائي، جنهن شڪي ٿيندي، ڏاڍي سڀوري کي چيو "سائين! توهان ماڻهن کان ڇا لاءِ پڇا ڪئي؟ آتان جون اخبارون پڙهي ولو ها نه؟!

ها، اهو ئي سبب آ. تاريخ کهڙين به حالتن ۾ ڪڏهن به ڪنهن پرماره کي رهبر ۽ غدار کي محب وطن ثابت نه ڪيو آهي! مهڙي انڌ انڌاري دور ۾ "زنده ماڻهو" ته خاموش رهي نٿا سگهن. اسين ته ماڻهو آهيون، گدڙ ئي سهپ جي مرحلي کان اڳتي شينهن سان به وڙهي پوندو آهي!

جاڻ آهي ته سقراط کي به زهر جو پيالو پياريو ويو هو. منصور کي به ماريو ويو، عيسيٰ کي به صليب تي چاڙهيو ويو، شاهه عنايت کي به شهيد ڪيو ويو، مخدوم بلاول کي به گهاڻي ۾ پيڙايو ويو! پر ڇا هو اهي صعوبتون سهڻ کانپوءِ مري ويا؟ نه هرگز نه! اهي جيئرا آهن ۽ جنم جنم جيئرا رهندا.

اڻ برابريءَ خلاف ۽ حقن جي صحيح وصوليءَ جي هن ڏکهي ويڙهاند ۾ قربانيءَ جي تمام وڏي اهميت آهي. وقت ۽ رشتن جي قرباني، انهن قربانين ۾ تمام اهم آهن. ويتنام جي ڌرتيءَ جي اها به ته ٻيڻ هئي جنهن پاءُ جي نڪتل هڪ اک فوجيءَ جي هٿ تريءَ تي ڏسي دڙڪو به ٻڌو ته "هاڻ آڻ مچ! راز ٻڌاءِ نه ته ٻاڻين جي ٻي اک به ڪيڊنداسين!" ته وراڻيائين، "جنهن جي اک نڪتي، ان ئي آڻ نه مچي آ ته آءُ ڪيئن مچيندس!" اها به ته ماءُ هئي جنهن چيو ته "جنهن جي پٺيءَ ۾ گولي آ اهو منهنجو پٽ ئي نٿو ٿي سگهي!". اها به ماءُ هئي جنهن پٽ کي چيو ته "شڪست کان پوءِ جيئرو موٽي آئين ته کير نه بخشيندي مانءُ!" اهي به ته مائرون آهن جي هاڻ پٽن کي امداد حسينيءَ جي لفظن ۾ لوليون ٿيون ڏين:

منهنجا پٽڙا جڳ جڳ جيءُ
کير جي عيوض ڳوڙها پيءُ
مانيءَ بدران گولي کاءُ
تو تان صدقي تنهنجي ماءُ

اهي به ته سنڌ جون ٿي ڇايون آهن نه، جن جي ترجماني ڪندي ڀٽائيءَ چيو آ ته:

" ڪانڌَ مَنهن پر ڏَڪڙا، سيڪيندي سُونهان،

تـه پـڻ لـڄ مـران، جـي هَـنـس پـٽ ِ پرا

اهي سب رشتن جون قربانيون آهن. جي ڪنهن به وڏي تبديليءَ لاءِ، انقلاب لاءِ، آجائپ ۽ آزاديءَ لاءِ تمام ضروري آهن ۽ اهڙي عظيم مقصد لاءِ جيڪڏهن اوهان کي هڪ، مان ته ڇا، گهر جا سڀ ڀاتي، قربان ڪرڻا پون ته اسان جي تاريخي ريتن جو ڀرم رکجو. اها ٿي منهنجي وصيت سمجهجو. ڇو جو اڄوڪي رات ٿي سگهي ٿه منهنجي زندگيءَ جي آخري رات هجي.

دعائن جو قائل ڪونه آهيان، پنهنجون سموريون اميدون مان اوهان تائين ۽ پنهنجي ايندڙ نسل تائين پهچائڻ ٿو چاهيان. منهنجي ٻارڙن "جيت" ۽ "فتح"، تائين اِهو پيغام پهتو ته مان سمجهندم ته مون پنهنجو فرض نڀايو ۽ قرض چڪايو.

"سپيتا، سوڌو سمورن گهر ڀاتين لاءِ مون پاران اڻ مَيو پيار.

اوهان جو

فرمانبردار پٽ

جفاڪش

هو خط پورو ڪرائي هليو ويو هو ۽ مان الائي ڇو ڪيس روڪي نه سگهيو هئس. الائي ڇو هن جو خط مون کي حد کان وڌيڪ پنهنجو لڳو. هو ايترو ڪجهه ڪري ٿي سگهيو اسان لاءِ، ته مون لاءِ اهو خط سنڌس گهر پهچائڻ ڪو مسئلو نه هو. پر مون ان کان پهريائين ان خط جي هڪ ڪاپي پاڻ لاءِ به لکي، الائي ڇو مون کي يقين ٿي ويو هو ته سياڻي اهوئي خط منهنجي به ڪم اچي سگهي ٿو........●

(1978ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏنڌلي ڏنڌلي ياد

هاسپيٽل مان نڪري، سڌو اسٽال تي آيو. نوان رسالا ۽ ڪتاب چوندي، سؤ رپئي جو نوٽ ڪائونٽر تي ڏنئي، مختلف اخبارن جون هيڊ لائنس پڙهڻ لڳو. بقايا وٺندي، سندس نگاه پنجاه جي نوٽ تي پئي، حيرانگيءَ جي عالم ۾ ڪي پل ساڪت رهيو ۽ پوءِ مرڪي اچي ريسٽورنٽ ۾ ويٺو ۽ ويچار ڌارائن ۾ لڙهي ويو.

ننڍي وهيءَ ۾ استاد ڪلاس روم مان واري ڦرندي، جڏهن هن کان پڇيو هو، "وڏو ٿي ڇا ٿيڻ جو ارادو آهي تنهنجو؟"

"وڏو ٿي اجان وڏي ٿيڻ جو ارادو آهي!" سندس ڀئي هڪ ڪلاسيءَ جي ڏنل ان ورنديءَ تي ٻه ڇوڪرا ايترو کونه کليا هئا جيڏو هن جي ننڍڙي ورنديءَ "شاعر" تي. ۽ ان ئي ڏينهن کان غيرشعوري طور تي چئني ويل پنهنجي ان ورنديءَ تي شعوري طور تي ڄمي بيهي رهيو هو.

انهن ڏهاڙن ۾ هن وٽ شاعر جو هڪ تصور هوندو هو. سماج سان نه نهڪندڙ، ان شخص جي جسم ۾ ٻه ڪا ترتيب نه! سڄو ڏينهن محبوب سان رهڻ ڪانپوءِ ٻه سڄي رات ٻه ان جي ياد ۾ شاعري ڪندڙ. غير موجودگيءَ ۾ ٻه. جاڳ ۾ سوچن سهاري ۽ ننڊ ۾ سپنن سهاري سمورو وقت. "ميڏا دين ٻه ٿو - درمان ٻه ٿو ۽ بس.

پر اسنڌيءَ، وقت ۽ حالتن سندن شاعر جي خاڪي ۾ ڦير آڻي ڇڏيو. لکڻ کان اڳ هڪ سڄاڻ دوست کيس صلاح ڏني هئي ته مطالعو تمام گهڻو اهم آهي، ليکڪ لاءِ. ان ڪانپوءِ ئي تنهنجا مشاهداتي جذبا، توکي عظيم ڪلاڪار جو رتبو بخشيندا ان ڪري ئي، هن لکڻ کان اڳ ڀرپور اسٽڏي ڪئي هئي.

"نذرالاسلام" کان "ٽئگور" تائين، "شيڪسپيئر" کان "وردس ورٿ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين، "امرتا" کان "ساحر" تائين، "ڪاليداس" کان "جبران" تائين ۽ "شاهه ڪريم" کان "هريڪانت" تائين، هن ڀرپور اسٽڊي ڪئي هئي ۽ پوءِ ئي هو لکڻ لڳو هو. شاعر جي نئين تصور مطابق. جنهن ۾ جسماني ترتيب هئڻ سان گڏ، ماڻهن جي ذهني اوسر لاءِ منجهيل معاشري ۾ ائڊجسٽ ٿي وڃڻ جو ڏانءُ به ضروري هيو. مسئلن جي نوعيت آهر، ڪلا جي وقت جي ورهاست به اهم هئي ۽ ڪلاڪار جي محبوبه هڪ نه پر جام هيون. ڌرتي، ماڻهو، امن، عزت، چاهنا مطابق جيئڻ جو حق، پريتما ۽ الاهي پيون.

انهن سڀني تي نج پنهنجين تشبيهن، تمثيلن، تجنيسين، ردم ۽ لفظن جي جادو گري، قومي سڃاڻپ جي جذبي کي ڀورهيتن تائين ڪٺي اچڻ ۽ پيداواري ذريعن کي پنهنجي اهميت ٻڌائڻ، عوامي ۽ قومي شاعريءَ کيس ڪلا ۾ تمام اتاهين عظمت بخشي ۽ هو سنڌ پرسڌ شاعر ٿي ويو.

ٽن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ ساليانى فنڪشن جي تياري پئي هلي. ڪاليج جي مين گيٽ جي ڪاٻي پاسي پارڪ ۾ پيلن گلن سان جهنجهيل عملداس جي وڻ جي هيٺان ويهي هو انيڪ آشائن جا سپنا ڏسندو هو، شاعري ڪندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي پيرڊن جا پيرڊ مِس ڪندو هو. پر ٽن ڏينهن ۾ الاهي ڏينهن ٿي ويا هئس، هن کان ڪا ڪوتا ڪانه سرجي هئي. ڪوڙ خط ايندا هئس پبلشر دوستن جا. ويجهن دوستن سان حال اوريندو هو. لکيو نه ٿو ٿئي- ذات رسي وئي آ- ذهن منتشر آ وغيره!" ۽ اڻ واقفن يا گهٽ واسطي وارن ايڊيٽرن کي ڊائريءَ جي پراڻي ڪنهن پيج تان ڪو گيت، ڪا ڪوتا موڪلي ڏيندو هو.

فنڪشن واري رات کان هڪ رات اڳ پروگرام ڪنوينر وٽس آيو هو مک مهمان بنجڻ جي آفر ڪئي. پر هن کيس سمجهايو هو ته "شاگرد سنگت پاران ٿيندڙ هر فنڪشن ۾ اوهان جيئن چوندا آهيو، مان ايئن ڪندو آهيان ۽ ڪندس، پر انتظاميه پاران ملهائجندڙ فنڪشن ۾، نامعقول ماڻهن جي صدارت ۾، مان ڪان اهو ڪجهه نه ٿي سگهندو. ها باقي مان شريڪ ٿيندس ۽ شعر به پڙهندس.

ٻئي ڏينهن صبح جو هڪ پيرڊ فري هجڻ ڪارڻ ، اهو احساس هوندي ته، جي ان پارڪ ۾ وڃي ويٺو ته پيو پيرڊ به مِس ٿي ويندو، هو مٿي ڪامن

هال ۾ وڃي ويٺو ، پر اُتي ڪيس مونجهه ٿي.

”ڪهڙي پنهنجائپ ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوپرائپ جيان منجهائي ٿي وجهي.“ سوچي هو اٿيو ۽ پارڪ ۾ اچي ويٺو. فنڪشن لاءِ ڪو گيت لکڻ. هن چاهيو ته موقعي جي مناسبت سان اهڙو ڪو نئون گيت رچي، جنهن ۾ وڇوڙي جو درديلو احساس به هجي، ته ملڻ جو مڌر احساس به. پر اهڙو ڪو گيت لکي نه سگهيو. ۽ پوءِ ڊائريءَ جا پراڻا ورق ورائڻ لڳو. اوچتو هڪ شعر تي رڪجي بيهي رهيو، اهو شعر هن نيوٽران بم ٺهڻ واري ڏينهن لکيو هو.

” هون! سائنس! انسان ذات ڪي سڪ رسائيندي آ ۽ هي! اجان پاڻ ڪي سائنسدان پيو سڏائي؟“ ويچاري، هن صفحو اٿلائي ڇڏيو. ڪيس ڪو شعر سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪهڙو پڙهان. هو صفحا اٿلائيندو رهيو ڊائريءَ جا. نيٺ، ”پوءِ ڏٺو ويندو“ سوچي هو هليو ويو گهر. ڪنهن به فيصلي ڪرڻ ڪانسواءِ.

پوءِ ڪاليج جي فنڪشن هلندي، هو ڪاليج جي هال ۾ داخل ٿيو هو. ڪيس هڪ هٿ ۾ ڊائري ۽ بال پوائنٽ هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ مينديءَ جي ننڍڙي ٿاري. ڪنهن کي به هن جي اچڻ جي سڌ نه پئي ۽ هو به چپ چاپ هال جي پوين ڪرسين جي قطار ۾ ويهي رهيو ۽ هال تي نظرون ڊوڙائڻ لڳو.

اسٽيج تي ڪجهه اڃا ڪل چهرا. ڪاليج جو پرنسپل، اسٽيج سيڪريٽري ۽ پروگرام ڪنوينر ويٺل هئا. هن کي ڄاڻ هئي ته ڪيس ضرور سڏايو ويندو ۽ ونس ڪو نئون شعر به ڪونه هو. پر پوءِ به شعر ڏانهن ڌيان، بدران هن جو سمورو ڌيان هال ۾ هو.

تقريرن ۽ شعرن جون ويهڪون الڳ نه هيون گڏ هيون. شعر کان پوءِ تقرير ۽ تقرير کان پوءِ شعر پئي هليا ۽ ويٺل خوب لطف اندوز ٿي رهيا هئا. ڪنهن جي تقرير مان بور ٿيڻ کان پوءِ تاڙين جي مسلسل واڄٽ ۾ ڪيس مائيڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا ۽ شعر ۾ وري ”مڪرر مڪرر“ جي گونج شاعر کي مجبور ڪيو پئي ڇڏي ته اسٽيج تي هاڻي پيو اچڻ گهرجي.

تقريرون ڇڳن جون جمي ويندڙيون هيون. پر شاعريءَ ۾ رکو هيءَ نئي اسٽيج تي. مائيڪ آڏو جمي سگهندو هو. اهڙا پڪ هوندي به ته سنڌس واري ويل، هال ڪيس مزي سان ٻڌندو، شعر جي اڻ هوند ڪيس منجهائي رهي هئي. ايتري ۾ آواز آيو ” هاڻي فنڪشن جي مک ڪرسيءَ ڏٺين جيءَ ڳالهائڻ کان اڳ

۾ مان گذارش ڪندس سنڌ جي نوجوان ترقي پسند شاعر آڪاش کي ته اچي پنهنجي سندر جذبن سان، اسان کي نوازي.“

هو مرڪيو ۽ ڊائري کڻي اسٽيج ڏي وڌيو. الاهي تاڙين سان سندس سواگت ڪيو ويو. هن ڊائري روسٽرم تي رکي، ان مهل ٿي ڏات ديوي سندس آڏو رقص ڪرڻ لڳي، تاڙين جي گونج تي. هن ڊائري نه کولي. شعر نه چونڊيو. ڪي پَلَ اڳ هو لفظن جو محتاج هو، ان مهل لفظ سندس محتاج هئا ۽ ڪيئن سَٽ نه هئي ته هو ڪيئن پيو ڪوتا سرجيندو وڃي. بس هن کي اهو يقين هو ته شاعر وقت جو پيغمبر هوندو آ. سو ان وقت لفظ جڙندا پيا وڃَنس.

هو شعر پورو ڪري ڊائس تان هٽيو ٿي ڪونه ته هال مان ؟ ونس مور- ونس مور“ جا آواز اچڻ لڳا. هو اجان ڪو فيصلو ڪري ٿي ڪري، آواز ٻيهر شروع ٿي ويا. ”قومي گيت“ ”قومي گيت“.

سِنڌ هن کي ماءُ ۽ محبوبه کان ٻه عزيز هئي. هن جي سڄي شاعريءَ اتان ٿي جنم ٿي ورتو. ذهن تي زور ڏئي هڪ نظم ياد ڪري پڙهڻ لڳو. نظم پورو ڪري هو ڏاڏَ جي انبارن منجهان اسٽيج تان لٿو. الاهي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪانئس آٽو گراف وٺڻ لاءِ پنهنجون سيٽون ڇڏي آيا.

هو صدر ۽ مک مهمانن جي هڪ ٻئي جي تورن مڃڻ ۽ صلاحن مشورن ۽ امدادن ڏيڻ جي اعلانن جون تقريرون نه ٻڌندو هو. ان ڪري هال جو گيٽ ٽپي جيئن ئي هو روڊ تي پهتو ته پنجاه رپئي جو نوٽ اڳتي وڌائي ”امبر“ ڪيس چيو هو ”آٽو گراف پليز!“.

نوٽ تان نگاهون مٿي ڪري سندس نگاهن سان نگاهون ملائي مرڪي پيو هو ۽ چيو هئائين.

”ٿي رپيا ڪليا ڪونه هيئي ڇا جو آٽو گراف بڪ وٺين ها!“

هن امبر جي پاونائن کي اتان پئي ڏٺو، جتان اُهي جنم پيون وٺن، پر پوءِ به سائن ڪري پنجاه رپئي جي نوٽ کي اقتصادي روئين مان ڪڏي ڇڏڻ نه پئي چاهيائين. سو به اهڙي ڏيهه ۾ جتي وڏي مشڪل سان ته اهڙا نوٽ عام ماڻهن جي هٿن ۾ ٿا اچن.

امبر سندس ڇئي جي ڪابه موٽ ڪانه ڏني هئي ۽ سندس مُک تي بلڪل ساڳيون معصوم ۽ سنجيده پاونائون ڏسي هو هبڪي پيو ۽ ائين، نه چاهيندي

ٻه ٽڪرا ٿي ڪيس سائن ڪري ڏنو هٿائين نوٽ.

هُو اهڙيون ننڍڙيون پياريون ڳالهيون ٻڌائي ويهندو هو، پر پنجن سالن کان پوءِ اوچتو اڄ اها سموري ڳالهه ڏنڌلتا مان ڇنڊجي طرح ياد اچي ويس. هن ڪيسي مان نوٽ ڪڍيو. اِهو، اهو ئي نوٽ هيو جنهن تي سندس صحيح سان ڪٽ اها ئي تاريخ به لکيل هئي- پنج سال اڳ جي.

هن مرڪي ڏنو. هن جي مرڪ ۾ ڪيڏو ڪرب هيو سو هن ئي ٿي ڄاتو، ۽ ٻئي لمحي.ٽڏو ساهه ڀري، هُن ان نوٽ کي بيري جي آندل چانهه جي بل جي پليٽ ۾ رکي ڇڏيو.......●

(1984ع)

انٽرويو

”هيءُ ڏيان طلبن جو دؤر ناهي، هاڻي ماڻهو سياڻا ٿي ويا آهن ڪورٽن ۾ اهڙا ڪيس گهٽ ٿا اچن، ٽون چو ٽو پيو ٽائيم وڃائين. اڙي! اڄڪلهه سياسي ماحول آهي! ماڻهن جي پسند جو خيال ڪيو. اخبار جي سرڪيوليشن سڻي پئي وڃي، ان ڪي نه رڳو برقرار رکڻو آ پر اڃا به وڌائڻو آهي ۽ ان سيڪجهه لاءِ چار منگ نيوز منسٽ آهن.“

اخبار جي آفيس ۾ داخل ٿيندي ئي، منهنجي سلام جي جواب بدران نيوز ايڊيٽر ايڏي وڏي ليڪچر ۾ شروع ٿي ويو! مان ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو رهيس. هن پَنَ جي بيڙي دکائيندي وري ڳالهايو:

”جائي پڌا! هُو پاڻ وارو آهي نه سياستدان بسم الله خان، ان کان انٽرويو وٺي آ. اڄ تائين ڪنهن به نه ورتو اٿس. ساڄي ڌر سان واسطو اٿس، راضي ٿيو ته مڙني اشتهارن ۾ ڪسر ڏياري وجهندو.“

”جي سائين!“ چئي مان سب ايڊيٽر وٽ آيس. ڪانٽس بسم الله خان جي ”بهترين طبيعت“ جي راءِ کان آگاهي ۽ ٽيليفون نمبر پڇي، نيوز ايڊيٽر وٽ آيس. نمبر ملايم، خوش قسمتيءَ سان رسيور پاڻ ئي کنيائين. راضي ٿيڻ ۾ ڪا خاص مشڪل پيش نه آئي. ”جلد هن هليو اچين“ جو جملو ٻڌي، مان اُن ئي مهل موٽر سائيڪل تي چڙهي، سندس بنگلي تي آيس.

رسمي ڪچهريءَ ۾ هن مون کي اسان جي اخبار کان متاثر هجڻ کان آگاهه ڪيو ۽ چيو ته ”هي سندس پهريون انٽرويو آهي سو سندس خواهش آهي ته تفصيلي ۽ سٺي نموني شايع ڪيو وڃي.

”اهو اسان لاءِ به اعزاز آهي!“ چئي مون پهريون سوال ڪيو:

”مختصر سوانح؟“

”جواب کان اڳ ۾ اِها ڳالهه ڪليئر ڪندو هلان ته مان جوابن ۾ سڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنئون سچ ڳالهائيندس. ڪنهن جي دل آزاريءَ جي صورت ۾ مان پهريان ئي معذت ڪري ٿو ڇڏيان."

مون ٻيهر پنهنجو سوال دُهرايو. هن بسڪيٽن جي پليٽ مون ڏانهن سرڪائيندي چيو "ڇميس - وڏو ٽيس- اسڪول ويس- پنج درجا پاس ڪيم- مئٽرڪ ٻي دفعا ڏيڻ جي باوجود ٿرڊ ڊويزن ۾ پاس ڪيم. ڪاليج ۾ سائنس ۾ داخلا سولائيءَ سان ملي وئي پر چار سال لڳائڻ جي باوجود به انٽر ڪليئر نه ٿي، مجبوراً آرٽس ۾ داخلا ورتم. ڪاليج جي اليڪشن ۾ بيٺس، ڪٽيم ته خوشيءَ ۾ چار سال انٽر ۾ لڳي ويا. بي اي ۾ داخلا ورتم. پڻائيءَ جي مُهابي فنڪشن جي نالي تي ٻاهريون خرچ ٻاهران ئي نڪري ايندو هو.

گهر وارن جون سموريون ڪسرون ٻسن وارن مان ڪڍندا هئاسين، دؤر اهڙو هو جو خود ٽاٽي وارا به لهرائيندا هئا. اسان اهڙيءَ طرح تعليمي ماحول ۾ ئي سياست سان لاڳاپجي وياسين!

"سياست جو تعليم سان يا ادب سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟" مون سوال ڪيو.

"ڪوبه نه، ڪوبه نه! تعليم ۽ سياست گڏ رهي ئي نه ٿيون سگهن. توهان منهنجو مثال وٺو! هونءَ به ٻه شيئهن هيلي ۾ نهندا ڇا؟ رهيو ادب، ته آبا! اديبن جو ڇا وڃي سياست ۾؟"

"پر سائين تاريخ شاهد آ ته سنا اديب ئي سنا سياستدان ثابت ٿيا آهن اوهان........" منهنجو سوال ڪٽيندي چيائين:

"مثلاً؟"

"مثلا ڪامريڊ لينن، مائوزي تنگ، ...."

"مان چوان ٿو پاڪستان جي ڳالهه ڪريو. پراون ملڪن جا مثال وٺي، انهن ملڪن جا ايجنٽ نه بنجو، پنهنجي ملڪ جا مثال پيش ڪيو.

"علامه اقبال..........................."

"ڪوڙ، نسورو ڪوڙ! علامه اقبال شاعر هو! ڪير ٿو چوي ته سياستدان هو؟ اسان جي ليڊرن تي اهڙا الزام هڻندي ڪجهه ته خيال ڪيو!"

"ابوالڪلام آزاد، عبيدالله سنڌي، سرسيد احمد خان، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي جوهر ۽ ٻيا اوهان جي نظر ۾......"

"انهن مان جيڪي به ادب سان لاڳاپيل هئا سمجهو ته انهن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو!“

”اسان جي سياست ۾ پرڏيهي ملڪن جي سياست تي هڪ نظر وجهڻ فرمائيندا؟“

”ڪن ٻيروني ملڪن ۾ بادشاهت هلي پئي، جا چڱي ڳالهہ ڪانهي. اسان وٽ جمهوري نظام آهي. جنهن ۾ پنجن پنجن سالن کان پوءِ ماڻهو پنهنجو اڳواڻ، پاڻ چونڊيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن چونڊن ۾ دير مدار ٿي ويندي آهي. ظاهر آهي تہ ملڪ ۾ پئي، رڳو چونڊون ئي تہ ناهن، جيڪي ڪرائجن. ان ڪري هنگامي حالتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ريفرنڊم بہ ڪرائي وٺبو آهي.“

”اسانجي ملڪ جي فوج جي ڪردار تي روشني وجهندا؟“

”اسان جي ملڪ جي فوج نہ رڳو ملڪ جي جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ڪندي آهي پر اسان جي ماڻهن جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت لاءِ بہ جانفشاني ڪندي رهندي آهي ۽ اهي ٻئي جوابداريون ڪا ٻاراڻي ڳالهہ ڪونهن.“

”اوهان جي نظر ۾ ملڪ کي ڪيئن ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪجي؟“

”ان سلسلي ۾ اسان اڳيرا آهيون ۽ ترقيءَ جي راهہ تي گامزن آهيون. ان سلسلي ۾ مستحڪم ملڪن کي ٽيڪرون ڏئي اهڙن ملڪن جي سربراهن کي دعوتون ڏئي هتي جي حالت زار وارن علائقن جا دورا ڪرائي، پاڙيسري ملڪن سان ڦتائي، وڏين طاقتن کان انساني همدرديءَ جي بنياد تي، مسلم ملڪن کان اسلام جي نالي تي ۽ ٻين ملڪن کان ڪاروباري ۽ فوجي مفادن جي ڏي وٺ تحت الاهي امداد وٺي ملڪ کي ترقي يافتہ بنائڻ جون وڏيون ڪوششون هلي رهيون آهن.“

”ملڪ جو سربراهہ هئڻ لاءِ تعليمي معيار ڪهڙو هجڻ گهرجي؟“

”ڪوبہ نہ، ضروري ڪونهي- جيئن اڳ ۾ رهيو آ تيئن اڳتي بہ هلڻ گهرجي!“

”اوهان جي زندگيءَ جو ڪو يادگار واقعو؟“

سوال ٻڌي هو کلي پيو ۽ سگار دکائيندي ڪلندي چيائين:

”هڪ دفعي اليڪشن ۾ هڪ پولنگ اسٽيشن تي ووٽرن جي تعداد کان هڪ هزار ووٽ وڌيڪ کٽي بہ ناڪام ٿيو هئس!“

”اسان جو ملڪ ۽ عالمي حالتون اوهانجي نظر ۾؟“

”اسان جو ميدان جنگ، ٻنهي ڌرين لاءِ حاضر آهي.“

”ملڪ ۾ اسلام جي ڦهلاءَ جي باري ۾ اوهانجي راءِ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ننڍي هوندي پڙهو هئم تہ محمد بن قاسم سنڌ تائين اسلام ڦهلايو. پر هاڻي تہ ماشاءَ الله سڄي ملڪ ۾ مسلمان پيا وسن.“

”جيڪڏهن مسلمانن مان فتنو نڪري وڃي تہ؟“

”حقيقي مسلمان ٿي پون! اها ڳالهہ ڏسي ئي ماٺهو چوندا آهن تہ ”اڄ جو مسلمانُ انسان ٿي نٿو سگهي. انسان مسلمان ٿي سگهي ٿو.“

”جيڪڏهن اوهان کي هن ملڪ جون واڳون ملي وڃن تہ؟“

”تہ مان ملڪ کي آسمان جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيان.“

”اوهان جي سياست جا ڪي اصول؟“

”مخالفن کي ختم ڪري ڇڏڻ جي هر نموني- ۽ پوءِ عوام جي خدمت ڪجي، جيتري پڄي سگهي!“

”آخر ۾ عوام لاءِ ڪو پيغام؟“

”مان عوام کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ ”تخت قوم جي امانت بلڪل ڪونهي ان تي حق اسان جي فوج جو آهي. ان ۾ اوهانکي مداخلت ڪرڻ نہ گهرجي، اوهان پنهنجي منهن کائو پيئو، عيش ڪيو!“

انٽرويو پورو ڪندي آءٌ گهر آيس. رات تي سڄي رات ويٺي فيئر ڪيم. صبح تي اخبار جي آفيس ڪٺي ويس. نيوز ايڊيٽر انٽرويوءَ جو پڇيو. مون کيس ڏنو. انٽرويو پڙهي، هن سخت ڪاوڙ مانهانٽرويوءَ جي ڪاپي اُڇلائي چيو:

”ميان! ڊڪليئريشن رد ڪرائڻو اٿئي ڇا؟ ههڙو انٽرويو ڪير هلائيندو؟ سياڻ آفيس ۽ پريس سيل ڪري، پريس نوٽ ڪيندا تہ ”پريس اينڊ پبليڪيشن آرڊيننس جي خلاف ورزي، امن امان ۾ خلل، عوام کي ڀڙڪائڻ ۽ اعتراض جوڳو مواد سينسر ڪرائڻ کانسواءِ هلائڻ جي ڏوهہ ۾ سيل ڪجي ٿي!“

مان ڇيڙي ڪري اهو انٽرويو شام جي هڪ اردو اخبار کي ڏنو. ٻئي ڏينهن اهو انٽرويو وڏي شان مان سان شايع ٿي ويو.

(1980ع)

ٽين دنيا

سينٽرل جيل جي در کان نڪتو ته هن اهو به ضروري نه سمجهيو ته هڪ نظر بيهي، رڳو حقارت جي نگاهه سان ٿي ٻاهر جي دنيا کي ڏسي. ڏامر جي ڪاري روڊ مان نڪري آيل پٽرين سان ڪيڏندو، هو اڳتي وڌيو. ساڳيائي ته رستا آهن، جتي هن جي ٻالجتي گذري هئي. ساڳيائي ته رستا آهن، جن تان گذري هو سدائين اندر ويو هو ۽ ساڳيائي ته رستا آهن جن تان هو سدائين ٻاهر نڪري آيو هو. ماڻهو به ساڳيائي هوندا. گهڻيا! هن جي منهن جي بلئڪ بورڊ تي مئٿميٽڪس جي ڪنهن حساب جو جواب ڄڻ غلط اچي ويو.

رڪشائون، فورسيٽر، مني بسون، ٽرڪون، ڪراسنگ، اوور ٽيڪنگ، هوڪا، گوڙ شور، زندگيءَ جو احساس! ۽ اهڙي زندگيءَ ۾ هن لاءِ ڪا به جاءِ نه! پٽريءَ کي زوردار ڪِڪ. پٽري! جا مِني بس جي ٽائر هيٺان اچي وئي، پٽري، جهڙي زندگي! چيپاٽجي وئي عام ماڻهن جي چاهتن جيان.

هو جنرل اسٽور تي چڙهيو، چيو گم ورتائين ۽ روڊ تي لهي آيو. چيوگم وات ۾ وجهي هن چيوگم ڪور هوا جي حوالي ڪري ڇڏيو. سول هاسپيٽل وٽان مڙي. لبرٽي مارڪيٽ کان ٿيندو ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج مٿي، جڏهن هو تلڪ چاڙهيءَ وٽ پهتو ته ڪيس امبر ملي. جا اڪثر هن جي آزاد ٿيڻ واري ڏينهن تي، اتي سندس انتظار ڪندي آهي. امبرا جنهن سان هن زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري پيار ڪيو هو. مگر جنهن جي شادي هڙهڙي بيروزگار تعليم يافته نوجوان بدران هڪ بالا آفيسر جي اعليٰ ڪردار فرزند سان ٿي هئي. جنهن پنهنجي اِعليٰ ڪردار جو ثبوت پيش ڪندي، ڇهين مهيني هن کي طلاق ڏني، ٻي شادي رچائي هئي. تڏهن کان هوءَ هڪ اداري جي سربراه جي "پي- اي" ٿي، پيٽ گذر ڪري رهي آهي ۽ سوچيندي رهندي آهي ته جيڪڏهن اڪثر والدين. سندس پيءُ جيڏا ڏاها نه هجن ته اهڙن ادارن جي سربراهن کي گرلس "پي ايز" ملن به الائي نه؟!

هي سڄي وات سوچيندو آيو پر الائي ڇو هيل امبر، ملندي ئي ڪانئس اِهو ڪونه پڇيو تہ "ڪهڙن ڏينهن لاءِ ٻاهر آيو آهين؟"

"گرين اسپاٽ" ۾ ويهندي امبر ڪانئس پڇيو. "ڪو ونڻ آيو هيئي؟!"

زهر آلود مرڪ، هن جي چپن تي پکڙجي وئي ۽ پوءِ هو کلي پيو. "ڪو ڇڏڻ هليو هو؟" ورندي.

امبر جي خيال ۾ اڳي هو نيڪ هوندو هو، پر جڏهن کان هن اِهو سوچڻ شروع ڪيو تہ "ڇهين گريڊ جا سرڪاري ملازم سياسي جلسو ڇو ناهن اٽينڊ ڪري سگهندا؟" تڏهن کان هو صحيح ناهي رهيو. هو چئي ٿو تہ ڪيس اڃا اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي آ تہ "اهي ڇهين گريڊ جا سرڪاري ملازم ڇهن ڪلاڪن بدران ڏهہ ڪلاڪ آفيس ۾ پنج ڪلاڪ پنهنجي بالا آفيسر جي گهر ۾ ٻنا اوور ٽائيم جي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڇو سياسي جلسا اٽينڊ نٿا ڪري سگهن؟"

"ڇيوگم جا پئسا ڪٿان آندئي؟" امبر جو عجيب سوال.

"ايندي ايندي جيلر جو کيسو ڪتري آيس." هو امبر سان ڪوڙ نٿي ڳالهائي سگهيو.

"ڏاڍو ذليل ٿي ويو آهين!"

"تنهنجا رايا، تنهنجي خيال ۾ صحيح ٿي سگهن ٿا."

"پئسا هيئي تہ پيدل ڇو آئين؟"

"ٻاهر جي آزاد هوا ڏاڍي پياري آهي، امبر."

"۽ ماڻهو؟"

"ڪنهن نہ ڪنهن ريت، ٻانڌي هِن، بي ضمير هِن، گهٽيا هِن سڀ!"

"سڀ؟"

"ها سڀ". هو سوچي ٿو "ان مزدور کان وٺي جيڪو مالڪ وٽ مزدوري وٺڻ لاءِ ٻاڏائيندو آهي. ان مالڪ تائين جيڪو ان کي مزدوري ڏئي پاڻ کي خدا جو خاص خليفو سمجهندو آهي. مزدوري جيڪا مزدور جو بنيادي حق آهي. اها انڊين جي فلمن ۾ اميتاب کي ۽ پنجابي فلم ۾ سلطان راهيءَ کي تہ ملي ويندي آهي. سنڌي سماج ۾ تہ ڇا؟ سنڌي فلمن جي هيروز لاءِ بہ اِها ڳالهہ ناممڪن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانهه جو ڍڪ پري هو پهر سوچي ٿو. "اهي ڪلارڪ به ڪهڙا آهن، جيڪي ڇهن ڪلاڪن جي ڊيوٽيءَ ڪانپوءِ "يس سر" چئي، وڏيڪ ڇهن ڪلاڪن تائين ڪم ڪندا رهندا آهن ۽ اهي آفيسر به ڪهڙائي ته آهن، جيڪي گهرن ۾ ساڻن تيل رسواين جو پلاند. آفيس جي عملي کان اڃي وٺندا آهن......

"اڄ رات مان اڪيلي آهيان، تون مون سان هلندين؟"—وينتي!

هن امبر ڪي محسوس ڪرائڻ ڪانسواءِ ڪمپيوٽر جي تيزيءَ سان ان سوال کي ذهن مان گذاري ورتو ۽ بي خيالو–تي چيو: "چانهه ٿڌي ٿي وئي اٿئي."

"اهو منهنجي ڳالهه جو جواب ته نه ٿيو!"

"ٻاهر جي پهرين رات مان ڏوهه ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندس امبر"

"مان توسان تنهنجي هر ڏوهه ۾ شريڪ هوندس!"

امبر جو جواب ٻڌي، هو کلي پيو "بزدل! عورت، نه رڳو بزدل آ پر بزدليءَ جو ڪارج به آهي ۽ مان بزدل ٿيڻ نٿو چاهيان!"

"توکي منهنجي بزدليءَ سان گڏ، منهنجي اڄوڪي رات جي اڪيلائيءَ جو به ته احساس هجڻ گهرجي."

"ڪڏهن ڪڏهن، ڪي ڪي احساس، اهڙن احساسن کان وڌيڪ اهم هوندا آهن امبر."

امبر چانهن جو ڪوپ اڌ ۾ رکي ڇڏيو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

هو عجيب ماڻهو هو. سماج جو سچو نظام، هن لاءِ غلط هو. سچي نظام سان هن جو اعتراض هو. ويندي هن کي اهو به اعتراض هو ته آفيسن جا ملازم، پنهنجي بالا آفيسرن جي اچڻ تي اٿي ڇو ٿا بيهن؟ ۽ اهي بالا آفيسر ڪين حڪمن/ هدايتن لاءِ پاڻ وٽ ڇو ٿا گهرائن؟

"تون هلڪي ڦلڪي نوڪري ڇو نٿو ڪرين؟"

هن کي خبر نه پئي ته امبر جو سوال تسلسل کان هٽيل هو يا ڳالهه اڃان تسلسل ۾ هلي رهي هئي.

"مان هڪڙي مقصد لاءِ اپوائنٽ ٿي، پئي مقصد جا ڪم ڪري نه سگهندس، امبر."

"مطلب؟"

"مطلب ته تعليم يافته هوندي، اسان ماڻهو وڏ ۾ وڏ يا ڪلرڪ ٿي سگهون

ٽا يا ماستر. مان ڪلارڪ ٿي بالا آفيسر جي بيگم صاحبہ ۽ ٻارن سان صحيح ڊيل ڪري نہ سگھندس ۽ مان استاد ٿي، شاگردن جي غير نصابي سرگرمين جون رپورٽس ڏئي نہ سگھندس." لمحي ڪانپوء، ڳالھہ جاري رکندي چيائين، "نوڪريءَ بهاني ٻاهر رهندس تہ سياسي جلسن ۾ نہ رڳو شريڪ ٿيندس پر تقريرن ۾ اهو سڀ ڪجهہ چٽي ڏيندس، جيڪو ٻيا چٽي نٿا سگھن ۽ وري ٻہ اندر هليو ويندس ۽ هيل مان اندر نہ ويندس! جيستائين..........

"تون ڏوهہ ڇڏي نٿو سگھين؟" جملو ڪٽيندي، امبر جو سوال.

"جيڪي مروج سماج ۾ ڏوهہ سمجھايا وڃن ٿا تہ، اهي اصل ۾ ڏوهہ ناهن امبرا مانجي خيال ۾ اهي سڀ باضمير ماڻهن جا. سماج خلاف ردعمل آهنءِ اهي ماڻهو واقعي باضمير آهن جي سماج خلاف پنهنجو ڀرپور رد عمل ظاهر ڪري جيلن ۾ هليا ٿا وڃن. تڏهن ئي تہ منهنجي دعويٰ آهي تہ جيل کان ٻاهر رهڻ وارا سڀ ماڻهو بي ضمير آهن، بزدل آهن، گھٽيا آهن. اهي ڪجهہ ڪرڻ جي سگھہ نٿا رکن. جيل ۾ تہ انهن ڪي وڃڻ گھرجي." هن جي منهن تي چڻ ڪنهن غير فطري ملڪ جو نقشو ٺهي ويو. ڪي پل خاموشي ڇانئجي وئي.

توکي جيل کان خوف نٿو ٿئي؟" امبر ڳالهايو.

"گھر کان ڪهڙو خوف ڇري؟ موني ئي تہ ويٺو آهيا"

امبرچرڪجي وئي. "تہ تون وري ويندين؟"

"ايڏو جلدي نہ! ڪجهہ حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻو آهي؟

"وري ڪنهن جو؟ ڪنهن سان؟!"

"پنهنجو ئي آ امبرا تنهنجي باس سان. هن پنهنجي مل ۾ هڪ مزدور کي قتل ڪري، ان ئي ڪيس ۾ اتان جي مزدور اڳواڻن کي اندر ڪرائي ڇڏيو!؟

"تہ تنهنجو مطلب....." هوءَ چرڪجي وئي!

"ها-امبرا"

امبر ڌهلجي وئي! هن معصوم نگاهن سان ڏانهس نهاريو. هُو مرڪي پيو.

"ڊچي وئينءَ نہ بزدل!" هن ڪيس طعنو ڏنو.

"نہ ڳل! ائين تہ ڪونهي پر........" هن ٽٽل لفظن ۾ جملو پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؛ "مان سوچيان ٿي تہ خون جي سزا موت بہ ٿي سگھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي ۽ پوءِ جي رحم جي اپيل به.........“ هوءِ جملو پورو ڪري نه سگهي.

”ظاهر آرد ٽيندي!“ هن مسڪرائيندي وراڻيو؛ ”اصل ۾ امبر! جڏهن زندگيءَ جي دانَ لاءِ رحم جي اپيل انهن جي هٿن ۾ ايندي آهي نه، تڏهن هو پنهنجي ضمير کي، ان داتا هئڻ جو ثبوت فراهم ڪرڻ لاءِ، اهي رحم جون اپيلون سدائين رد ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي به سندن خدائيءَ تي، فخرَ جو هڪ دفعو موقعو ڏيڻ گهرجي!“

امبر ”گرين اسپاٽ“ جهڙي خوبصورت ۽ سرسبز ريسٽورنٽ ۾ ويٺي به ڪيس ٿوهرن جي ريگستان ۾ نظر آئي. ڪافي دير جي ماٺ ڪانپوءِ ڳالهايو؛

”اداس ٿي وئي آن؟“

”سوچيان ٿي ته دنيا ۾ هڪ اهو ئي ته مزدور ڪونهُ هوندو، جيڪو قتل ٿيو! دنيا ۾ رڳو اهي ئي ته مزدور اڳواڻ ڪونه هوندا، جن کي ڦاسايو ويو آهي، اهڙا هزارين مزدور هوندا. اهڙا هزارين مزدور اڳواڻ هوندا ۽ اهڙا هزارين باسز هوندا، تون ڪنهن ڪنهن کي.......“

”مان سياستدانن وانگر سياسي، سماجي، جاگرافيائي ۽ نظرياتي حالتن جي موافقت ۾ اچڻ تائين جي انتظار جو قائل ڪونه آهيان امبر! مان جيڪو ڪري سگهندو آهيان ان جي دعوي ڪندو آهيان ۽ ڪري ڇڏيندو آهيان!“

امبر ڪان درهڙي نڪري وئي. ڪجهه پلن ڪانپوءِ امبر ڏانهن ڏسندي، هن چيو؛ ”هلجي!“

”آءٌ اڪيلي زات مري ويندي مانءِ!“ هنڪ ونتي؛ ”تون هل نه!“

”ٻاهر جي پهرين رات مان ڏوهه ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندس امبر!“ گل اٿيو.

”ته پوءِ آءٌ توسان ٿي هلان!“ چوندي امبر به اٿي

امبر جي جملن ۾ ايڏو اعتماد، ايڏي بهادري! هن اڳ نه ڏٺي هئي-●

(1988ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلترنگ

گار ۽ طعنو

بس نهر ۾ ڀڄي وئي. پنجويھ ماڻھو موت جو شڪار- بس سوار شاديءَ ۾ وڃي رهيا هئا. فوتين ۾ گھوٽ بہ شامل. بسَ ڊرائيور فرار.

هُن خبر جو تفصيل نہ پڙهيو. رڳو هيڊنگ پڙهي. اخبار جون ٻيون سڀ سرخيون ۽ خبرون هن لاءِ بي معنيٰ هيون. چانهن جي سرڪ ڀريندي هن کي اهو ڏينهن ياد اچي ويو، جنهن ڏينهن هن کي فوتي گھوٽ جي پيءُ ڊرائيوري سيکارڻ جي چاهنا جي اظهار تي ڌاري ٻوليءَ ۾ هڪ عدد گار ڏئي چيو هو،

"تون ڇا سکندين ڊرائيوري!"

ان جملي جو، سندس زندگيءَ ۾ ڏاڍو اهم ڪردار هو! پٽس موالي هو. گھر جو سڄو بار هن تي ئي هو، سو رلي رلي نيٺ هڪ سنڌيءَ جي گيريج ۾ لڳي ويو. مار موچڙو، ٺڪ ٺُڪو تہ گيرجن جي ثقافت هئي، ان ڪري هو هوريان هوريان هِري ويو. گار تي مسڪرائي ڏيندو هو ۽ ٺڪ ٺجي تي ڏند شيڪي ٺهڪ ڏيندو هو. شروعاتي ڏينهن تہ چانهن بوتل ۽ مانيءَ لاءِ هوٽلن ۽ پيٽرول لاءِ پيٽرول پمپن جي چڪرن ۾ گذرندا هئس، پر اهو سڄو ٺڪ تڏهين لهي ويندو هئس. جڏهن استادس ڪا نئين ڳالهہ سيکاريندو هئس.

هڪ دفعي استادس بيمار ٿي پيو. بيمارُ بہ بيمارن جهڙو! اٿڻ ويهڻ ۾ هلاڪ. ڪم تہ رهيو پري. نيٺ ٻن مهينن جي بيماريءَ کان پوءِ هن گيريج ڇڏي ڏني. ٻئي مالڪ کي استاد، هِن جي پارت ڪئي، پر اهو مالڪ اهوئي هو، جنهن هن کي گار ۽ طعنو ڏنو هو. سندس شهر ۾ اجنبي ڏيهہ جو ماڻهو! هونءَ ئي هن جي هيانءَ تي تور هو، پر ڇا ٿي ڪري سگھيو. سواءِ ان جي تہ ان رات هو گيريج کان روئي موڪلائي هليو ويو.

پوءِ هن هڪ ڊرائيور وٽ ڊرائيوري سکي جڏهن مڪمل ڊرائيور ٿي ويو، تڏهن هن جو سڪون ان جملي تباهہ ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ ڪيس گار بہ ملي هئي ۽ طعنو بہ!

اهو اتفاق هو يا حادثو! جو پٽ جي شادي لاءِ هنن جيڪا گاڏي ڪرائي ان جو ڊرائيور هيءُ ئي هو!

(1980ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيد نماز

هو سهڪيو پئي، سندس اکيون لڙڪيو پئي، ور هڪ هيٺ هٿس هيو متي، متي تي اڇي سوا رپئي واري ڪپڙي جي ٽوپي. ڪپڙا ڌوتل، پر بنان استريءَ جي. هو سهڪيو پئي ۽ ڊوڙيو پئي. ڊوڙي ڊوڙي، جڏهن عيد گاهه جي در وٽ پهتو ته سندس چنگهن هلڻ روڪي ڇڏيو. هو بيهي رهيو. چڻ ته بريڪ لڳي ويس. تيز ڌڙڪندڙ دل ۽ ڌنڌلين اکين سان اندر ڏٺائين، اندر کيس ڪوڙ قطارون نظر آيون، ماڻهن جون. هو صفون ٻڌيون نماز پڙهي رهيا هئا ۽ هي ٻه ڊوڙيو ان لاءِ ئي هو! پر هاڻ سوچي ٿو ته عيد نماز پڙهان يا نه؟!

هڪ دل چيس ته ڊوڙي وڃي پوئين صف ۾ ٻين سان گڏ اڃا نماز پڙهڻ ۾ شروع ٿي وڃي پر ٻي دل ائين ڪرڻ کان روڪيس.

کيس ياد آيو، اڳئين عيد تي وڏيرو جڙيل جيسين نه آيو هو، تيسين نماز شروع ڪانه ڪئي وئي هئي ۽ ان لاءِ پهرين صف ۾ جڳهه رکي وئي هئي ۽ سندس انتظار ٿي رهيو هو ۽ جڏهن آيو تڏهن وڃي نماز شروع ڪئي وئي. آخر ڇو؟ هن چاهيو ته اهو سوال پيش امام کان پڇي، پر هن عيدگاهه ۾ اندر پير نه ڌرڻ جو وچن ڪيو هو، ان ڪري ائين ڪري نه سگهيو. کيس وري ياد آيو، اڳئين عيد تي واعظ ڪندي مولانا صاحب فرمايو هو ته "نماز جماعت صرف ان ڪري پڙهي ويندي آهي ته جيئن امير ۽ غريب گڏ هڪ صف ۾ بيهن ۽ ان گڏ، بيهڻ جي ڪري، انهن جي هڪ ٻئي سان محبت پيدا ٿيندي. پر هن وڏيري کي ته ڪڏهن به پوئين صف ۾ بيٺل ڪونه ڏٺو هو. هو ته سدائين پهرئين صف ۾ بيهندو هو ۽ نه ئي سندس پرسان ڪو بيٺل غريب ڏٺو هئائين.

هن کي ڪاوڙ ٿي اچي پهريائين پاڻ تي، پوءِ وڏيري تي، پوءِ پيش امام تي ۽ آخر ۾ اهڙي نماز تي ۽ پوءِ هن عيد گاهه کي پٺي ڏئي موٽڻ شروع ڪيو. پنهنجي گهر!

(1978ع)

بک ٻچڙو ٽول

اندلٽ جا سمورا رنگ وڏيري جي بنگلي ۾ سمايل آهن. ان بنگلي جي پنيان ٺي هن جو گهر هو. نوڪريءَ ڪان پوءِ اڪثر هو شهر رهندو هو. ڳوٺ ۾ هن لاءِ هتو ٻه ڇا؟ هڪ "شهزادي" هوندي هئي، جنهن سان ٻالجتيءَ ۾ نينهن لڳي ويو هئس، تنهن جي به شادي هڪ امڙي ماٺوءَ سان ٿي وئي جنهن پنهنجي مڙئي موڙي شهزاديءَ عيوض سندس ڀيءُ ڪي ڏئي ڇڏيا تڏهن ته ونس به پئسو ڪونه هو. بيروزگار ٺي ته هوندو هو.

نوڪري مليس ته شهزاديءَ جي ڪوٺ جو شدت سان احساس ٿيس. والدين جي صلاح سان پنهنجي ان زخم جو علاج ڳولهڻ جي جتن تحت هن "مريم" ڪي ڪنوار بنايو ۽ ٿيو به ائين، مريم هن کي پيار جي ورڪا ۾ ايڏو ته موهي وڌو، جو هن ڪي "ڪجهه به" ياد نه رهيو. موڪلن وارا ڏينهن هي ڳوٺ ايندو هو، نه ته زال مڙس ٻئي شهر رهندا هئا.

هيل عيد جي موڪلن ڪان، ٻه ٽي ڏينهن اڳ ٺي موڪل ڪري هو ڳوٺ آيو هو. رات ڳوٺ ۾ ٻهرين رات هجڻ ڪري سڄي رات ڪچهريءَ ۾ گذري ويس. ڏينهن جو سُتو، ته ٻارن جي گوڙ گمسان ۾ سمهي نه سگهيو. ان ڪري مانڙي ڪري اوطاق ڏي هليو آيو ۽ آهلجي پيو.

الائجي ڪنهڙيءَ مهل هن محسوس ڪيو ته سندس وارن کي ڪو بگاڙي ۽ سنواري رهيو آهي. بلڪل ائين ٺي، شهزادي به سندس وار بگاڙيندي ۽ سنواريندي هئي. اک کوليائين، شهزاديءَ تي نگاهه پوندي ٺي هو وائڙو ٿي ويو. هن ڳالهائڻ چاهيو پر لفظن تي جڻ ڪرفيو لڳي ويو هو. موت جي خوف ڪان لفظ وات مان اڪلجڻ ڪان نابري واري ويٺا.

"شهزادي!" زور مس ڪان پوءِ هڪ لفظ.

"يوسف! منهنجو ننڍڙو بيمار پيو آهي. اڄ ٽيو ڏينهن آهي، منهنجي گهر واري کي به مزدوري نه ملي آهي!...."

هوءَ ان ڪان اڳتي ڳالهائي نه سگهي. الائي هي ٻڌي نه سگهيو. کيسي ۾ پيل سمورا پئسا ڪڍي هن، هن جي تريءَ تي رکيا ۽ پاسو ورائي ڪوئجي ويو.

(1978ع)

زڪوات

”تنهنجي چوڻ تي ڏس سائو پڙو پائي آئي آهيان.

”ته پڙي سان نهين به تي ڪيا؟“

”پر مڙئي ڪجهه نندو آ. تڏهن مزو نه ٿو ڏئي.“

”قد به ته ڪيو تي نه! اج مليل خيرات جو سُنهن، تون اج اهڙي جوڳياڻي ٿي لڳين، جنهن کي سيني جوڳياڻين جي حسن جي ديوي چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.“

”ديوي ڇا کي چئبو آ؟“

”ننڍڙي خدا کي! خبر ٿئي منهنجو هڪڙو پڙهيل واقف پيو ٻڌائي ته، ”هڪڙو ملڪ آ يونان پئي چيائين شايد. اتي هر ڳالهه جو الڳ الڳ ديوتا هوندو آ ۽ خبر ٿئي چيائين پئي ته اتي حسن جي ديوي يا خدا ”وينس“ آهي، پر مان سمجهان ٿو وينس به توکان گهٽ هوندي. جي نه ته به تو جهڙي پر تو کان وڌيڪ ته ٿي نه ٿي سگهي!“

”خدا کي مون جهڙو يا مون کان گهٽ نه چئه! ته دوزخ ۾ نه وڃين.“

”جيڪڏهن مون کي تنهنجي ڪري جنت مان ڪڍي، دوزخ ۾ وڌو ويو ته به مون کي قبول آهي، پر جي اتي تون به هجين ته پوءِ ته پنجين آني جي منائي به ورهائيندس.“

”اتي پنج آنا ڪٿان آڻيندين؟“

”چري مڙئي خيرات وٺي ونبي!“

”وڏو بتميز آهين. چڱو تڪڙو هل سج ٿو لهي.“

”هلون ٿي پيا، ڊوڙون ڇا؟“

”نه پر ڪجهه تڪڙو!“

”چڱو تڪڙ ڪيا- جائي ٻڌ! او هو ڏس ڪيڏا نه گهاتا ٻوڙا آهن.“

”مون کي خوف ٿيندو آ گهاتن ٻوڙن مان!“

”ڇو؟“

”ڇو ڄو انهن ۾ حرامي جانور هوندا آهن!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چري انهن ۾ ته مزو هوندو آهي!“

”مزو!“

”ها! جي چئين ته ڏيکاريندو هلانء!“

پوء هو ٻئي ڳهاٽن ٻوڙن ۾ هليا ويا.........

”ٻڌ! دير ڏاڍي ٿي ويئي آهي!“ ٻاهر ايندي پڙو ڇنڊيندي چوي ٿي.

”پو ڇاهي؟“

”امان پڇي ته؟“

”چئجانس ته ماڻهن زڪوات ڀئي ورهائي، قطارن ۾ بيهي بيهي دير ٿي وئي!“

”ڇگو جو مهينو به زڪوات جو آ- پر جي پڇي ته ڇا مليئه ته؟“

”اڃي! هي مون وارا پئسا به وٺ ڏجانس، چئجانس ته هيء ملي آ زڪوات.“

”پاڻ به چوندي آ ته جوان هوندي هئي ته الائي ڪيڏي زڪوات ملندي هئي!“

”هاڻي بيماريء جو علاج ڪئيس اها ئي زڪوات ڪوڙ تيس!“

”پر جي سياڻي ٿورڙا ڏينديمانس ته.......“

”ڇو ٿورڙا ڏينديئنس! مان توکي ڏيندو جو رهندس.“

”تو ڪان جي ماڻهين پڇي ته روز جي خيرات ۽ زڪوات ڪيڏي ٿو ڪرين؟“

”چوندومانس ته ڇوڪرين جي ڳهٽائيء جي ڪري ڇوڪرن کي زڪوات ملي ٿي ڪانه ٿي!

(1978ع)

ارجنٽ ميل سروس

شازيہ، مون کي پهريون خط لکيو، جنهن ۾ هن مون کي ”محترم“ ڪري لکيو. مون ڪيس ورنديءَ ۾ لکيو تہ ”مون کي ”محترم“ ڪري نہ لکندي ڪر!“

هن مون کي ٻئي خط ۾ ”جناب“ ڪري لکيو. مون هن کي موٽ ۾ لکيو تہ ”مون کي جناب بہ نہ لکندي ڪر.“

هن مون کي ٽيون خط لکيو، جنهن ۾ هن مون کي ”صاحب“ ڪوٺيو. مون هن کي ورندي لکي تہ: ”مون کي صاحب بہ نہ لکندي ڪر!“

هن مون کي لکيو تہ، ”محترم، جناب يا صاحب ڪان سواءِ، ”سڪٿو نالو“ مون کي سٺو نہ ٿو لڳي.“

مون هن کي لکيو تہ ”مان، هن ڪان اهوئي تہ چوائڻ چاهيان پيو!“ ۽ وڌيڪ مون ڪيس لکيو تہ ”جيڪڏهن ڪيس منهنجو سڪٿو نالو سٺو نہ ٿو لڳي تہ ڪنهن رشتي جو تعين ٿيڻ گهرجي.“

ياد تہ ڪونهي پر شايد هن، ان رشتي جي باري ۾ پڇيو هو! يا نہ بہ پڇيو هجائين، مون پاڻهي ڪيس ٻڌايو تہ ”منهنجي امڙ حال حيات آهي، مون کي ٽي پياريون ڀينرون آهن.“ ۽ ان ڪان پوءِ مون ڪيس اهو بہ لکيو تہ ”مون کي هڪ عدد زال جو رشتو بہ آهي“ ۽ ايجان بہ اڳتي مون کي ٽي عدد اولاد بہ آهي، ان ڪري مون کي ”اهڙي“ ڪنهن بہ رشتي جي في الحال گهرج ڪانهي“ ۽ تنهنڪري هوءَ رشتي جي تعين مهل اها ڳالهہ ذهن ۾ رکي.

پوءِ هوءَ ضرور منجهي هوندي ۽ ضرور هڪ اڌ رات ڪن ننڊ بہ نہ آئي هوندس ۽ نيٺ هن جي ورندي آئي، جنهن ۾ هن مون کي ”پيارا دوست“ ڪوٺيو ۽ ائين اسان هن اسپيس ايج ۾ چهن خطن جي بنياد تي، قليل مدت ۾ دوست ٿياسين.

پوءِ هن مون کان منهنجي اولاد جو پڇيو ۽ مون ڪيس پنهنجي اولاد جي جنم جا سال بہ ٻڌايا. بلڪ اهو بہ ٻڌايو تہ هڪ نئون ٻار هن سال پيدا ٿيڻ وارو آهي.

هن کي منهنجي زال جو نالو ”مُرڪ“ سمجهہ ۾ نہ آيو. ان ڪري ڪيس

وسوسو ٿي پيو. نيٺ ڪيس مَرڪ جي هڪ لکڻي پڙهايم پوءِ ئي هوءَ مطمئن ٿي.

پوءِ هڪ ڏينهن هن مون کي لکيو تہ ”قرآن جا پڙهيل ڪوڙ ناهن هڻندا!“ ۽ مون ڇيو تہ ”بيشڪ تون سچ ٿي چوين.“

۽ پوءِ هن مون کان پڇيو تہ، مان قرآن شريف پڙهيل آهيان؟ ۽ جڏهن ڪيس اها خبر پئي تہ مان اڻ قران شريف پڙهيل آهيان تہ هوءَ بگڙي پئي ۽ لکيائين تہ ”تون ضرور مون سان ڪوڙ ڪيو هوندو. تنهنجي ڪا زال ڪانہ هوندي، ڪو ٻار ڪونہ هوندو!“

مون هن کي يقين ڏيارڻ لاءِ لکيو تہ ”قرآن شريف جا رکو مجيندڙ ئي ڪوڙ نہ ڳالهائيندا آهن، مان تہ اڻ پڙهيل آهيان!“

پر هن کي يقين نہ آيو، هن مون کي منهنجا ٻار ڏيکارڻ لاءِ لکيو ۽ مون هن کي پنهنجا نئين ڪتاب پارسل ڪري موڪلي ڏنا.

نئي ڏينهن، پوسٽ جي نظام ۾ ”ارجنٽ ميل سروس“ جو افتتاح ٿيو. ان ئي ڏينهن ارجنٽ ميل سروس ۾ مون کي هن جو خط مليو، جنهن ۾ مون لاءِ ڪوڙ ڳاريون هيون ۽ ائين اسان جي دوستي پڪي ٿي وئي.

(1988ع)

مرانداسين پر مرڪندي

”خواهش؟“

”ڏرتيءَ تي ڏارين جي ڏپ بہ نہ هجي!“

”هون! اِمپاسيبل“ منهن ۾ سونٺ، نفرت، ڪاوڙ.

”زندگيءَ جي آخري آس؟“

”توهان! پير تي اچو. ڇو جو توهان اسانجا آهيو. پنهنجا ٿي ڪري، پنهنجن تي ٿا ظلم ڪيو. ڏسو! هو ڏاريا آهن. اچو- اچو! ساٿ ڏيو. اوهان بہ اسان سان گڏجو تہ ٽوٽا ڇپايونِ. ڇريو ڪريو بہ پنهنجن کي سڃاڻندو آ، پو توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟“

”ڪنهن سان، ملڻ چاهين ٿو؟“

”ڪنهن سان مِلان-؟ توهان سان مِلان؟ ملندؤ؟“

”فرماءِ!“

”ڏسو اوهان اٿين نہ ٿيو- اها حقيقت آ تہ هن ڌرتيءَ مان سيٺ نائومل بہ جڙيو هو تہ مير جعفر ۽ چنيسر بہ! پر ڇا ٻئي پاسي دودو، هوشو، هيمون، دريا خان، روپلو ڪولهي ڪونہ هئا ڇا؟ هرويرو رڪارڊ جو هڪ پاسو نہ ٻڌو! هڪ پاسي تي سگهي ٿو تہ ڪو خراب ڪيت هجي، ان کي الهامي آواز سمجهي چنبڙي نہ پئو. پر ڏسو تہ ان جي ٻئي پاسي ڪهڙو نہ پيارو ڪلام آ،

”انقلاب - انقلاب.
هيءَ قوم تي ڪهري
”انقلاب - انقلاب.
هر فرد - هر زبان.
”انقلاب - انقلاب.
قوم جي آهي ڊماند!
”انقلاب - انقلاب!!

ڪڏهن خلوص دليءَ سان ٻڌو تہ صحيح! خبر اٿو. ڪنهن چيو آ تہ هڪ

غلام کي آزاد ڪرائڻ حج ڪان وڌيڪ ثواب حاصل ڪرڻ جي برابر آ. پوءِ هيءَ تہ سڄي قوم غلام آ ۽ جي هيءَ سڄي قوم غلاميءَ جي ڄَٽ مان آزاد ٿي وڃي تہ.........“

”وصيعت؟“

”ڪنهن کي ڪيان- توهان کي ٿي ٿو ڪيان!

ميزن کي بہ گهران لڳي هئي. ڏسو توهان تہ اِهي لاها چاڙها ڏسي چڪا آهيو. پوءِ بہ اجا نتا اچو راهہ تي!- پر نہ - مان سمجهان ٿو تہ هاٽي توهان اسان جا حامي ٿي ويا هوندئو! هونءَ بہ گهر جو ڪو ڀاتي غلط راه تي هوندو آ تہ ان کي گهران ڪڍي ڪونہ ڇڏبوَ آ. اهو ڪهڙو انسان آ، جيڪو ڀليو ناهي يا غلطي ڪانہ ڪئي اٿائين! اهو سوار ٿي ناهي، جنهن ڏڪ نہ کاڌو هجي. اهو وڻ ٿي ناهي جنهن کي واءَ نہ لوڏيو هجي. مون کي پڪي خاطري آهي ۽ هاٽي توهان بہ سمجهي ويا هوندئو، هاٽي رڳو منهنجو هڪ عرض اٿوَ تہ ڪم ڪريو- وڙهو- ڪٽيو- ماريو- سٽيو- لٽيو پر- پنهنجن کي نہ، ڌارين کي! انهن کي، جن اسان جي هن ڌرتيءَ کي پليت ڪيو آهي. انهن کي، جن اسان جي فصلن کي پيلي ڇڏيو آهي، انهن کي، جن اسان جي باغن کي اجاڙي ڇڏيو آهي!

وڙهو-! انهن سان وڙهو-! هٿيار نہ آهن تہ ڇا ٿي پيو! ڪاستروءَ چيو آ تہ ”جيڪڏهن ڪا قوم انقلاب جو عزم ٿي ڪري تہ پوءِ اُها قوم هوائي جهاز پٿرن سان ڪيرائيندي آهي ۽ ٽئنڪون هٿن سان اونڌيون ڪندي آهي.“

اٿو ساٿيو-! جنگ ڪريو- وڙهو! ماضي بهتر رهيو آهي. حال ۾ اسان سان جيڪا ويڌن ٿي رهي آهي، اهائي سياڻي ماضي بڻبي! ان ڪري اٿو تہ ان کي روڪيون ۽ مستقبل کي سهڻو بنائڻ لاءِ دشمن سان اهڙو وڙهون جو هو اٿين پڇن جيئڻ ڪانءَ ڪمان ڪان. ڏيس ۽ ڌرم تان جان وارينڌڙ شهيد هوندا آهن. حق ۽ سچ لاءِ مرندڙ، مرندا ناهن، امر هوندا آهن، ان ڪري دشمن سان وڙهو- حق تي دشمن سان وڙهڻ جهاد هوندو آ. ان ڪري ساٿُن ايستائين وڙهندا رهو..........“

۽ پوءِ فائرنگ اسڪواڊ جي هٿن ۾ جهليل هٿيار، سامراجي اشاري سان حرڪت ۾ آيا. گولين جو وسڪارو ٿيو- ۽ ”جانڻ“ اونڌي مُنهن وڃي پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪريو ڇپ، ڌرتيءَ سان ملي هئا آخري لمحي بہ سندس -●

1978ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينھن جي وارتا

ڪالھہ ڪيس هڪ پڪي ماٺھوءَ قسم ڪٿي ٻڌايو هو تہ صبح تي واٽر سپلاءِ جو پاڻي ايندو. سو صبح سان، اُٿڻ سان ئي باٿ روم جو چڪر لڳائي آيو، پر اڃان تائين پاڻي ڪونہ آيو هو. وهنجڻ جون تياريون ڏسي پيٽس ڪيس صابڻ ڪپي وڃڻ جو اطلاع فراهم ڪيو. صابڻ لاءِ ماءُ آڌو اڌ ڪلاڪ روئٽو رنائين، تڏهن ماٺس تمجهندي، ڪرڪندي، آڏنيڏي، لوھہ جي پيتيءَ منجهان دبڙو ڪڍي، ان منجهان ڳوٿري ڪڍي پراڻا ريٽي ريٽي جا ٽي نوٽ ڪڍي ڪيس ڏنا.

ماءُ ڪان پئسا وٺي ننڍڙي ياٽج ٽمونءَ کي سڏي صابڻ آڻن لاءِ چيائين.

"انهي ڏينهوڪو آهين نہ، جو خرچي گهري هئيمانءَ تہ جواب ڏنو هيئہ!"

ائين چئي ٽمون پڇي ويو. ياٽج جي اها ورندي ٻڌي، چاهيندي بہ ڪيس ڪو دڙڪو ڏئي نہ سگهيو ۽ ٻئي ياٽج کي سڏيائين. ان کي صابڻ آڻن لاءِ چوڻ کان اڳ، ٻئي ڏينهن خرچي ڏيڻ جو آسرو ڏئي صابڻ گهرايائين.

صابڻ پهچندي ئي پيٽس پاڻي اچڻ جي خوشخبري ٻڌايس. ڪيسي ۾ ڪجھہ ڪونہ هئس، نہ تہ جيڪو هجيس ها، سو انعام ۾ ڏئي ڇڏي ها پيڻ کي. واٽر سپلاءِ وارن کي دعا ڪندي، باٿ روم ۾ داخل ٿيو ۽ وهنجڻ لڳو. صابڻ هٿي اڃان بس مس ڪيائين تہ پاڻي بند ٿي ويو.

"صبح سان ترئجڊي!" ڪاوڙ مان ويچاريائين ۽ پيڻ جي پاڻيءَ جي آخري دلي منجهان وهنجي ڪاليج روانو ٿيو.

ڪاليج ۾ شاهده اچي سندس اسٽول پرسان پيل ٻئي اسٽول تي رکيل هن جا ڪتاب ڪٽي، ويهي رهي، ٻئي هنڌ جڳهہ نہ هئڻ ڪارڻ. پر پوءِ اچي مُنجهي. ڪتابن جو ڪو مالڪ ٿئي ئي ڪونہ!، ليڪچر ڪانپوءِ، نيٺ چڪر ڏئي پرسان واري اسٽول تي اڃان تائين هن کي ويٺل ڏسي، ڏانهس وڌي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان ويهي سگهان ٿي؟"

"اڳ ۾ ڪونہ پڇيو، هاڻي ڇو پيا پڇو؟"

"ڇو! ويهڻ نہ ڏيو ها ڇا؟"

"ويهڻ ڇو نہ ڏيان ها، پر ڇوان ها، اڪيلي ٿي."

"ايڪس ڪيوز مي! آءٌ اڪيلي ٿي ڪانہ ويهندي آهيان!"

"آءٌ اوهان جي ڪهڙي ٿو خدمت ڪري سگهان؟" زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن ڇوڪريءَ سان واسطو..... لفظ وچڙندڙ.

"جي! خدمت توهان پنهنجي گهرِ، پنهنجي مميءَ جي ڪندا ڪيو تہ ٺٽي جهان جڙندوَ."

"پَلَ ڪان پوءِ شاهده جي لهجي ۾ نرمي!

"اوهان جي هٿ ۾ هي گل ڏاڍو خوبصورت آهي!"

"ڪنهن جي وارن ۾ لڳي، هي اجان بہ وڌيڪ خوبصورت لڳندو!"

"پوءِ نيڪيءَ جي ڪم ۾ دير. لڳايو ڇو نہ تا اُن جي وارن ۾!"

"ڊچان ٿو ڊس لائيڪ نہ ڪري!"

"اوهان جي گل کي ڪير ڊس لائيڪ ڪندو؟"

"اوهان لائيڪ ڪندئو؟" نوَنِ مهينن کان، نہ ڇٽي سگهيل ڳالهہ ڇپن تي نيٺ اچي ٿي ويس!

"اوهہ" هبڪندي، ڪجهہ پَل خاموش رهڻ کانپوءِ وارن کي آهستگيءَ سان سنواريندي "پوءِ پلا ائين ڪيو تہ گل مونکي ڏيو. مان خود هٽي تي چڙيان! ظاهر آ هاڻي اوهان تفصيل پڇڻ چاهيندؤ، سو مان پاڻ ٿي تي ٻڌايانوَ. نالو منهنجو شاهده آهي، ٽيليفون گهر ۾ آهي ڪانہ، ۽ گهر توهان کان لبندو ڪونہ. ان ڪري جي ملياسين تہ هتي ٿي پيا ملنداسين. او.ڪي" چپ ڪري شاهده وري ڳالهايو:

"اوهان جو نالو؟" ننڍڙو سوال.

"ناصر!" بي انتها خوشيءَ مان هن جي موٽ!

"اوهہ! ناصر صاحب! هي اوهان جا ڪتاب! ڪيڏو ڊرامو رچائڻ تي مجبور ڪيو! پهريون پڇومانوَ تہ ڪتاب ڪنهن جا آهن تہ ڪونہ ٻڌايوَ ڪنهن سينيئر اسٽوڊنٽ کان مفت ۾ مليا هوندوَ، تڏهن تا قدر ڪيوَنِ.

توکيہ انداز ۾ چيل جملي کيس پهريون دفعو محسوس ڪرايو هو تہ سچ ڪڙو ڪيئن هوندو آهي!

هو اُن ئي مهل ڪاليج مان ٻاهر نڪري آيو هو. واندڪائيءَ ڪان بچڻ لاءِ ڦِڪي ويل سائي رنگ جي قميص جي کيسي مان هڪ پراڻي اخبار جي ڪٽنگ ڪڍي، ايڊريس واري فرم ڏانهن، نوڪريءَ جي آس رکي من ۾، راهي ٿيو.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي آفيس اڳيان پندرنهن منٽ مختلف ٽيڪنڪس استعمال ڪري، هن مس وچي ”حاضر پوتار“ کي ڳالهہ مڃائي. نهايت ادب سان، هو آفيس جو دروازو کولي آهستگيءَ سان ڪنڌ هيٺ ڪري، اچي ٽيبل آڏو بيٺو. مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڏانهنس ڏيان ڏيڻ بغير، ڪجهہ لکندو رهيو. الاهي مهل ڪانپوءِ لکيل پنن کي پاسي تي رکي، ڪنگ سائيز جي هڪ عدد اوباسي ڏني، آرس پيچي پرڏيهي سگريٽن جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکائي، وڏو ڪش هڻندي، پنهنجي چڱي خاصي ايراضيءَ واري جسم کي ڪرسيءَ جي آغوش ۾ ڇڏيندي چيائين:

”حڪم نوجوان؟“

”حڪم نہ عرض سائين!“ اميد منجهان نماڻائيءَ مان چيائين.

”روايتي جملو آ“ نهي ٽڪي، ٻانهون ٽيبل تي، نوٽنين پر رکندي چيائينس.

”ها سائين پر ــــــــــ“

”ڳالهہ ڪر!“ جملو ڪٽيندي چيائينس.

”سائين! ٻڌم تہ اوهان وٽ نوڪريءَ لاءِ..........“

”نوڪري! هون!“ هن کِلي ڏنو. ”پٽ! ايڊورٽائيزمينٽ پڙهي هوندئي!“

”جي سائين!“

”اهي فارملٽيز هونديون آهن بابا- اپوائنٽمينٽ اڳ ۾ ئي ٿي ويندي آهي!“

اِهو پيو سچ هئو جيڪو کيس ڪڙو لڳو هو. ۽ هو اوئين ئي با ادب ٻاهر نڪري آيو جيئن ويو هو.

(1978ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ واٽي ٽي ٻيٽل ھو

پيءُ جي خط ڪيس منجھائي ڇڏيو. ڪا ڳالھہ سمجھي نہ ٿي سگھيو. هاسٽل جي ويل ڊيڪوريٽيڊ روم ۾ هوندي بہ، لڳي رهيو هوس ڄڻ ڪنهن ڊيزرٽيڊ ڳوٺ جي ٻاهران، ڪنهن سُڪي ويل کوھہ جي تري ۾ ويٺو آهي ۽ جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪا بہ راھہ ڪانہ هئي. مٿي ڪي جهٽڪي ڏيڻ سان اوچتو صنوبر جو چهرو، اسڪيچ سمان آڏو اچي ويس.

"شهر وچي وساري تہ نہ ويهندي نہ؟" اکين جي پنبڙين جي اکپوٽ ڪندي صنوبر جو اهو سوال اڃان ڪيس ياد هو. جنهن جو جواب ڇا ڏنو هئائينس. ذهن تي زور ته ڏني، سوچي ٿو.

شايد لرزندڙ فضا ڪي ڏسڻ ڪانپوءِ چيو هئائينس تہ "اهو سوال نہ پڇندي ڪر!" ها اهو سوال ڄڻ تہ ڪيس وَڏ وجهندو هو.

"ڪيئن ٿو وساري سگهان مان توکي. مون ان ڪري ئي تہ توسان لنئون لاتو تہ جيئن، نينهن نيائي سگهان. مان بہ، تون بہ."

سوچيندي ٻيهي ويو هو، ان سوال جي جواب ۾.

ڪئين ڪامياب ۽ ناڪام پريمي جوڙا سموري ڪائنات سان گڏ سندس آڏو ڦرڻ لڳا. جيڪي سدائين، تڏهن سندن نظرن آڏو ڦرندا هئا، جڏهن ڪيس ڪا ڇوڪري پسند ايندي هئي.

ڪيس ياد هو اسڪول لائيف ۾ هن جي ڪلاس ميٽ، مينا ڪيس ڏاڍو وڻندي هئي. هڪ ڏينهن مانيٽر جي حيثيت سان استاد ڪيس چيو هو تہ هن کان لکرايل صورتخطي ڏس. تڏهن هُن، مينا جو بُڪ ڏسي ڏانهس نهاريو هو ۽ ان ويل هن جي ٻڪ مان ڪا بہ چُڪَ ڪيڏي نہ سگهيو هو [هوندي بہ] ۽ ڪيس اهو محسوس ٿيو هو تہ سندس دل ۾ ڪا ڪتڪتائي نڪري رهي هئي.

ان ڏهاڙي بہ ان جي نظرن آڏو پريمي جوڙا ڦرڻ لڳا هئا! پر اهي سڀئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميهار کان سسئي پنهونءَ تائين هئا. چو جو ننهن عمر ۾ هن رڳو اهڙي ئي قصا پڙهيا هئا.
انهن جي حالت ڏسي هن پنهنجي دل کي سنڀالي ورتو هو ۽ پوءِ جڏهن به ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڏسي پسند جي راهه دل کان پڇندو هو. تڏهن ڪوڙ ڪامياب ۽ ناڪام پريمي جوڙا سموري ڪائنات سان گڏ سندس نظرن آڏو ڦرڻ لڳندا هئا ۽ اهڙي ئي ڪيفيت سندس پهرين چاهت مينا کان وٺندي آخري چاهت صنوبر تائين ٿي هئي. پر صنوبر کي چاهڻ ويل ڪوبه ناڪام پريمي جوڙو سندس نظرن آڏو ڦرندي ڏسڻ ۾ نه آيو هو ڇو ته هن جو هن سوچي سمجهي قدم کنيو هو. هن سمورن پريمين جي تاريخ جاگرافي ڪٺي ڪئي هئي. ان منجهان ڪيس سمجهه ۾ آيو هو ته پيار اتي ڪجهي جتي پهچي سگهجي، ٻي صورت ۾ وڏيون وڏيون قربانيون ڏيڻيون پونديون. سي ته ڪٿي ڏئي به، پر پوءِ به ڪاميابيءَ جي ضمانت نه هوندي آ- ۽ هو رسڪ جو قائل قطعي نه هو. پوءِ بس هن صنوبر کي چاهي وڌو. ڇو جو هوءَ سندس سَوٽ هئي. ۽ سندسن خانداني رسمن تحت سَوٽِ سان مڱڻ ٿي پئي سگهي. کهڙي به ٻئس تي، سولائيءَ سان.

۽ جڏهن پيهر صنوبر مرڪي ڪيس چيو هو:

"بادل! شهر وڃي مون کي وساري ڇڏيندءِ ته مان به وساري ڇڏيندي مانءَ سچي!" تڏهن بادل مرڪي پيو هو. دل جي پاتال جي الائي ڪهڙي ڪنڊ منجهان مرڪ اڌمي جيان اٿلي، وڌي وئي هئي سندس چپن تي. ڪيس صنوبر جي ان ڪاوڙ واري پياري دڙڪي کان به وڌيڪ هن جو تڪيه ڪلام "سچي" وڻيو. ۽ پوءِ هن ٽن آڳرين جي هلڪي چماٽ صنوبر جي ڳل تي هنئي ۽ پوءِ هر مهيني جي پهرئين هفتي ۾ يونيورسٽيءَ مان ڪيڏن به ڪري ڳوٺ ايندو هو. پئسن بهاني، صنوبر سان ملڻ.

ڇا نه سوچيو هو هن! پنهنجي من ڌرتيءَ جي هڪ سرسبز ڪنڊ تي هن هڪڙو ڏاڍو پيارو گهر ٺاهيو هو صنوبر ۽ پنهنجي لاءِ. ڪيڏو نه انجواءِ ڪندو هو ان پريم رساڪشيءَ منجهان. پر اوچتو پئس جو خط پيهر ڪيس

ياد اچي ويو. هن خط کولي ٻيهر پڙهڻ چاهيو پر کولي نہ سگهيو. سندس سامهون ٽيبل تي پيلي رنگ جو لفافو پيو آهي ۽ جنهن مٿان سندس ڏنڌلي ڏنڌلي ائڊريس!

ڪيس وهم ۽ گمان بہ ڪونہ هو تہ سندس چاهت سندس گهر ڪنوار تہ بڻجي ايندي، پر پاڇائيءَ جي روپ ۾!

پيءُ جو خط! ياءُ جي شادي! وڃان نہ وڃان جا ٻہ اپيپيرا سوال ۽ هُو هاسٽل جي ويل ڊيڪوريٽيڊ روم ۾ هوندي بہ پاڻ کي ڪنهن ڊيزرٽيڊ ڳوٺ ٻاهران ڪنهن سَڪي ويل کوهہ جي تري ۾ بيٺل محسوس ڪري رهيو هو، جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪاهہ راهہ نہ هئي-●

(1982ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان- جنت ۾ منڪر نڪير

"اٺ! اٿي! سجاڳ ٿي!"

"هون! هون! ڇڏين نٿو؟ هڪ اکيون رکيم، ٻيو ننڊ پيو ٿو خراب ڪرين."

"اڙي! ڇئون ٿا اٿي مٿي!"

مان ڇرڪ ڀري اٿي ٿو پوان، قبر ويڪري ٿي، ٿي وڃي. ڪن هنڌن تان هٽي ويل ڪفن ناهيندي پڇان ٿو.

"ڇا ڪپيو؟ ڇو آيا آهيو؟ ڏسو منهنجا هٿ به خالي آهن ۽ هٿي لڪائي رکڻ جي به ڪا جاءِ ڪانهي، جتي ڪجهه لڪائي رکيو هجيم!"

"اهڙيون ڇسيون ڳالهيون نه ڪر، اسان توکان، تنهنجي رب، رسول ۽ مذهب جي باري ۾ پڇڻ آيا آهيون."

"ڪنهن جي جذبن ۽ احساسن جو ڪو لحاظ ڪونهيو! اِن ڳالهه لاءِ مونکي هھڙي پياري ننڊ مان اٿاريو اٿوَ؟"

"هوش سالم ڪر ۽ ٻڌاءِ ته تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟"

"اهو ڪرامن ڪاتبين جي لکيل سموري ڪار گذاريءَ مان خبر پئجي ويندوَ. جي: سڄي زندگي، منهنجي ڪلهي تي ويهي لڳايون ڇڳايون لکندا رهيا هئا! هونءَ ساڳي ڪم لاءِ ايڏن ملائڪن کي سيڙائڻ مان مطلب ته اهوئي نڪري سگهي ٿو ته يا ته ڏٽي سڳورو اوهانجي بي روزگاريءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ائين ٿو ڪري يا مڙيئي اعتبار جو ڪو چڪر آهي."

"نعوذ بالله ڪهڙي ماٺهوءَ سان واسطو پيو آ."

"جائي ڇون ٿا ته ڪڪ پَنَ به ڏٽيءَ جي اجازت ڪانسواءِ لڏي نٿو سگهي ته پوءِ ڪارگذاري نوٽ ڪرڻ لاءِ ملائڪن کي ڇو رکيو ويو؟"

"اسان توکان تنهنجي مذهب جي باري ۾ پڇي رهيا آهيون."

"توهان منڪر نڪير آيو نه؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها!"

"توهانکي خبر آ. "منڪر" اسان وٽ ڪنهن کي چئبو آ؟ جيڪو انڪاري ٿئي خدا جو."

"تون نہ رڳو سانجي سوال کي ٽاري رهيو آهين، بلڪ اسان کي ورغلائي بہ رهيو آهين."

"مذهب جي باري ۾ تہ چون ٿا تہ جمعہ واري رات ڏٺي سچورو لکي ڇڏيندو آهي. اوهان اٿان ٿي ڏسي ونو. اجائي تڪليف ڪيو."

"معنيٰ تہ تون نہ ٻڌائيندين؟"

"مان کي ٻڌائڻ ۾ ڇا آهي؟ پر ڏسو نہ، مان ٻڌايان. پر اوهان اعتبار ڪيو الائي نہ؟ اٿين بہ ممڪن آهي تہ اوهان سان ڪوڙ ملائي وڃان."

"هڪ تہ بڪواس الاهي تو ڪرين."

"چڱو اجهان بہ هڪ ٻيو طريقو ٿو ٻڌايانوَ. هر شَبِ بَراتِ انسان جي ايندڙ سال جي ڪارگذاريءَ جڙندي جيڪا جڙندي هئي، اوهان ان مان ٿي ڏسي ونو. ان سان ڇا ٿيندو تہ هڪ تہ معتبر ذرايع جي ڪري اوهان کي اعتبار اچي ويندو. ٻيو تہ مان بہ متان ڪو ڪوڙ هٽي ويهان، ان ڏوهہ کان بچي پوندس."

"تو مان تہ ڦاسي وياسين."

"توهانکي الله سائينءَ موڪليو آهي نہ؟"

"ها."

"پوءِ مان ڪونہ ٻڌائيندس، ڪيس سڄي جهان جي ذري پرزي جي خبر آهي."

"پليز."

"چڱو، اهو ٻڌايو تہ الله سائينءَ کي ڪهڙو مذهب پسند آهي تہ پوءِ مان اوهان کي ٻڌايان ٿو."

"اهو ٻڌايون تہ ڪوڙ هٽي وڃون."

"انسانيت سان پيار ڪرڻ واري مذهب وارا ڪڏهن بہ ڪوڙ ناهن هڻندا چريا."

"نڪيرا!" منڪر رڙ ڪئي "ڪوٽِ اِٽ."

نڪير مٿو ڪنهندي ميرو فائيل اٿلائي ڪجهہ لکي ٿو.

"هاڻ ٻڌاءِ پنهنجي خدا جي باري ۾؟"

"منهنجو خدا اهو آهي جو سڄي ڪائنات جو خلقڻهار آهي. جيڪو عبادتن

ڪان بالاتر آهي. مسجدن، مندرن، ڪليسائن ۽ عبادت گاهن جي چوديوارين ڪان مٿانهون آهي. ان جو پيغام اهو آهي تہ سڀ انسان پاڻ ۾ڀائر آهن. هو محبت ۽ امن جو قائل آهي. هو سيني تي مهربان آهي، پنهنجي حامين ڪانسواءِ بہ. منهنجو خدا فتني فساد بدران پريم ۽ شانتيءَ جو قائل آهي."

"جهاد ڪي ڇا ٿو سمجهين؟"

"ذاتي غرض ڪانسواءِ انسانيت جي ڀلي لاءِ جهاد کي رڳو صحيح ٿو سمجهان."

"عبادت ۽ خدا جي قهار واري ڳالهہ تي مٽي...... خير خدا پاڻهي حساب ڪندو! هاڻي آخري سوال! ٻڌاءِ تنهنجو رسول ڪهڙو آهي؟"

"رسول معنيٰ؟"

"حق ۽ سچ جي راهہ ڏيکاريندڙ......"

"تہ پوءِ آهي سڀ منهنجا رهبر آهن جن پنهنجي قول ۽ عمل ذريعي حق، سچ ۽ انصاف جا پيچرا ڏيکاريا ۽ انهن ٻڌايو تہ ناانصافيءَ سان ٽڪرايو، انسانيت سان پيار ڪيو!"

نڪير فائيل ۾ ڪجهہ لکيو ۽ منڪر کي ڏيندي چيائين: "وڃ الله سائين کي ڏيکاري اچ. جلدي وڃ، جلدي موٽ. ماڻ هتي ويٺو آهيان."

"اجهو ويس اجهو آيس" چئي منڪر هليو ويو.

"توهان سنڌ وارن جا نالا ڏاڍا پيارا هوندا آهن" نڪير ايزي تي ويهندي چيو. "مونکي ياد آهن ڪجهہ، "ساوڻ، سارنگ، بادل، جاڳڻ، بهادر، سنڌو، مارئي، سهڻيءَ ميهار، مان انهن نالن جي لفظن جو پس منظر ۽ معنيٰ ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيندو آهيان، تنهنجي جوابن جيان."

ٻيا ماڻهو ڪهڙا جواب ڏيندا آهن؟"

"ڏاڍا ڪل جهڙا! مثلا الله سائين جيڏو وَ راحمين آ، اوڏو قهار بہ آ! وڙهو، زمينون ۽ لٽ جو مال دولت هٿ ڪيو. چو جو جهاد آ. ۽ خبر اٿئي ڪي

ماڻهو چوندا آهن، اسانکي ان جنت ۾ وڃڻ جتي حورون ۽ گلمان ڪجهه سرس هجن!"
مان مرڪي ڏنو.
"صحيح جوابن جو ريشو ڇا آهي؟"
"تمام ٿورو. الله سائين چوي پيو ته اهي باشعور ماڻهو آهن"
ٿي لمحي، مان جنت ۾ ادبي سنگت جي آجياڻي ۾ خاص مهمان هئس ته اک کلي پئي!
پريان سڀاجهي چئي رهي هئي، "اٿ به ڪٽي هاٿي! ڪير ولي آ. وري آفيس به ويٺو اٿئي. اجان ٿيو ڏينهو ڪي ايڪسپلينيشن ڪال جو جواب به ڪونه ڏنو اٿئي!"

(1986ع)

ڊان - جڄ - اووَرِ

وائرليس سيٽ آن ڪندي، ڪرسيءَ تي ويٺو- گهڙيءَ ڏانهن ڏٺائين، ٻارنهن ۾ پنج منٽ هئا. ريڊيءَ جو گهٽايل آواز ٻيهر وڌائي ڇڏيائين.

ريڊيو! هڪ اهڙي طاقت هئي سندس لاءِ، جيڪو بند ڪمري ۾ رهندي به، ڪيس ٻاهر جي دنيا ۾ وٺي ويندو هو. جتي زندگي، فقير عبدالغفور جي آلاپن جيان جهومندي هئي، اهو محسوس ٿي نه ٿيندو هوس ته هي مانجو وجود! ڇٽن پٽين، ڇت ۽ فرش جي وچ ۾ قيد آ. پر لڳندو هوس؛ ”مان به آزاد فضا ۾ جهومي رهيو آهيان.“ ها! ڪنهن ڪنهن وقت ڪو دکي گيت ڪيس دکي به ڪري ڇڏيندو هو. پر تنهن وقت هو ريڊيءَ کي بند ڪري ڇڏيندو هو. هنءَ، ڏک ٿيندو هوس جڏهن پروگرام جو آخري گيت سندس پسند جو ايندو هو! ڇو جو ان وقت هن جي ڪال جو ٽائيم ٿيڻ وارو هوندو آهي ۽ هو ان گيت مان صحيح لطف وٺي نه سگهندو آ. جيئن هن مهل علڻ فقير جو آلاپ اچي رهيو هو ”ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڪاڙها گل الا لا تڏهن ملنداسين.“ پر هن کي ڪال جي اڻ تڻ منجهائي رهي هئي.

گيت پوري ٿيڻ سان ريڊيو بند ڪري رسيور ڪڻ تي چاڙهڻ ساڄو هٿ ”ڪيءَ تي رکيائين.

ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هو تمام گهڻين ذاتي الجهڻ ۾ ڦاسي ويندو آ، تڏهن هن کان اٽينڊنس پرائڻ به وسري ويندي آهي. جڏهن ته مسئيج رسيو ڪرڻ لاءِ سيٽ تي ويٺو به هوندو آهي. هڪ دفعي لاڳيتو ٽي ٽائيم ايبسينٽ رهڻ کان پوءِ دڙڪا مليا هئس پر سهي ويو، پنهنجو ڏوهه سمجهي ۽ پوءِ هو خيال ڪرڻ لڳو هو.

اڄ اٽنڊنس کان پوءِ سيٽ مان آواز آيو؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توهان سين لاءِ اسان وٽ ڪو به مسئيج ڪونهي اگر توهان وٽ ڪو مئسيج هجي تہ ڏيو، ** اوورَ!

هن جو وارو آيو:

"موٽ وٽ بہ ڪو مئسيج ڪونهي، اوور!"

۽ پوءِ هن خار مان وايرليس سيٽ ڏانهن نهاريو. ڪنهن وٽ ڪنهن لاءِ، ڪو بہ مئسيج ڪونهي، پوءِ بہ مصيبت! ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ ڪال سيٽ مان مسلسل آواز اچي رهيا هئا.* "ڊان- ڊڊ" جو ميلاپ! جملن جا جملا. پٽرائن جون پيرائون، ڳالهين جون ڳالهيون ٻن حرفن جو ميلاپ.

اڳي ڏاڍو منجهندو هو. ڪورس پوري ڪرڻ کان پوءِ بہ هن کي "ڊَان -ڊِڊ" جو ميلاپ سمجهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي ۽ ان ڪري ئي هو اڪثر *** آر- ٽيءِ استعمال ڪندو هو. ان لائين ۾ اچان بہ ڏاڍي ڏکيائي ٿئيس ها، جي جهانگيءِ جهڙو سينئر آپريٽر جُود ۾ دوست نہ ٿي وڃيس ها! جيڪو هر مئسيج آر-ٽيءِ تي ريپيٽ ڪري لکرائيندو هوس. دوست بہ دوستن جهڙو ٿي ويو هئس. اڻ ڏٺا- اڻ ٻڌا دوست. رڳو نالن تي اميج-! ڳالهائڻ جي لهجي مان سڃاڻپ ۽ سچائيءِ جي سَدِ!

ائين تہ سڀ آپريٽر هڪ ٻئي جا دوست نہ هوندي بہ، هوندا آهن. خير عافيت کان ويندي گارين ڏيڻ جي حد تائين، دوستيءِ جون لمَس هونديون اٿن. هونءَ بہ اڪثر سيٽ شهرن کان ٻاهر هوندا آهن، ان ڪري بوريت کي دور ڪرڻ لاءِ مڙئي هڪ ٻئي سان وينا دل وندرائيندا آهن. نئون ماڻهو هتي مشڪل سان هلي سگهندو آهي، پر هن کي دوست ملي ويو هو ان ڪري جمي ويو هو ۽ اڄ جو سنو آپريٽر لکيو ٿو وڃي.

مئسيج رِسيِو ڪرڻ، مئسيج پاس ڪرڻ، ٿوري گهڻي گپ شپ هڻڻ، ريڊيو ٻڌڻ ۽ تصورًا هوندو هو سندس روٽين لائيف. گهر جو حال احوال، ڪم ڪار بہ ڪونہ ڪو دوست ئي ٻڌائي ڇڏيندو هئس، سيٽ تان. اگر ڪو خاص ۽ نج ذاتي ڪم ڪار ۽ حال احوال هوندو هو تہ اهو خطن ۾ لکندو هو گهر. نہ تہ بس.

ڪافي وقت پنهنجي شهر ۾ رهيو، هي بہ مهينا ائين سائيٽ تي موڪلو اٿنس، سندس ئي چاهنا موجب! پنهنجي شهر ۾ رهي رهي تنگ تہ ڪونہ ٿيو

هو پر الائي ڇو چاهيائين ته ڪجهه آئوٽنگ ڪيان سو هليو آيو.
سيٽ مان سندس اسٽيشن کي ڪال ڪيو.
"ييس سر، آء ايم اويل ايبل اوور!"
"Please! Come on, on second channal
There is a personal massage for you, over."
چين تي مرڪ وکڙي ويس، سمجهي ويو، جهانگي هوندو.
چئنل مٽائي R-T تي ڳالهايائين:
"ييس!اوور!"
"..........." ڪو آواز ڪونه آيو.
"اڙي بابا مان آيو آهيان، حڪم! اوور؟" تنگ ٿيندي چيائين.
"..........." وري به آواز ڪونه.
"سچ! نه ته مان سيٽ آف ڪري ويجان ٿو ٻاهر! مونکي ڪم آهي، اوور!"
"ڪهڙو ڙي ڪم ٿئي ٻاهر! پگهار سيٽ تي ويهڻ جي ٿي ملئي، يا ٻاهر ڪم جي! اوور."
خفائپ دور ٿي ويس، پيهر چين تي مرڪ تري آيس، سچائي ورتائينس!
"ڏي حال احوال. ڪيئن آن؟ ٺاٺ. اوور!"
"ها. تون ٻڌاء، اوور!"
"آء ايم- آلسو اوڪي. ٻڌا! ڪهڙو ڙي پرسنل مئسيج اٿئي؟ اوور!"
"آهي بابا! نه ته مڙئي مان واندو آهيان سو ——— هون! تو ڪان سواء چڻ ماني ٿي ڪانه ٿي وٺي. اوور!"
"پوء ڏي نه ٻلا؟ اوور!"
"اونهون! ايئن ٿوري مڃائي وغيره- اوور!"
"حاضر الاهي مڃائي، هاڻي پليز تنگ نه ڪر. ٻڌاء، اوور"
"چڱو مڃائي ڏيو- هاڻي مئسيج ٻڌ: "هوء تنهنجي پاڙي ۾ جيڪا ٿوء ماء رهندي هئي نه، ان جي پيٽيوٽي جي سوٽ جي ماسات جي ڀڻات جي ماء جي سس کي ٻچڙ ڏيڻ جائي آهي!! مئسيج ڪمپليٽ. اف يو وانٽ آء ڪئن ريپيٽ. اوور!
"ييس. ڪائينڊلي ريپيٽ اگن اوور!" کلندي چيائينس.

”بابا، هي آخري دفعو ريپيٽ ٿو ڪيان، ڏيان سان ٻڌ. تنهنجي پاڙي ۾ جيڪا ڦتوءِ ماءُ رهندي هئي نه، ان جي پيٽوئي جيّ سوٽَ جي ماسات ِ جي ڀڦاتَ جي ماءُ جي سس ڪي ٻي ڏيهُ جائي آهي. اوورِ!“

”چڱو هاڻي مون وٽ به تو لاءِ هڪ مئسيج آهي. ٻڌ: “هوءِ تنهنجي نانيءَ جي ڏيهُ آهي نه، ان جي پٽ جي ماسيءَ جي سوٽ جي ڀڦاتِ جي ماروٽ جي سهري جي پٽ ڏي منهنجا ويهه رپيا هئا. انهن مان ڏهين رپئي جي مٺائي کائي ڇڏجان، باقي ڏهه رپيا موڪلي ڇڏجان. اوورِ“

”وڏو حرامي آن ـــــ اوورِ!“ ڪلندي ڪلندي آواز.

”ڪنا! تون ته ڇرڪائي ڇڏيندو آن پرسنل مئسيج جو ٻڌائي! مان ته اجان به اهڙي سيريس مذاق توري ٿو ڪيانءِ اوورِ!“

بس يار! سوچيم ته بور ٿيندو هوندي پيو، سو مڙئي ڊاڙو هئي وٺون، هونءِ ٻڌاءِ ماحول ڪيئن آ، اوور.“

”بس يار! شهر کان ڪافي ڏور آهي آفيس ۽ آفيس کان وري اجان به پري آهي سيٽ! ڪٿ ٻاهر وڏن ڊگهن وڻن هيٺان رکي اڪيلو اڪيلو وينو هوندو آهيان. نه ته بس اڪثر ڪمرو مان ۽ ريڊيو. بهرحال مان مطمئن آهيان. ڏاڍو مزو آ پرئڪٽيڪل لائيف ۾. هونءِ سچ ڪو ڪم ڪري نه ٿو سگهان. ڏس نه ڪلاڪ ڪلاڪ جي آ ڪال، سو ڇا ڪجي؟ وري هو ٻيو آپريٽر به آهي يَوِلي سوـــــ خير! ٻئي دفعي ڳالهه ٻئي ايندا سين. اوورِ“

”اڙي! مس چپ آئي اٿئي- چڱو ٺيڪ آ، جيئن چيئي تيئن ڪنداسين ۾ هاڻي ڪجهه سيريس ٿي. ٻڌاءِ ڪو مئسيج وغيره ته ڪونهي نه؟ اوورِ!

”نه، اوورِ!“

”ته پوءِ ڇا خيال ٿئي؟ اوورِ.“

”پوءِ او- ڪيّ. وري ٻو ملون ٿا. اوورِ.“

”اوڪي!“

سيٽ آف ڪري، ريڊيو آن ڪري، اچي کٽ تي ليٽيو. فرمائشي پروگرام ۾ قمر سومري جو گيت پريتما ڏانهن ريبيَ ٿو وچينس. ڪويتا ڏانهن! جنهن ٻنان جيون اڌورو لڳندو اٿس. وچئين طبقي جي هوءِ راڳ جيان روح جي، سچ جيان سرير جي ۽ مانيءَ جيان جسم جي غذا لڳندي اٿس اجان تائين.

زندگيءَ جي ٽئين ڏاڪي ۾ اچڻ وقت هن جي ارد گرد انيڪ ڇوڪريون ڦيٽڻ اسٽيج ۾ اچي ويون هيون/ اچڻ واريون هيون پر هن اجان اَن مسئلي ڏانهن سنجيدگيءَ سان غور ڪيو ئي ڪونہ هو تہ مئٽرڪ جي نتيجي اچڻ ڪري، والدين ڪيس پنهنجي مامي ڏي ڪراچيءَ موڪليو تہ جيئن وائرليس آپريٽريءَ جو ڪورس ڪري، ڪنهن نوڪريءَ سان لڳي وڃي. ڪيس اهو احساس ڪونہ هو تہ اتي ڪيس بہ ڪورس ڪرڻا پوندا ۽ پڻ زندگيءَ لاءِ ايترا ئي ضروري هوندا، جيترا ماني ۽ پاڻي!!

ڪراچيءَ واري بس مان لٿو، انڊريس مطابق ئي بس ۾ چڙهيو. ان مان لٿو تہ هڪ ڇوڪري بہ لٿي، الاهي سامان ڪٽي ويندڙ ان ڇوڪريءَ ڪانئس "ڪيڏانهن" وڃڻ جو پڇيو. جواب ڏيڻ بدران هي سرهي ٿي ۽ ڏاڍي ڌيمي لهجي ۾ چيائينس؛

"ڪجهہ سامان کڻائي هلندؤ؟"

هائوڪار بنان ئي هن سامان ورڇي کنيو ۽ پڻ چپ چپ هلڻ لڳا هئا. هن کيسي مان انڊريس ڪڍي ڏسي وري رکي ڇڏي.

"اوهان اتي ئي رهندا آهيو؟" ڇوڪريءَ ڪانئس پڇيو

"جي نہ! آءٌ ٻاهران جو آهيان."

"اڇا! هتي دوستن وٽ آيل آهيو؟."

"جي نہ! مائٽن وٽ!"

ٻيهر چپ ٿي وئي، وڪون ڪجهديون رهيون، وڌنديون رهيون اپارٽمينٽ جي هڪ فليٽ آڏو اچي هوءَ رڪي.

"ٿئنڪ يو! هيءَ منهنجو گهر آهي. اچو چانهن پيو!"

"جي نہ مهرباني!" سامان ڏيندي، هن ڪيس چيو.

"هڪ مهرباني، جي ٿي سگهي!" ڪارڊ ڪڍي ايڊريس ڇوڪريءَ کي ڏيندي هن ڪانئس پڇيو؛ "اِن گهر جو اڳر ڏس ڏئي سگهو تہ مهرباني!"

هڪ نظر انڊريس تي وجهي ئي نظر هن ڏانهس ڌري ۽ چيائينس؛ "اچو هي سامان رکون، چانهہ پيون، پوءِ مان اوهان کي ان انڊريس تي پهچايان ٿي."

ڊرائنگ روم ۾ ڪيس ويهاري هوءَ اندر هلي وئي، جهٽ ڪان پوءِ هڪ وڏي عمر جي مائي هن ڇوڪريءَ سان گڏ آئي. مٿس نظر پوندي ئي هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

”ماميءَ توهان...!“

”امان تو سڃاتس!“ ان ڇوڪريءَ جو عجب ۾ پوندڙ سوال!

”ها امان ـــــــــ ابا خوش آهيو گهر خير آهي!.“

”ها مامي! سڀ خير لڳو پيو آ.“

”توهان خوش آهيو. ڳوٺ خير آهي. ٻڪي چاڪ آ؟“ شڪائپ کان بچڻ لاءِ مسلسل احوالن جو پڇاڻو. دل ۾ ڏاڍو ڪليو هو.

”ها سڀ نيڪ آهن. سلام پيون چوَنوَ!“

”۽ پوءِ- ڪويتا پنهنجي پُل جو ازالو ڪرڻ لاءِ، الاهي وقتِ هن سان رهندي هئي ۽ ائين ڳالهين ۾ ڪين احساس ٿي نه ٿيو ته ڪو ڪين هڪ ٻئي سان پريم تي ويو آهي.

اتي مامي، ماميءَ جي شفقت. ڪويتا جي پيار ڪائنس اهو به وساراڻي ڇڏيو ته هو اصل جنهن ڪورس لاءِ آيو آ. اِن پوري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس سروس لاءِ ڪڏي ٻئي هنڌ به متان ويڃڻو پوي.

بس هن کي رڳو ياد اهو رهندو هو ته هو ڪورس تان موٽندو هو. ڪوتيا ڪاليج مان موٽندي هئي ۽ پوءِ گهر ۾ به مختلف موضوعن تي ڪچهري ڪرڻي هوندي هئي ته شام تي آئوٽنگ لاءِ به بحث ضروري هوندو هو.

گهر ۾ ته نه، پر جڏهن سورج، شام جو رنگ متائي اولهه ڏانهن لڙندو هو، تڏهن هي روڊ تان پنڌ هلندي اڪثر عورت، مرد، پيار ۽ شاديءَ جي موضوعن تي ڳالهائيندا هئا.

اوچتو ريڊيٽي تان ”ڪوڪوڪو“ جي آواز، ”هڪ“ ٽيڻ جي وارننگ ڏنيس، ڇرڪجي ٽپ ڏئي وڃي ڪرسيءَ تي وينو، سيٽ آن ڪيائين، اٽينڊنس ڪان پوءِ:

”يارهين واري ريڊنگ سيم ڪري ڇڏيو. اوور.

ٿهاري نظر سيٽ ڏانهن اڃلي، آف ڪري پاڻ ٿڪي ڪيائين ڪٽ تي، ياد آيس ته جهانگيءَ سان ڪچهري ڪرڻي هئي! هڪ مئسيج ڪيس به پاس ڪرڻو هو پر ڪم جي گهٽائيءَ نه هڻڻ ڪري شام پاس ڪري ڇڏڻ آسري، پاسو ورائي دري کولي ٻاهر نهارڻ لڳو

ڏور وٽن جي لامن تي اُس کان بچڻ لاءِ ڳيرا وينا هئا. ڳيرن جو آلاپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ڏاڍو وڻندو هو. پر اتي ڪيس ڇنو ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو ان ڪري اٿيو، ڪمري جو در ھيڪڙي آهستي آهستي وٽن ڏانهن وڌيو. تالهين جي ڍڳهن وٽن جي تڏي تڏي ڇانوَ ۾ ڪيس ڏاڍو سڪون ملڻ لڳو. ڳيرن جي آلاپن ٻڌندي ٻڌندي ڪويتا ڪيس ڏاڍو ياد اچڻ لڳي. جنهن سان انيڪ واعدا ڪيا هئائين. جنهن لاءِ انيڪ سپنا ڏٺا هئائين. الاهي وقت ماضيءَ جي حسين وادين ۾ رهيو ۽ موٽيو تڏهن جڏهن وڻ تي چڙهندڙ هڪڙي ماڪوڙيءَ سندس ڪياڙيءَ وٽ چڪ هنيو. حال ۾ ايندي ئي سامهون بورچيءَ کي ماني نيندي ڏسي، هو آفيس ڏي تهليو. ڳيرن جا آلاپ ڪانئس پرانهان ٿيندا ويا.

ماني کائي ليٽي پيو، سوچڻ لڳو، پريتا سان جيستائين پريم ٿو رهي! ڪا بہ آسپاسيڪ ڳالهہ نٿي ٿئي، تيستائين ان جي ياد ڪيتري نہ حسين هوندي آهي. خزان ۾ خزان جو احساس نہ رهندو آهي، سرديءَ ۾ سرديءَ جو ۽ گرميءَ ۾ گرميءَ جو چار ئي موسمون بهار لڳنديون آهن! وقت، جو بہ تہ ڪو احساس نہ رهندو آ. ڏينهن جو ساپيائن ۽ رات جو سپنن ۾، وقت ڪيڏو نہ تيز تيز ڊوڙندو آ.

پر جڏهن- جڏهن ڪو آسپاسيڪ واقعو پيش ايندو آ تہ ڪيڏو نہ ماٺهو تڙپندو آ ڏاڍو تمام گهڻو! ان کان وڏو روڳ تہ اهو هوندو آهي تہ پريتما جي ياد سک سانت ۽ سڪون کي ڪوهين ميل ڏور ڌڪي ڇڏيندي آ. ڪيڏي نہ اذيت ناڪ هوندي آ اها ياد ۽ ڪيڏا نہ اذيت ناڪ هوندا آهن اهي پل- [۽ ياد لهندي بہ تہ ناهي پريتما جي، ذهن مان] بريڪ سان گڏ هڪڙ بريڪ بہ هٽي ڇڏيندي آ. اهڙي ياد! وقت کي- اف!

"وقت" جي ياد ايندي ئي هن جو ڌيان ڪهڙيءَ ڏانهن ڇڪجي ويو. واچ ڏانهن نهاريائين. اٿيو سيٽ تي اچي ويٺو سمورو ڌيان سيٽ ڏي ڏئي وارننگ سينٽر لاهور مان ايندڙ ماپ لکيائين.

گڊو، تربيلا، ڪالا باغ، چشما، تئونسا، مٺن ڪوٽ، منگلا، رسول، قادر آباد، ٽمو، جسر، سنڌني ۽ سلمانڪي جي مٿين وهڪ، هيٺين وهڪ، لکيائين. مئسيج ڪمپليٽ ڪيائين. هن سوچن کان بچڻ لاءِ سڄو ڌيان سيٽ مان ايندڙ ڊان ڊڊ جي آوازن ڏانهن ڏئي ڪنورزيشن ڪندي مئسيج لکندو رهيو هو. ويچارڻ لڳو پاڻي بہ ڪونهي پوءِ بہ هرو پرو پر پلا ويٺا آهيون تہ فل

ريڊنگ بہ ٽٽا ڏين. مرالا، خانگي، اسلام ۾ قابل جي ريڊنگ پوءِ بہ ڪانہ ڏئن.

ڪي پَلَ سوچي ٿو تہ ڪنهن آپريٽر سان ڪچهري ويهي ڪيان پر وري سيٽ آف ڪري ٿو ڇڏي، نہ ڄاڻ ڇو؟! واپس اچي ڪٽ تي ليٽيو.

اڳ ۾ سڄو سڄو سال رڳو ڏوهن جي وچ سان گذرندو رهندو هو، زنا، چوريون، ڌاڙا، خون ۾ الائي ڇا ڇا. ڇا ڇا مئسيج پاس ۾ رِسيوِ ڪندي ڪندي. پر پوءِ بہ ڪيس ڪجهہ محسوس نہ ٿيندو هو. پر هاڻ جڏهن ڪان هو پاڻ ڏوهہ ڪري ويٺو هو تڏهن ڪان ڏاڍو الرجڪ ٿي ويو هو ڏوهن ڪان. لڳندو اٿس ڄڻ هي بہ ڪي ڏوهہ آهن؟ هي ڏوهہ ناهن، وڏي ۾ وڏو ڏوهہ تہ مون ڪيو آهي، مون! ۽ پوءِ ان سال ڪان وٺي هن سال جي ٻارهن مهينن مان ٻہ ٽي مهينا آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي ڪامياب ٿي ويو ۽ پوءِ هو هرسال ٽي مهينا ڪن ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ اچڻ لڳو ۽ اهڙيءَ طرح سال جا اهي ٽي مهينا سندس جيون سڪي پاسندو هئو ڪيس! پر! هن سال تہ اهي ٽي مهينا بہ الائي ڇو هوءَ ڏاڍو ياد آئي هئس ۽ پوءِ ———— پوءِ هو تڙپندو رهيو هو.

اهو منظر ٿو تري اچيس ذهن اسڪرين تي جنهن ڏهاڙي سندس اڌوري زندگي، اڌوري ٿي رهجي وٺي هئي، هميشه لاءِ. ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيڻ لاءِ.

اُن ڏينهن- ها ان ڏينهن- جمع هو شايد ۽ هو سيٽ تي ويٺو هو. آفيس جا مئسيج ڪجهہ پاس، ڪجهہ رِسيوِ ڪرڻ ڪانپوءِ پرسنل مئسيج لاءِ ڪنهن آپريٽر ڪيس ٻئي چئنل تي اچڻ لاءِ چيو- ٻئي چئنل تي سندس ڳوٺ واري دوست آپريٽر وٽ سندس لاءِ صرف مختصر مئسيج هو:

"Reach here immediately"

ٻئي ڏينهن، هو موڪل وٺي ڳوٺ ويو هو، موڪل ڪيئن ۽ ڪهڙي بهاني ورتي هئائين، تنهن سلسلي ۾ ڪابہ ياد ڇٽي ڪانہ اٿس، بس رڳو ياد اٿس تہ هو موڪل وٺي ڳوٺ پهتو هو ۽ پوءِ زمين سندس پيرن هيٺان ڇڏائجي چڪي هئي ياٿس جو پيءُ واتان احوال ٻڌيا!

پٿس ڪيس ٻڌايو:

"ٽن چئن مهينن جي مسلسل گهر نہ اچڻ تي مون ڏانهس خط لکيا پر

انهن جا جواب نه مُڪائين. پوءِ سندس هڪ دوست ڏي خط لکيم ته "منصور" ڪيئن آ؟ وغيره. ان ورنديءَ ۾ سندس سمورا حال احوال ڏنا ته، هُن جا هتي هڪ ڇوڪريءَ سان افيئرس ٿي ويا سو ان سان شادي ڪري ڇڏي اٿائين. پڳهار مان مسواڙ ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون مشڪل سان پوريون ڪري رهيو آهي. توهان ڏي لکڻ ۽ توهان ڏيئ اچڻ هاڻ ڪهڙي منهن سان جاري رکي."

پٽس ڳالهه اڳتي جاري رکيّ نه سگهيو هو ۽ گهٽو روڪڻ جي باوجود به سڏڪي ڀيو هو. هو به روئي پيو هو. گهرو ماحول جي ان حادثي سان پيٽ ۾ ان ڪارٽي پيدا ٿيل/ ٽيندڙ اثرن تي ويچاريندي.

کوڙ پلن ڪان پوءِ پٽس پيهر ڳالهائڻ لڳو هو. آوازا صحرائن مان پڙاڏو ڪندو، جذبات مان اتاهون ۾ مانائيءَ / سنجيد گيءَ مان هيٺاهون/ ڌيمو آوازا مختلف جذباتي ڪيفيتن سان، سندس ڪنن سان ٽڪرائجڻ لڳو هو.

"گهرو حال ڪو ڳجهو هئس، ماٽس ته وڃي آرامي تي قبر ۾. مان به پير لتڪايو ويٺو آهيان، ساهه تي ڪهڙو ڀروسو. ههڙي سَهٽي سَلڇٽي پنهنجي گهر واري، ان جو شرم ته نه ٿي ن، پر اولاد جو ٿي پويس ها! ٿي چار معصوم پچڙا، انهن جو مستقبل به نه سوچيائين!"

ڳيت ڏٺي نيٽن ۾ آيل پاڻيءَ کي پيئڻ چاهيندي، ڍگهو ٽڏو ساهه کڻندي ڳالهه جاري رکي هئائين: "مون دوستن وتان ملبل ايڊريس تي وڃي ڪيس هٿ ڪيو. ڏاڍو سمجهايومانس، واسطا وڌا مانس، پر اصل هڪ نه ٻڌائين. چئي، "مون کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان. جيئڻ ڏيو!"

پيءُ سان ڪچهريءَ ڪان پوءِ ننڍو ڀاءُ هوندي به ڪانئس ايڊريس وٺي وٽس ويو! سمجهائڻ/ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. پر هن جڏهن کيس ٻڌايو:

"مان پنهنجي هن چاهت ڪان سواءِ زندگي گذاري نٿو سگهان."

"پوءِ هُنَ جو به ڪجهه ته تو تي فرض آ". مجبور ٿي چيو هئائيس. پر ورندي ٻڌي چپ ٿي ويو هئو. هن چيو هو: "هيٺئين طبقي وارن ملازمن جون پگهارون ايتريون ڪٿي آهن جو هو ٻن گهر وارين کي ڊيل ڪري سگهن؟"

چاهيو هئائين ته کيس چئي ڏٺي ته پوءِ عشق ڪرڻ لاءِ ڪنهن قرآن وڌو هيئي. پر چئي نه سگهيو هئس. ويچارڻ لڳو هو ته "ڪيڏي نه سوچ ويچار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ پگهارن جي نسبت ٿاهي وئي آ تہ جيئن عام ماڻهو اقتصادي مسئلن ۾ ٿي ايترو منجهيل هجي جو جيڪڏهن هن وٽ ڪجهہ وقت بچي تہ بہ اهو انهن جي حل لاءِ پيڙبو رهي، ويچارن ٿي ويچارن ۾ ۽ جيڪڏهن ڪجهہ ڪرڻ چاهي تہ بہ اهوئي ڪري جيڪو سندس جيون جي گهرجن جي ٿي مس پورائي ڪري سگهي.“

ان شام جو مختصر ڪچهريءَ ڪانپوءِ تفصيلي ڪچهري رات تي رکي، هو شام تي شهر جي ٻاهرئين چيڙي ڏي نڪري آيو هو ۽ سادي عام رواجي هوٽل جي سڪون واريءَ هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺو هو. چانهہ جو آرڊر ڏئي چانهہ جي ڪوپ جي گولائيءَ ڏانهن ڏسندي، چانهن جي بل لاءِ هن ڪي، ڪيسي ۾ پيل ڪجهہ سالن ڪان نئون آيل ڊينگلو رپيو ذهن ۾ آيو. اهو گول رپيو اقتصادي دنيا جو گولو ياڻيندي هن کي انيڪ هنڌن تي جنگيون ۽ تحريڪون هلندي نظر آيون.

چانهن جي ڪوپ مان ڏڪ پريندي، پنهنجي گهر جي پس منظر تي سوچيو هٿائين، ماءُ مري ويل- پيءُ جهور پوڙهو! ڪمائي نہ سگهندڙ. (ڪمائي سگهي تو جيڪڏهن ڪيس دڪان ڪيدي ڏجي تہ! پر پئسو پئسي کي ڪمائيندو آ. اسان وٽ پئسو ڪمائيءَ لاءِ سيڙائڻ جو ئي تہ مسئلو آ. ڇو جو ايترو پئسو ڪيڏانهن اچي جو دڪان نڪري زمين بہ تہ ڪانهي) پيداواري ذريعا بہ ياٺر، مان ۽ منصور. معمولي درجي جي نوڪري ڪندڙ ۽ بہ يينرون [انهن جي شادي جو خرچ] بہ ياٺر نندڙا ٻهم. ياچائي، ادا جا چار بار، الائي ڪيئن گذارو ٿيندو هو پيو. پر هاڻ تہ ياءُ جي پگهار بہ اسان جي ناهي نہ رهي. هاڻ رڳو منهنجي معمولي پگهار مان ڇو ٿو ٿي سگهي؟

پريرا! هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هَو پر پوءِ بہ نہ چاهيندي بہ رات ياءُ کي هِنَ زال کي ڇڏڻ لاءِ چوڻ جو فيصلو ڪري اٿي گهر هليو آيو.

”بار ناهين، مون ڪان وڏو آهين ياءُ! اسان وٽ گهر جا وڏا بزرگ ناهن هوندا ڇو جو اهي ڪمائي ناهن سگهندا، قدر متجي ويا آهن هاڻي. ان ڪري تون ۽ مان گهر جا وڏا آهيون. پيار جي احساس کي مان محسوس ڪري سگهندو آهيان، بلڪ چاٺان ٿو. مان پوڇيندو آهيان پيار کي ۽ ان جذبي کي. پر ان مان اها مراد ٿوري آ تہ سموريون جوابداريون ڳٽس جا ڦوڪٽا سمجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا ۾ چڙهي ٿي..........

چپ ٿي ويو هو. رستي تي ڪنهن ڪنهن مهل ڪا سواري، ڪا پهر آئي پئي ۽ گذري پئي وئي. گهر ۾ هن کي پاڻ سان هن موضوع تي ڳالهائڻ مناسب نہ لڳو هو ان ڪري هيڏي نڪري آيا هئا. پاٽس چپ ٿي رهيو ۽ هن ڪجهہ دير ڪان پوءِ وري چوڻ شروع ڪيو هو. رستي تي پيل پتر کي لت هڻندي،

"اڄ مان اڪيلو آهيان، سياڻ ظاهر آ منهنجي بہ شادي ٿيندي . هاڻ تہ اجان بہ مسئلو پيد انہ ٿئي پر پوءِ تہ، مان بہ ڪٿي پنهنجي پر پوري ڪوشش ڪيان پر ذائفاتا مهٽا هڪبئي کي وڏي وجهندا آهن ۽ پوءِ زندگي، نہ رڳو اسان جي پر تنهنجي اولاد جي بہ الائي ڪيئن گذري. مون سوچيو آ، ڏاڍو سنجيد گيءَ سان سوچيو آ ۽ مان اهو فيصلو ڪيو آ تہ پليز، جذبات کي ڇڏ! سنجيدو ٿي سوچ ۽ پوءِ موٽي هل واپس گهر. جتي تنهنجو رت توکي پڪاري رهيو آهي. پوءِ ٻنهي کي ڊيل ڪر يا هِنَ کي............"

هبڪي کي پل ترسيو ۽ وري ڳالهہ کي ٻئي رخ کان شروع ڪيو هئائين؛

"اسان ماڻهن جي حالت اهڙي آ جو چويهہ ڪلاڪ، ڏينهن رات هڪ ڪري بہ جي چاهيون تہ بہ سماج پاران پيدا ٿيل مسئلا ئي مس حل ٿا ڪري سگهون تہ هي تہ رهندو پنهنجي هٿان پنهنجي ئي ڳچيءَ ۾ مسئلن جا نوڙ وجهٽا ٿيا.........!"

ريڊئي تي اوچتو سندس پسند جو گيت ايندي ئي هن گهڙي ڏٺي، ساڍا ٽي! ٽين واري ڪال ڪانہ اٽنڊ ڪيائين. ٽينشن ۾ گيت بہ انجواءِ ڪري نہ سگهيو. ريڊيو جيڪو ايترو وقت وڄندو رهيو هو بنان ڪيس ڊسٽرب ڪرڻ جي تنهن کي هن مهل بند ڪري ڇڏيائين ۽ ٻيهر هليو ويو ماضيءَ جي ڏنڌلڪين يادن ڏانهن جتان ريڊئي تان وڄندڙ سندس پسند جي گيت ڪيس ڪِهلي آندو هو. ڪيس ڏاڍي چڙ آئي اُن مهل ريڊئي تي!!

پاٽس جي اها ماٺِ ڏاڍي مُنجهائيندڙ ۽ ڏکي لڳي هئي ڪيس. ٻهرپائين چاهيو هئائين تہ پلي نہ ڳالهائي تہ جيئن هو ڪيس سڀ ڳالهيون تہ ڪري وٺي، متان اهي بہ نہ رهجي وڃن. پر هاڻ تہ ڪيس ڳالهائڻ ڳهربو هو. پاڻ جي وزنديءَ لاءِ ڳالهائڻ جي انتظار ۾ چپ چپ. هلي هلي تنگ ٿي پيو هو. ڏاڍو پنڌ ڪري آيا هئا. هن موٽڻ جو فيصلو ڪيو ۽ موٽندي بہ پاٽس چپ

رهيو. خفائپ کان پوءِ ڇرَ ڇڙهندي وٺي ٻاٽس تي سندس. پر الاٽي ڇو چُپ رهيو. گهر ۾ باقي وچي ڪي پنڌ رهيو هو ته ٻاٽس ڳالهايو هو:

”يارا ماں بابا کي بہ جواب ڏٺي ڇڪو آهيان، منهنجي وس ۾ ڪجهہ ڪونهي! نہ هنهي کي گڏي هلائڻ ۽ نہ هنَ کي........ سمجهين پيو نہ!“

”ها!“ ڪنڌ نمائي ورنديءَ ۾ پيهجندي هن وراٽيو هو.

”باقي ٻي ڪا راهہ هجي تہ.......... ۽ ها ٻڌ! مون تي رحم ڪيو. مون کي ڇڏي ڏيو. جي اڃان بہ انهن مسئلن تي زور ڏٺي ميرائڻ جي ڪوشش ڪَيَوَ تہ سچ، ماں خودڪشي ڪري ڇڏيندس. ڇو جو ان کان وڌيڪ مون لاءِ پوءِ ٻي ڪا راهہ مناسب نہ هوندي!“

ڪجهہ پل ترسي وري چوڻ لڳو هو.

”اهو فيصلو منهنجو اڄ جو فيصلو آهي، اهو فيصلو منهنجو سياڻ جو فيصلو آ. مون نهايت سنجيدگيءَ سان سوچيو آ ان تي!“

۽ ان مهل هُو ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو هو، سواءِ ان جي تہ نيڪ ان مهل نائيٽ سروس جي بس ايندي ڏسي، هٿ ڏٺي، چڙهي پيو هو ان ۾! ۽ سڄي واٽ سوچيندو آيو هو تہ حالتن سان ايڏي منافقي سونهين ٿي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي!

ياءَ جي ڊيٿ/ مرتئي جو ٽيليگرام ڪري، ان دفعي موڪل کان وڌيڪ ڏينهن رهي پيو هو ڳوٺ. فطري ڏک ٿيو هئس اها تار موڪليندي پر ضمير مطمئن هئس. اهي ڏينهن هن جي ذهني ۽ زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي امتحان جا ڏينهن ٿي گذريا هئا. سندس پيارَ، ڪانئس امتحان وٺي رهيو هو.

هن چاهيو تہ غير ذميوار ٿي هو بہ پنهنجي پريتما سان شادي ڪري ڇڏي. ياڇائي، سندس ٻارن ۽ پيٽن سان سندس ڇا؟ پر پوءِ ٻاٽس ۽ سندس ۾ ڪوبہ فرق نظر نہ آيو هو ان ويل کيس.

”ماڻهو ذميوار آ. پاڻ کان وڌيڪ پنهنجي رشتن جو، قوم جو، ڌرتيءَ جو ۽ جي غير ذميوار آ تہ پوءِ انسان ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق آ. پيٽ تہ هو بہ پالين ٿا!“ سوچيائين.

تڏهن سندس ذهن اسڪرين تي معصوم چهرن جا ڪلوزاپ اڀرڻ لڳا. معصوم ٻارڙن جا، پينرن جا، ياڇائيءَ جو، ياڻتِين ۽ ياڻتِن جا، ۽ پوءِ ڪافي ڏينهن ولوڙجندي ولوڙجندي فيصلو ڪري ورتو هئائين تہ ”اهڙي مسئلن ۾

پيڙجنڊڙ ڪٽنب ۾ هڪ وڏيڪ ماڻهو اچي پيڙجي، اهو مناسب ناهي. ان ڪان سٺو آ ته اهو فرد ته آرام واري زندگي گذاري."

جنهن ڏينهن اهو فيصلو ڪري ورتائين تنهن ڏينهن ٿي ڊيوٽيءَ تي اچي چڙهيو هو. پيءُ سان ڊگهي ڪچهري ڪرڻ ڪان پوءِ.

پٽس کي سنڊس پريم جي سڌ هئي ۽ واعدو به ڪيو هئائينس ته توکي اتان ضرور شادي ڪرائيندس پر جڏهن سندس ٿي زباني اهو فيصلو ٻڌائين ته:

"هاڻي آءٌ شادي نه ڪندس ۽ تيستائين نه ڪندس جيستائين ٻيا گهر ڀاتي مسئلن جي پنجوڙ مان آزاد نه ٿيندا. جڏهن معاشي حالتون سڌريون ويون تڏهن ٿي هتي ڪيا ڪنوار ايندي نه ته بس ۽ تيستائين انهن حالتن کي منائڻ جا جتن ڪبا!"

تڏهن روئي ڏنو هو پٽس سندس ان فيصلي تي! پرڪيڏي نه خوشي سنمايل هئي انهن لڙڪن ۾. اهو هن محسوس ڪري ورتو هو. ۽ ان ڏينهن کان هن پلانٽ جي ڪوشش ڪئي هئي پنهنجي پريتما کي! پنهنجي پريتماجي سمورن يادن کي.

ڪافي يادون پوريون/ اڻ پوريون پلانٽ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ويو هو پر هڪ ياد اڃا به پلائي نه سگهيو هو. اوچتو "ياد" جي ياد ايندي ئي، ڪيس پلانٽ جي ڪوشش ڪندي گهڙيءَ ڏانهن نو ڏسي! ٺيڪ چار لڳي ٽي منٽ. تڪڙ ۾ اٿي سيٽ آن ڪريتو چڏي انيندنس ۾:

"اڳهڻ ائبسينٽ هئڻ جو سبب؟ اوور!"

"لائيٽ ڪانه هئي سَر، اوور."

"پوءِ ريڊنگ ورتي اٿئي ڪٿان؟ اوور."

"نه سائين، اوور."

"چڱو صبح اٺين واري سيٽر ڪري چڏ. اوور!"

"او – ڪي سر. اوور."

"او– ڪي. اوور."

انيندنس اڪيلي وڏي: هي پنهنجي ڳالهايل ڪوڙ تي نو ويچاري!

"ڪوڙ به حقيقت ۾ مجبوري آ. اسان جي. انهن حالتن جي ٿي ته پيداوار آ. اسا ڇا ڪيون؟ اسان جو ڪهڙو ڏوهه؟........."

ريڊنگ لکي پٽيوالي هٿ موڪلي ٿو ڏئي آفيس ۽ سيٽ اف ڪري، اٿي

پاھر سامھون نَر جي وڻ ھيٺ پيل ڪٽ تي ٿو آھلي، پڪي جي ھوا ۾ به ڪيس تنگ ڪيو ھو نه! ننڊ ڪنيو ڪنيو پٽي ويس ۽ مصيبت اھا ته پيو پارٽنر به ڳوٺ ويل آئين، موڪل تي ته نه، ڇو جو آفيس جي موڪل ڪانه اٿس ھن جي، مُوڪل اٿس، ڪو آپريشن جي بنياد تي! خير وري ايندو ته ڊبل ڊيوٽي ڏيندو به ٽي ڏينھن چوريءَ چوريءَ ھيءَ به ڳوٺان چڪر ڏئي ايندو.

ڳوٺ جي ياد ايندي ٿي ڪيس اھا ياد. ياد ٿي اچي، جيڪا ھو اڃان مڪمل نموني پلائي نه سگھيو آ.

"ھڪ ڏھاڙي ساگر جي لھرن جي ڇھاءَ جي احساسن کي محسوس ڪندي ڪويتا کي چيو ھئائين.

"ڪويتا! دنيا جي، سماج جي، ھر ديوار ٽوڙي به مان توسان لانوان لھندس!"

تنھن ڏھاڙي سمورو ماحول، ساگر جون لھرون، ساحل جا واريءَ ذرڙا، ننڍڙيون ڪوڏيون، سپيون، ھوا جون لرزشون، سڀ جون سڀ ڪيس ان ڳالھ چوڻ تي مجبور ڪري رھيون ھيون ۽ تڏھن ئي ھن ايڏي يقين سان اھا ڳالھ چئي ھئي ڪيس. پر ڪيس اِھا سڌ نه ھئي ته وقت ۽ حالتون ڪڏھن به ساڳيون ناھن رھنديون! ۽ ھاڻ! ھاڻ ھو سوچي ٿو ته "مون کي اھو جملو چوڻ نه گھربو ھو!" ٿڌو ساھ کڻي سوچي ٿو.

"مون کي ته ساڻس پيار ئي نه ڪرڻ گھربو ھو!"

جنھن ڏينھن کان سندس اھو واعدو ٽٽو، ان ڏينھن کان ھو پنھنجو پاڻ کي ڏوھي سمجھڻ لڳو. ھڪ اھڙو ڏوھي، جيڪو ٻين سيني ڏوھين کان وڏو ڏوھي ھجي.

"ڪويتا سان بيوفائي مون ڪئي يا سماجي حالتن پاران ڪرائي وئي.........." سوچيندي گھڙيءَ تي نِگھا! ڪال جو ٽائيم، سيٽ آن ڪندي ٿي. "ريڊنگ سيمرا!" ڪانپوءِ پرسنل مئسيج لاءِ ٻئي چئنل تي اچڻ لاءِ جھانگيءَ جو چيو.

چاھي ٿو ته سيٽ آف ڪري ڇڏي پر- نه چاھيندي به چئنل مٽائي ٿو. سيٽ مان مزاح بدران سنجيد گيءَ سان آواز ٿو اچي. "اڄ مون وٽ ٿو لاءِ ھڪ تمام دکي مئسيج آھي، تنھنجو بابا....."

ان کان وڌيڪ ھو ڪجھ به ٻڌي نه سگھيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي فطري طور الاهي وڏو صدمو پهتو. الاهي وڏو! پر دل جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪا چٽنگ آئي، "اهو به چڱو ٿيو جو هڪ ڀاڄي ته کٽي."

۽ سيٽ آف ڪري ڇڏيائين......... ●

(1982ع)

* ڊان- ڊڊ= وائرليس جي آوازن جا "ڪوڊ" جن جي ميلاپ سان مئيسج ڏنا ۽ ورتا ويندا آهن.

* اوور= آپريٽر پنهنجي ڳالهه پوري ڪرڻ کان پوءِ اهو سگنل ڏيندو آ ته جيئن ٻي ڌر پنهنجي ڳالهه ڪري.

* آر- ٽي= ريڊيو ٽيليفون سسٽم جنهن تحت ڪوڊس کان سواءِ فون وانگر ڳالهائي سگهبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيون، اسڪيچ ۽ شاعري

ان ڏهاڙي، باٿ روم مان نڪري، پنهنجي ڪمري جي پرسان ئي هاسٽل جي مين گيٽ تي وارَ سڪائيندي، هو پناڻيءَ جي سر مارئيءَ مان ڪا وائي جهونگاري رهيو هو تہ پويان سندس روم پاٽنر ٽيليفون تي ڪنهن کان موڪلائي، رسيور، ڪريڊيل تي رکندي، کيس چيو هو:

”ڊسڪو دؤر ۾ پناڻيءَ کي جهونگاري رهيو آهين! وقت کان ڪيڏو پٺتي رهجي ويو آهين پارٽنر!“

”باٿ روم ۾ ڳائڻ جون شيون الڳ هونديون آهن ۽ ڪائنات جي وسعتن ۾ ڳائڻ جون شيون الڳ هونديون آهن پارٽنر.“ ورندي ڏئي هن سوچيو هو. ”الفابيٽ تي اهڙائي پارٽنر ملندا. هونئن بہ زندگيءَ ۾ ٿي چوائس پارٽنر نہ مليو. هيءَ تہ هاسٽل آهي.“ پنوءَ هُو ڪي پَلَ، مين گيٽ جي پاسن کان پارڪن ۾ ٽڙيل انيڪ رنگا رنگي گلن ڏانهن ڏسندو رهيو. جن جي پويان ڪا بہ ديوار ڪانہ هئي.

پويان ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، دروازي تي ڪو ڪونہ هو، ان ڪري ٽيليفون هن ئي اٽينڊ ڪئي. جا اتفاق سان سندس لاءِ ئي هئي ۽ جتان کيس سندس والد جي مرتئي جو پيغام مليو.

ان ڳالهہ ٿيا ٿيو؟ اهو شيڪجهہ هن وساري ڇڏيو آهي. مُدتُن ڪانپوءِ هو ماءُ جي خواهشن تحت، جڏهن پيهر پڙهڻ موٽيو تہ هن گلن کي قيدي ڏٺو! جيڪو هن کان برداشت ٿي نہ سگهيو. ان ڪري هو شهر ۾ رهڻ لڳو.

شهر ۾ هڪ شام، هن کي هاسٽل وارا اهي گل معمول کان ڏاڍو وڌيڪ شدت سان ياد آيا. هُو اداس ٿي ويو. دل بهلائڻ لاءِ اخبار ۾ پناهہ وٺڻ چاهيائين، جيڪا کيس جُرمن جي ڊائري محسوس ٿي. وڙهڻ، فساد، قتل، هڙتالون، اغوا، چوري، ڌاڙا، رشوت، ڌماڪا، حادثا، ڏڪار، ٻڏ ٻوڏ ۽

شڪايتن ۽ مطالبن جي وچ مان. هڪ ننڍڙي خبر ڪشادي تي سندس اکين ۾ سمائجي وئي، "تصويرن جي نمائش" متاچري خبر پڙهي، هن گهڙيءَ ۾ تاريخ ڏٺي. ان شام ٿي هئي. رتو چاڻ دنيا جي ڪنڊ مان، ان هال مان، هيڪار ايندي پانئي هُن. وجڻ ڪان اڳ، خبر ڏيان سان پڙهيائين. ڪنهن نئين چترڪار شازيہ جي تصويرن جي نمائش هئي. جنهن جو افتتاح ڪو سرڪاري آفيسر ڪري رهيو هو. هن هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي وجڻ واري ويچار تي، ويچاريو. جنهن ۾ ڪجهہ لڇڪ اچي چڪي هئي. لڇڪ جو سبب اهو ٻہ هو تہ چترڪار نئين هئي. اِهو ٻہ تي سگهيو ٿي تہ نمائش ڪرائيندڙ ادارو ٻہ ساک وارو ڪيس نٿي لڳو. يا ٻيو ٻہ ڪو سبب ٿي سگهيو ٿي. بهرحال مجموعي طور تي، نمائش، ڪيس ملي پڪت لڳي. ان ڪري ڪيس وري مونجهہ محسوس ٿي. هن ڪمري جو دروازو بند ڪري پنهنجي اُها ڊائري ڪڍي، جنهن ۾ سندس اها شاعري هئي، جا هن رڳو ۽ رڳو پنهنجي لاءِ ڪئي هئي. هو اها شاعري پڙهندو ناهي. پر اُها شاعري ڪيس پڙهندي آهي! ۽ هر ڪوتا ڪانئس اِهو پڇندي آ تہ "تو مونکي ڪنهن لاءِ لکيو آ؟" ان سوال جو جواب هن وٽ رڳو لڙڪ هئا. جن جي ٻولي، ڪوتائون سمجهندي ٻہ نہ سمجهي سگهنديون هيون.

هن جي شاعري ۽ هو بسترِي تي ليٽيا رهيا. اوچتو در جي ڪڙڪي، ڪين جاڳائي وڌو! هن ڊائريءَ کي ڪتابن جي شيلف جي ٻين ڪتابن ۾ گم ڪري، دروازو کوليو. سامهون آفتاب کي ڏسي هن مرڪي ڏنو. آفتاب سان ٻالجتيءَ کان هن جو مرڪن ۽ لڙڪن، ٻنهي جو سڱ رهيو آهي

"اکيون ڳاڙهيون لڳيون پيون اٿئي؟" آفتاب اندر اچي ويهندي پڇيس.

"ليٽيو پيو هئس!" ورنڌي.

"اڄ منهنجو "آف" آ." آفتاب جو موڪل واري ڏينهن جڏهن ٻہ آئوٽنگ جو موڊ ٿيندو آ، تڏهن ائين ئي چوندو آ.

"مان ٻہ ڏاڍو منجهيل آهيان." هن وراڻيو.

"تون سلجهيل ڪڏهن رهيو آهين؟" ٽوڪيائينس.

هن مرڪي ڏنو ۽ کلندي چيو، "تاريخ مون سان هر دؤر ۾ ٽرئجڊيز ڪيون آهن!"

"رڳو تاريخ جو؟ توسان تہ جاگرافي ۽ ايڪنامڪس ٻہ ٽرئجڊيز ڪندي

رهندي آ. اٿئي ڪو سبجيڪٽ ذهن ۾، جنهن توسان انصاف ڪيو هجي!"
آفتاب ڏاڍي وڏي ڳالهه ڪري ويو جيڪا ڪيس پٺاڻيءَ جي شاعريءَ جهڙي سچي لڳي. هو ماٺ ٿي ويو.

"ٻاهر نڪرنديون يا بند ڪمري ۾ پيو هونديون؟! ڪڏهن ته سدورا، حيدرآباد جي شام ٿي نصيب ٿئي!" آفتاب چيو.

هن سوچيو ڇني ڏٺيس ته "حيدرآباد جون شامون ته توکي شفٽ ڇئينج ڪرائڻ سان ملي سگهن ٿيون. پر شامن جون پوڳڻائون ڏاڍيون ڏکيون آهن."
پر الائي ڇو ڇئي نه سگهيس ۽ گهر ڪي، ڪنهن ٻي گهر ماٺهوءَ جي قبضي ڪري ويهڻ جي ڀوَ کان، تالو ڏئي، هو ٻاهر نڪري آيا.

"ڪيڏانهن هلجي؟" آفتاب جو سوال.

"سج کي جيستائين ڄامشورو روڊ کان يا لطيف آباد روڊ کان الهندي ٽتو ڏسجي، تيستائين شام جي آئوٽنگ جو تصور، مون لاءِ ڪا معنيٰ ٽتو رکي!" هن وراڻيو.

"شاعري رات ڪجان، هن مهل منهنجي شام خراب نه ڪر"
آفتاب مذاق جي موڊ ۾ ٿي لڳو.

"اخبار ۾ هو ته تصويرن جي نمائش جو افتتاح ٿيڻو هو. جي ڪو پروگرام نه هجي ته اوڏانهن ئي هلجي. هن چيو.

"رسڪ آ." آفتاب چيو.

"آوارگيءَ کان ته بهتر رهندو!" ڇئي هو ٻئي نمائش واري هال ڏانهن رواناٿيا. ٽائيم کان اڌ ڪلاڪ دير سان پهتا، پوءِ به اڃان پروگرام شروع نه ٿيو هو. وقت گذاري لاءِ، هو پهرين قطار ۾ ويٺل ڇوڪرين مان آرٽسٽ ڳولهڻ لڳا. هڪ ڇوڪري جاڏاڍي سادي ۽ سٻاجهي پئي لڳي. ان جي پيرن تي پيرن جا لهرن مان، سندس اڻ ٽڻ محسوس ڪري هن آفتاب کي چيو.

"اِها ئي آرٽسٽ ٿي سگهي ٿي. جي واقعي اِهائي آرٽسٽ آهي ته شام سجائي ٿيندي، جي ٻي ڪابه! آهي ته سياڻي موڪل ڪري، اجوڪي شام جي ليٽ ڪيڏي ڇڏجان."

پروگرام شروع ٿيو. اسٽيج تي شازيه کي سڏ ٿيو ته هوءَ ئي اُٿي. هن کي يقين ٿي ويو ته اڄ جي شام کي جا امرتا ملندي، سا تمام گهٽ شامن کي نصيب ٿيندي آهي. پروگرام دوران هن ڪجهه به نه ڳالهايو. بس رڳو شازيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پٽي ڏنو ۽ ڪيس فنڪار جي ڪسوٽيءَ تي پٽي پرکيو. هونءَ به سندس خيال هو ته جڏهن فنڪار ۽ فن بئي اڳيان هجن ته ڪنهن به ڊِنگ ڪان ڊِنگ جاڪمينٽس ڪا معني نٿا رکن. شازيه هن کي تصور ڪان وڌيڪ سچي، سپاجهي ۽ پنهنجي لڳي. پروگرام ڪانپوءِ نمائش جو افتتاح ٿيو. شازيه پنهنجي تصويرن جي تشريح ڪرڻ لڳي. هن ويجهو ٿي ڪيس ٻڌو پر سندس تشريح ڪان مطمئن نه ٿيو.

"اِها به ڪيڏي نه ٽريجڊي آهي. فنڪار پنهنجون من ڀاوناٺون تصويرن ۾ ڏٺي ڇڏيون آهن. ضروري آ ڇا ته اهو سڀ ڪميٽريٽربه هجي؟" هن آفتاب سان ڳالهايو. آفتاب تصويرن ۾ گم هو. "ٻين لفظن ۾ ائين ڇٽي سگهجي ٿو ته اوهين اندا آهيو ڇا؟" هن ٻيهر ڳالهايو ۽ ورندي نه پائي، ان پاسي ڪان تصويرون ڏسڻ لڳو. جنهن پاسي ڪوبه ماڻهو ڪونه هو. تصويرون ڇا هيون؟ احساسن ۾ ساه پيل هو. اکين جا اسڪيچ هئا. اکيون، جن ۾ تخليق جو درد هو. سُر ساموندي ۽ جون سمورين آشائون هيون. سُر راڻي جون وينتيون هيون، مارئي جو انتظار. آهون ۽ دانهون هيون سر سارنگ جي چاهنا هئي ۽ اهو سڀ ڪجهه هو، جو زندگيءَ ۾ هو. هن سوچيو ٻئائيءَ جي ڀاوناٺن کي سمجهي، انهن جي ايڏي عڪاسي تمام گهٽ آرٽسٽ ڪري سگهيا آهن.

هو ماڻهن ڪان پرانهون ٿي، ڪئمرا جي ڪوٽ جو احساس پوڳيندي، سمورين تصويرن کي ذهن ۾ سمائڻ جا جتن ڪري رهيو هو ته آفتاب پرسان اچي چيس،

"يار! شام واه جي سجائي ٿي آ"!

"ها" چئي هن مرڪي ڏٺو ۽ سوچيو "اڄ مون کي منهنجي ڪيل ذاتي ڪوتائن جي سوال جو جواب ملي ويو. هن چاهيو ته آفتاب کي ٻڌائي ته "اڄ رات جڏهن بستري تي سُتي پٽي، منهنجي ذاتي شاعري مون ڪان پڇندي ته "آخر تو مونکي ڪنهن لاءِ لکيو آ؟" ته مان هڪ ناو ڪٽي سگهندس." پر الائي ڇو هو آفتاب کي ٻڌائي نه سگهيو.

هن چاهيو ته اهڙن عظيم تخليق ڪار هٿن کي چهي/چمي، پر دنياوي اخلاقيات ۾ اهڙي ڪا به گنجائش نه هئي. مجبوراً هن شازيه جي تخليق ڪار هٿن جو لمس پاڻ وٽ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڊائري کولي ۽ سڄي سال جي خالي پيل ڊائريءَ مان، ان تاريخ وارو پيج کولي شازيه کي چيائين،

”آٽو گراف پليز!“

شازيہ مسڪرائي ھن ڏانھن ڏٺو ۽ ڊائريءَ تي لکڻ لڳي:

The best way to know life is to see & Learn things
Shazia 27-11-86

آٽو گراف پڙھڻ ڪانسواءِ ھن ڊائري بند ڪري اچي گيٽ تي پيل تاثراتي بڪ کنيو ۽ لکڻ لڳو.

”شازيہ! مون تنھنجي اسڪيچن مان ٿر جي پياسي صحرائن جون صدائون پڌيون آھن. ان کان به اڳتي ميدان ڪربلا جي پياس آ. جتان جي يزيديت کي ذھن ۾ رکي، پيھر اھڙي سانحي کان بچڻ لاءِ، اسانکي ڪو بلو ڪرڻ گھرجي!“

تاثر لکي، ھن شازيہ کي ڀرپور نگاھ سان ڏٺو ۽ سوچيو ”شازيہ جون اکيون، سندس اسڪيچ ۽ منھنجي شاعريءَ ۾ ڪيڏي نہ ھڪجھڙائپ آھي.“

(1988ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احتساب

مان سنڌيالاجيءَ جي ڇپر تي ويٺي، سنڌيالاجيءَ جي عمارت کي ڏسي، پنهنجي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جي عظيم سرمايي ۽ اتساهہ جي ذريعي، تي ويچاري رهيو هئس. جڏهن سنڌيالاجيءَ جا سڀ رکوالا اسان جي هن عظيم سرمائي کي، چند رپين جا تالا ڏيئي، محفوظ سمجهي، پنهنجي رواجي زندگيءَ ڏي هليا ويندا آهن، تڏهن شام جو اڪثرمان هتي ئي اچي ويهندو آهيان ۽ هتي مون کي "هوءَ" ياد اچي ويندي آهي.

موهن هڪ ڏينهن ائين ئي هن جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ سندن ڪلاس جي هڪ ڇوڪري آهي پياري پر مغرور ڏاڍي آ. ڪنهن سان سڌي منهن ڳالهائي ئي نٿي؟ هن جي ڳالهہ ٻڌي مان مرڪي پيو هئس.

"هاسٽلر آ!؟" پڇو هيو مانس.

"ها! "هنڊريڊ" روم نمبر ۾ رهندي آ."

"اڄ ڇا جي ڏينهن آ؟" مون ڪانئس پڇيو هو.

"اڱارو!" هن وراڻيو هو.

"تون مونکي هن جي مڪمل ايڊريس لکي ڏي، ڇنڇر ڏينهن تون مون وٽ اچجان، هن جو جوابي خط پڙهڻ. جنهن ۾ ڪنهن جاءِ تي ملاقات جي آڇ هوندي." منهنجي اها ڳالهہ هن کي ڏاڍي ڏکي لڳي. هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهي، بال پوائنٽ کولي پرسڪر پشن پيڊ تي لکڻ لڳو. پڻ ڪانپوءِ پنو ڦاڙي مون ڏي وڌائيندي چيائين، "ايل ايم سيءَ جو چارم تي سگهي تو ڪيس........"

"بهرحال مونکي هتي هڪ دوست کپي پئي!" چئي مون ايڊريس وٺي کيسي ۾ وڌي. رات تي خط لکيم. صبح جو پوسٽ ڪيم ۽ ڇنڇر جو انتظار ڪرڻ لڳس.

جمع تي دير تائين ستو رهيس پوءِ وهنجي ڪاريڊور ۾ وار سڪا ٿي رهيو هئس ته پٽيوالو آيو، "صاحب اهان جو فون آهي."

"اڃان ٿو." چئي اڪو پوءِ چانهن پيئڻ بهاني روم لاڪ ڪري ڏاڪڻ لهي هاسٽل جي گيٽ تي آيس. ٽوال سان وار اگهندي، رسيور ڪن تي رکيم.

"هيلو." لاغرضيءَ سان چيم.

"هيلو!" ڇوڪريءَ جو آواز ٻڌي ٽوال هٿن مان سرڪي ويو. "آڪاش! صاحب پيا ڳالهايو؟"

"جي ها! اوهان ڪير؟" ڌڪندڙ آواز ۾ پڇيم.

"جنهن ڪي اوهان خط لکيو هو!" ورنديءَ وائڙو ڪري ڇڏيو هو.

"مان ته سياڻي لاءِ اوهان جي جواب جو انتظار ڪري رهيو هئس." هٻڪندي جملو پورو ڪيم.

"اصل ۾ ٿيو ائين ته اوهانجي خط ملندي ئي مان منجهي پيس. اهاسڄي رات سمهي نه سگهيس. سوچي سوچي اڌ چري ته ٿي وئي آهيان. هڪ دل چيو ته اهانجو خط ڦاڙي لفافي وجهي ۾ اوهانکي موڪلي ڏيان. ٻي دل چيو ته ائين سمجهان ته ڇڻ خط مونکي مليو ئي نه آهي ۽ ٽين دل چيو........"

"پهرين ڳالهه اها آهي ته تون پوري جي پوري چري ٿي چڪي آهين. اڌ نه! ٻي ڳالهه اها ٻڌاءِ ته تو وٽ دليون ڪيٽيون آهن." مون سندس جملو ڪاٽيو.

هوءَ کلي پئي. منهنجي ڪنن ۾ سنڌوءَ جي ڇولين جو آواز ٻرڻ لڳو.

"اوهان صفا ڪنا آهيو!" هن چيو.

"اهو فيصلو پوءِ ڪنداسين!" چيم.

"ڪڏهن؟"

"تون پهريان ڳوٺ وڃ! پنهنجي امڙ کان صلاح وٺي اچ ته پوءِ."

"صلاح ته مون وٺي ڇڏي آ."

"ڪنهن کان"

"هڪ دوست کان."

"هاسٽلرفرينڊس آخري تاريخن ۾ سدائين غلط صلاحون ڏيندڙ يون اٿئي. هن جو هاضمو......"

"نه. هن جو هاضمو صحيح آهي." جملو ڪٽيندي چيائين.

"آخري تاريخن ۾ ٻہ!"

"ها!"

"پوءِ ان مان ڪهڙي چڱائيءَ جي اميد ٿي ڪرين." مسڪرائيندي چيم.

"توهان ڏاڏا سٺا آهيو!"

"امان بہ ايئن چوندي آ!" ڪلي وراڻيم. هوءَ چپ رهي. مون ٻيهر ڳالهايو، "تو تي علامہ اقبال جو اثر ته ڏسجي!"

"ڪيئن؟" هن پڇيو.

"پهريائين ڪنو چيئي، وري سنو تي چئين. هن بہ "شڪوه" لکيو، وري تڪڙ ۾ "جواب شڪوه" لکيائين."

"مون سوچيو آ تہ پاڻ ڪٿي گڏجي چانهہ پيون!" هن منهنجي ڳالهہ درگذر ڪندي چيو.

"امان جي مون لاءِ ناهيل نام نهاد بجيت، مون کي ان جي اجازت نہ ٿي ڏئي."

"مان ڪجهہ بہ نہ ٿي ٻڌان! رات کان ٽراءِ پئي ڪيم تہ اوهان سان ڳالهايان. پر هڪ نمبر ڏکيو ملي، ٻيو ملي تہ صاحب ليي ڪونہ. سوچيم تہ ڪوٽ نہ هليو ويو هجي. پوءِ مڙني صبح ٽراءِ ڪيم تہ ڏسان مَن........ شڪر آ اوهان ملي ويا. هاڻ سياڻ چنچر جي ڏينهن شام جو ڇهين وڳي سنڌالاجيءَ جيءَ لان ۾ آءُ اوهانجو انتظار ڪندس!" هن پنهنجو فيصلو صادر ڪندي چيو هو.

"لان ۾ ڪا ٻي جوڪري پنهنجي منهن ويٺي هجي تہ بہ مان ويهي رهان تہ چانهہ پيارا ٻيلي رحم ڪر جو تي سنڌالاجيءَ جي سامهون مار کارائين."

"نہ پئي ڪوئي بہ نہ هوندو ان مهل! هل پلا نشاني اها اٿئي تہ مان سان گڏ مانجي هڪ فرينڊ بہ هوندي. يا ائين ڪيو جو تو هان پاڻ سان ميڊيڪل جو ڪتاب ڪٺي اچي اتي ويهجو. اسان پاڻهي اوهان کي سڃاڻي وٺنداسين."

"ءِ منهنجي جاءِ تي هي ٽيلي فون آپريٽر اچي ويهي رهي تہ پوءِ....."

منهنجي ڳالهہ تي هن کان ٽهڪ نڪري ويو. ڪيٽ جي پرسان لڳل گل ستارن جيان چمڪڻ لڳا.

"توهان ڇا ڪري رهيا هئا؟" هن پڇيو.

"مان هاڻي اٿيو هئس. وهنجي وار سڪائي رهيو هئس، توهان ڇا ڪري

رهيو هيون؟" جواب سان گڏ سوال پڇيم.

"مان اوهان کي ٽيلي فون ڪري رهي هئس!" هن جي جملي مان هن جي چپن جي مرڪ محسوس ٿي رهي هئي. "هونءَ جمع ته اسان جو به "ٻاٽ ڏي" هوندو آ نه! سو وهنجي مان به ٻار سڪائڻ لاءِ اچي گيٽ تي ويٺم. سوچيم ته اوهان سان ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي."

"هاٽي پنهنجي ساهرن تي رحم ڪيو! ايڏيون ڪچهريون ٽيلي فون تي ڪرڻ جي عادت پئجي وئي ته...." مون نه چاهيندي به ڪيس ڇٽي ڏنو هو.

"اوڪي اوڪي وڙهه نه بابا! ڇنڇر شام جا ڇهه ياد ڪجو." چئي هن رسيور رکي ڇڏيو. مان مدت تائين هن جي آواز جو ڇهاءُ رسيور مان محسوس ڪندو رهيس.

ٻئي ڏينهن منا موهن کي خط ته ڏيکاري ڪوڙو ٿي پيس: هن مونکي ان شرط تي بخشيو ته شاهه تي هو اسان کي لڪي ڏسندو.

شام تي مان شهر ويس. جتان ورندي دير ٿي وئي ميڊيڪل جو ڪتاب به وسري ويو. مان يونيورسٽي بس مان مارئي هاسٽل واري پاسي لهي پيس ۽ وچان پنڌ سنڌالاجيءَ آيس. لان تي ٻنهي پاسن ڪان ٻه ٻه ڇوڪرين ويٺيون هيون. مان منجهي پيس. اهڙن لمحن ۾ مونکي امڙ جيجل جامرشد، "سخي صالح شاه"، "احمد شاه"، "محمد شاه" ياد اچي ويندا آهن. پر ان ڪان اڳ جو اهي منهنجي واهر ڪن، پرئين پاسي وارين ڇوڪرين مان هڪ وڌي آئي.

"آڪاش آهيو؟" پڇيائين.

"ائين چوندا آهن." وراڻيم.

"اسان اوهانجو ئي انتظار پئي ڪيو. اچو." چئي اڳتي وڌي.

"انتظارڪيئن لڳو؟" مون ڪانئس پڇيو.

"اسان اوهان کي صحيح سڃاتو نه؟" هن جواب ڏيڻ بدران سوال ڪيو.

"تانگهيل من سڃاڻڻ ۾ غلطي ناهن ڪندا!" مون وراڻيو ۽ ٻي ڇوڪريءَ کي سلام ڪري ويهي رهيس. هوءَ چپ هئي.

"هيءَ منهنجي دوست آهي "نجمه". ڪلاس ميٽ به آهي." خاموش ڇوڪريءَ جو تعارف ڪرائيندي هن چيو.

مون اڳهڻ چيو هو ته تانگهيل من سڃاڻڻ ۾ غلطي ناهن ڪندا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها توهان چيو هو.“

”پوءِ مان چوان ٿو ته ”رخسانه“، اوهان نه هيءَ آهي. ته؟“ مون ائين چو چيو. اها مون کي به خبر ڪانهي.

”نڳي تو اوهانجا مرشد پهتل بزرگ آهن.“ هن مرڪندي چيو.

”منهنجي ڇهين حس ڏاڍي پهتل آهي.“ مون وراڻيو.

”وري به. اوهان ڪيئن سڃاتو؟“ هن اتساه مان پڇيو.

”دوستن کي سڃاڻڻ لاءِ دليلن جي ضرورت نه هوندي آ.“مون وراڻيو.

ڀلا اوهين ڄاڻو اوهان جو ڪم. ”ڇٽي هوءَ پرتي تي ويهي رهي. ”اوهان منهنجي تصور جي بلڪل ابتڙ نڪتؤ!“ هن پهريون دفعو ڳالهايو هو.

”پوءِ مان هلان“ مون وراڻيو.

”چانهن ته پيئي پوندي اوهانکي!“ هن مسڪراهٽ کي چپن ۾ قيد ڪندي چيو.

”چانهن جي جاءِ تي آءٌ اوهان جي ”ڪوڙ“ کي ياد رکندس.“ مون چيو.

”اوهان مائينڊ ڪيو نه! مون ته اوهان جو ٽئلينٽ ڏسڻ پئي گهريو.“ هوءَ شام جي سڄ جيان پيلي ٿي وئي. مان ڏانهنس ڏيان ڏيڻ بنان سپرهاءِ وي تان گذرندڙ گاڏيون ڳڻڻ لڳس.

”اوهان لاءِ منهنجي ذهن ۾ هڪ ماڊ ميڊيڪل اسٽوڊنٽ جو تصور هو. پر توهان ته بلڪل سمپل آهيو. سچ ته اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي آ.“ هوءَ ڳالهه پوري ڪري سنڌ الاجيءَ جي پر سان نهيل ڪينٽين ڏانهن وڌي وئي.

”رخسانه جي غيرموجودگيءَ جو فائدو وٺندي آءٌ اوهان کي چوڻ اهو ٿي چاهيان ته آڪاش! رخسانه کان وڌ مونکي هڪ دوست جي کهرج آهي. جيڪڏهن اوهان والنٽيئرلي ”ييس“ ڪيو ته رخسانه سان مان خود ڳالهائي سگهان ٿي!“ نجمه جي اها ڳالهه ٻڌي جي چانهن جاڪوپ منهنجي هٿن ۾ هجن ها ته چڏائجي وڃن ها. پر اهي رخسانه جي هٿن ۾ هئا ۽ هن اها ڳالهه نه ٻڌي هئي. هوءَ به ڪوپ رکي وري ڪينٽين ڏانهن وئي.

”مان اوهان جي ورنديءَ جو انتظار ڪري رهي آهيان!“ هن آهستگيءَ سان چيو.

”مان فيل ٿيڻ جي پرواه بنان ڪڏهن ڪڏهن اهڙا سوال اٽيمپٽ ئي نه ڪندو آهيان.“ منهنجو جواب ٻڌي هن ڇا محسوس ڪيو؟ اهو هوءِ لڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. رخسانه چانهن جو ٽيون ڪوپ به کڻي آئي. چانهن،

پيئندي رخسانہ چيو "مون سوچيو هو تہ جيڪڏهن مون کي اوهان منهنجي مزاج جا لڳندو تہ مان اوهان کي هڪ ڳل ڏينديس جيڪو دوستيءَ جي آڇ هوندي."

"ڳل آءٌ پٽي ناهيان سگهندو!" مون جواب ڏنو. هوءَ پل کن لاءِ ماٺ ٿي وئي.

"آءٌ هاڻ ڄامشوري ۾ پاڻ کي اڪيلو نہ پائيندس!" هن جملو چئي مون ڏي ڏنو.

"مان پنهنجو فيصلو پاڻ وٽ اڃان محفوظ ٿو رکان." ورندي ڏئي مان ڄامشوري جي هوا ۾ پٿرن جي سختيءَ ۾ ڳلن جي نرمي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

ان ڪان پوءِ اسان الاهي وقت ڳالهائيندا رهياسين سڄي سنڌ جي مستقبل لاءِ ڄامشوري ڏانهن ڪجهنڊ اميد افزا اکين ڪان وئي، ڪلڻشنس تائين. اسان جون ڳالهيون، سچ کي زنجير وجهي ڪونہ سگهيون! اسان اٿياسين. هو پٽي پارڪ جي ڇڙ ڦير گلاب جي ٻارين ڏانهن وڌي ويون ۽ مان آهستي آهستي ٻاهر نڪرڻ لڳس.

"مان تنهنجي پاران آڪاش کي هڪ ڳل ٿي ڏيان." رخسانہ کي چوندي نجمہ تڪڙي مون ڏانهن وڌي. هن ويجهو اچي ڳل مونڏانهن وڌائيندي آهستگيءَ سان چيو "اهو منهنجي پاران اٿوَ." مان ڳل اڇلائي بہ نہ سگهندو آهيان ۽ ڪيس واپس بہ ڪري نہ سگهيس. جڏهن رخسانہ اچي مون کي ڳل ڏنو تہ مون اهو ڳل، ڪيس ڏئي ڇڏيو.

"زندگي رهي ۽ ڄامشوري جون حالتون صحيح رهيون تہ پاڻ وري ملنداسين." چئي مون هنن ڪان موڪلايو ۽ سپر هاءِ وي تان تيز تيز ڳاڏين جي پاسي ڪان هورڀان ايل يم سيءَ راهي ٿيو هئم.

ٻئي ڏينهن ڄامشوري جا سيئي تعليمي ادارا وڪيشن جي بهاني اڻ ڄاڻايل مدت تائين بند ڪرائي هاسٽلون خالي ڪرايون ويون هيون.

ڇهن انن مهينن ڪانپوءِ جڏهن ڄامشوري جا تعليمي ادارا ڪليا تہ سمورا تعليمي ادارا ۽ سموريون هاسٽلون ديوارن ۾ قيدي بنجي چڪيون هيون. اهڙن قيد خانن ۾ رهڻ ڪان شاگردن ناٻري واري ڇڏي ۽ هاسٽلن آڏو قناطون ۽ شاميانہ هڻي انهن ۾ رهڻ لڳا. جنهن ڏهاڙي انهن شاگردن کي پوليس گرفتار ڪري وئي، هوءَ مون کي ان ڏينهن "ٻيو دفعو" ملي هئي. "نجمہ پٽي چيو تہ ... ادي ٿي وئي." مون غير يقيني طور تي مسڪرائيندي ڪانئس پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها! تعليمي ادارن وانگي، گهرن ۾ به اسان جي مرضي تورئي هلندي آ.“ هن پاتالن مان ڳالهايو!

”ڪو ته ڏور اهڙو ايندو جو اسان جي گهرن ۽ تعليمي ادارن ۾ اسان جي مرضي هلندي.“

”ڪاش! ائين ٿئي.“ چئي هوءَ بنا موڪلائڻ جي هلي وئي ۽ پوءِ هوءَ يڪو نظر ڪانه آئي.

سنڌ الاجيءَ جي لان ۾ ويٺي اچ الائي ڇو مونکي هوءَ شدت سان ياد آئي. الائي ڪهڙي دنيا ۾ هئُم جو اوچتو هن تي نظر پئي. هن جي ڪلهي ۾ ٿيلهو ۽ هٿ ۾ شيخ اياز جو ڪتاب ”راج ڳهاٽ تي چنڊ“ هئو.

مون تي نظر پوندي، لڙي آئي. ٿيلهو ۽ ڪتاب هيٺ رکي پاهن چنڊيائين ۽ ويهي رهي. مان چپ چاپ اٿي ڪينٽين تان جوس جا به پئڪيٽ ۽ چپس جون به ٿيلهيون کڻي آيس.

”قرض چڪائڻ تو چاهين؟“ هن مونڊي ڏسندي پڇيو.

”وياج سوڌو.“ مون ويهندي چيو.

”مان نه ٿي پيان.“ هوءَ مڙي پرتي منهن ڪري ويهي رهي. مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو، هن ڪنڌ ورائي ڏٺو.

”ائين ڪنديئن؟!“ مون چيو. هوءَ چپ چاپ مڙي ويٺي. چپس جي ٿيلهي کولي مون ڏانهن وڌائيندي چيائين هڪ ڳالهه پڇان؟“

”رواجي ڳالهه نه پڇجان.“ چيم.

”اڪين ۾ اوجاڳو اٿئي؟“ پڇيائين.

”رات ستو ناهيان.“ چيم.

”روز جيان؟“ پڇيائين.

مان ڪلي پيس هن منهنجون پاونائون سمجهيون پئي.

”بي ڳالهه پڇان؟“ هن پڇيو.

”توکي اجازتن جي ضرورت ڇو ٿي محسوس ٿئي؟“ چيم.

”ڪالهه صبح کان وني اچ هن مهل تائين تو وقت ڪيئن گذاريو آ؟ اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿي.“ هن جملو پورو ڪري مون ڏي ڏٺو.

”ڇو؟“ ڪنڌ هيٺ ڪري پڇيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ضروري آ ڇا ڪو سبب ٻڌايان؟" وراڻيائين.

مان خاموش ٿي ويس. هوءَ انتظار ڪرڻ لڳي.

"ها ڪالهہ، 23 اپريل تي. صبح جو آئين. ڪاٿين وڃي جاڳئين؟" شايد انتظار ڏکيو ٿي ويو هو. تنهن ڪري هن ئي ڳالهايو.

"هيو تہ ڇنڇر پر ڪاليج ۾ بائيڪاٽ ٿيو هو، ان ڪري 12 وڳي." چيم.
"پوءِ؟" ڳالهہ جاري رکڻ لاءِ پڇيائين.

"پوءِ تيار ٿي دوستن سان ڪچهري ڪيم. شام جو هيڊي واڪنگ ڪرڻ آيس رات هتان واپس ويس تہ هڪ دوست ٻڌايو تہ سڀاڻ "ڪنول" جي سالگره آ" مون چپ ٿي هن ڏانهن ڏٺو، چپ چاپ پنهنجي آڱر ۾ منڊيءَ کي ٻئي هٿ سان ڦيرائي رهي هئي.

"رخسانہ! "ڪنول" منهنجو آئيڊيل آهي. هوءَ تمام پياري چترڪار آهي. هن جي هٿن جي آڱرين مان زندگي جذبن سوڌو جنم وٺندي آهي. پنهنجي آئيڊيل جي سالگره جو ٻڌي، تون سمجهي سگهين ٿي تہ مون تي ترت ڪيترن سوالن حملو ڪيو هوندو. آخري تاريخن ۾ هڪ هاسٽلر شاگرد وٽ پنهنجي آئيڊيل کي سالگره جو تحفو ڏيڻ لاءِ ڇا ٿو ٿي سگهي؟ پوءِ بہ هڪ دوست کان پئسا وٺي شهر ويس. سمورا گفٽ سينٽر ڳولهيم ڪا سَرَ جي شئي نہ ملي خالي هٿ، موٽندي سوچيم ڪا شئي ملي بہ ها تہ ايڊريس نہ هئڻ ڪري "ڪنول" کي ڪيئن ڏيان ها؟ ۽ پوءِ هاسٽل تي اچي سمهي پيس. پر ننڊ اچي ئي ڪانہ سوچيم شاعر هجان ها تہ ڪنول تي شاعري ويهي ڪيان ها. ليکڪ هجان ها تہ مٿس ڪهاڻي ويهي لکان ها. چترڪار هجان ها تہ سندس ڪو خوبصورت پورٽريٽ ٺاهيان ها. پر افسوس مان ڪجهہ بہ ڪونہ هوس.

نيٺ سوچيم تہ ٻيو ڪجهہ نہ، تہ بہ ڪنول جو ٽيلي فون نمبر آهي. صبح جو سوير ڪيس فون تي "هئپي برٿ ڊي ٽو يو" چوندم ۽ اهين منهنجا پهريان لفظ هوندا جيڪي صبح سان هن جي ڪنن تائين پهچندا. پر پوءِ بہ رخسانہ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الائي چو مان مطمئن ٿي نہ سگهيس" مون رخسانہ ڏي ڏٺو، هوءِ ڏاڍي ڏيرج سان ٻڌي رهي هئي. مون ڳالهہ جاري رکي.
" رخسي! اوچتو مونکي ياد آيو تہ ٿي سگهي ٿو صبح سان مون کان اڳ،

ڪيس سندس گهر ورا مبارڪ ڏئي ڇڏين. نمبر ٿي نہ ملي ياايجان بہ مان ڳالهائي نہ سگهان ۽ ائين جنهن مهل رات جا 12 ٿيا تڏهن ازخود منهنجي وات مان "هئپي برٿ ڊي ٽو يو ڪنول!" جا لفظ نڪري ويا ۽ ائين مون پاڻ کي ڏڍ ڏنو تہ صبح جو جڏهن ڪنول کي فون ڪندم تہ ڪيس چوندس تہ "منهنجي هزار چاهڻ جي باوجود بہ ٿي سگهي ٿو "هئپي برٿ ڊي ٽو يو!" جا لفظ تنهنجي سالگره جي ڏينهن تي پهريان منهنجا نہ هجن، جيڪي تنهنجي ڪنن تائين پهتاهجن، پر اها حقيقت آهي ڪنول! تہ هوا ۾ اهي منهنجا ئي پهريان لفظ هوندا جيڪي پنهنجون لهرون ٺاهي آواز جي سطحن ۾ سمايا آهن." مون ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ڳالهہ جاري رکيم.

"ان کان پوءِ! مون سوچيو تہ ڪنول کي ٻڌائيندس تہ امان چوندي آ تہ شال تنهنجا سڄڻ سدا سرها رهن، جو جو تنهنجي سرهائي سڌي انهن جي سرهاين سان لاڳاپيل هوندي آ" شال! امان جون دعائون اڳهامجن ۽ ائين ڪنول کي دعائون ڏئي موڪلائيندس. پوءِ صبح سان "ڪنول جي" آفيس نڪري وڃڻ کان اڳ فون ڪرڻ جي الڪي سبب، سڄي رات مان سمهي نہ سگهيس. ڇهين وڳي آپريٽر ننڊ پيو هو هيٺ ڦاٽڪ تان اڇي پبلڪ ڪال آفيس تان ڪرڻ چاهيم سا بند لڳي پئي هئي. ستين تائين اتي انتظارڪيم وري موٽي هاسٽل تي آيس تہ شهر جو نمبر انگيج مليو ائين اٺ ٿي ويا ۽ سوچيم تہ هاڻي هوءِ ڊيوٽيءِ تي وڃي چڪي هوندي. پوءِ اڄوڪو سڄو ڏينهن ڪيئن گذريو هوندو؟ سو تون سمجهي سگهين ٿي! ڪاليج وڃي ڪونہ سگهيس پڙهائي بہ نہ ٿي سگهي، بس ائين روم تي پيو رهيس. شام تي ڦاٽڪ تان پي سي او تان وري ٽراءِ ڪيم. نمبر ملي ويو. پر رخسانہ! مان ڪنول کي رکو "هئپي برٿ ڊي" ٿي چئي سگهيم. وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيس. رات تي جو ڪجهہ سوچيو هئم اهو مون وٽ ئي رهجي ويو." مون

ٿڌو ساهه کنيو. "ايئن جو ٿيندو آ رخسانہ! ڳالهيون ڪلهن ڪلهن زبان تي چڙهڻ کان نابري، چو واري ويهنديون آهن؟" مان سوال ڪري رخسانہ ڏي نهاري نہ سگهيس. ڪافي وقت کان پوءِ هن وراڻيو "تون ٻارآهين اڃان، توکي اهي ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون!" هن ڳالهہ اڳتي وڌائيندي پڇيو. "ها ان کان پوءِ تو ڇا ڪيو؟"

"ان کانپوءِ هيڏي هليو آيس سوچيو هئم تہ هتي اچي تصور ئي تصور ۾ توسان دل جو حال ڪري ڪجهہ بار هلڪو ڪندس. اتفاق آ جو تون روبرو اچي وئينءَ ۽ وڏو اتفاق اهو آ. بلڪہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ، هيءَ سڄي ڳالهہ مان توکي ڪيئن ٻڌائي ويس؟" مون حيرانگيءَ مان چيو.

"تنهنجي ڳالهہ ٻڌائي وڃڻ جي جيتريقدر ڳالهہ آ. تہ ان ۾ ڪجهہ ٻڌندڙ جي بہ ايفيشنسي آهي." هن مسڪرائي چيو ۽ پل کان پوءِ هن وري ڳالهايو "آڪاش اڄ هي پاڻ ٽيون دفعو مليا آهيون ۽ شايد هيءَ ملاقات اسان جي آخري هجي!" هن ٿڌو ساهه ڀري ڳالهہ جاري رکي. "زندگي ايڏي فالتو ڪانهي جيڏي تون سمجهين ٿو!" هوءَ چپ ٿي وئي "مان پنهنجي مڙس جي خواهش تحت پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي واپس ڳوٺ وڃي رهي آهيان. پر ويندي ويندي تنهنجي سوچڻ لاءِ هڪ سوال ڇڏي وڃڻ ٿي چاهيان. جيئن نين هڪ رات تو ڪنول جي برٽ ڏي تي ويچاريو هئو. ائين هڪ رات منهنجي هن سوال تي بہ ويچارجان. پر اهو ذهن ۾ رکجان تہ منهنجي سوال ۾ ڪابہ جيليسي نہ آتي." هوءَ جملو پورو ڪري ڪتاب هٿ ۾ کڻي آتي. ٽيلهو کلهي ۾ وجهي ڳلن جي ٻاريءَ ڏانهن وڌي هڪ گلاب جو گل پٽي، آٿي منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين، جي ڪنول ملئي تہ مون پاران ڪيس ڏجان!" مون هن کان گل ورتو ۽ سوال جو انتظار ڪرڻ لڳس. هن جهڪي منهنجي هٿ ۾ هٿ وجهي مون کي اٿاريو. "آڪاش! مون توکي پهرين ملاقات ۾ چيو هو نہ تہ هاڻي مان پاڻ کي ڄامشوري ۾ اڪيلو نہ پائيندي يس."

"ها." مون هن سان گڏ هلندي چيو.

"هي ڄامشوري جا بلڪہ سموري سنڌ جا شاگرد ۽ شاگرديائيون ٿي نہ،

سمورَو عوام بہ تو سان آهي. تون پاڻ کي اڪيلو نہ ڀانئجان." هوءَ ٻيهي رهي ۽ پل ڪان پوءِ منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چوڻ لڳي. "هاڻ سوال اهو آ تہ تون ٿي ٻڌاءِ تون پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ چوويهن ڪلاڪن مان ڪيترو وقت ڪنهن قومي ڪارج لاءِ تو استعمال ڪرين ۽ ڪيترو فالتو؟" هوءَ چپ ٿي وري ڳالهائڻ لڳي. "زندگيءَ ۾ جي اتفاق سان ڪڏهن ملي وياسين تہ مان توکان تنهنجي وقت جو احتساب ڪندس! جيڪڏهن نہ تہ جڏهن بہ سنڌالاجيءَ جي سامهون اچي ويهين تڏهن تون پنهنجي وقت جو پاڻ احتساب ڪندو رهجان." ائين چئي هوءَ مون کان هٿ ڇڏائي اڪتي هلي وئي.

مون مڙي سنڌ الاجيءَ ڏانهن ڏٺو، منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. ●

(1988ع)

جيسين ٿئي جيت

هو سپليمينٽري امتحان جي سلپ وٺي، ڪاليج آفيس مان نڪري، گيٽ تي پهتو تہ سندس نظر، سامهون اينڊڙ شاگردياڻين مان سندس سؤٽ صبا تي پئي، هن بہ کيس ڏسي ورتو، سندس چال سست ٿي وئي، ايئن هوءَ ٻين کان پوئتي رهجي وئي. هي ڊاڪٽر لهي سائنس مليو ءِ اچي لئبرريءَ جي سامهون واري پارڪ ۾ ويٺا.

”جو ايل- ايمر- سيءَ جيان اداس لڳي پئي آن؟“ هن چهر مان هڪ سنهو تاندورو پٽيندي صبا کي چيو.

”رات مون توکي فون ڪيو هو!“ صبا سندس ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ بنان پنهنجي ڳالهہ ڪئي.

”جڏهن کان هاسٽلن کي ديوارون ڏنيون، پوليس ويهاري وئي آ، تڏهن کان ٽيليفون تي رومانوي رهاڻيون مون ڇڏي ڏنيون آهن!“ هن وراڻيو. پل کان پوءِ چيائينس: ”ڇانهن جو موڊ آهي؟“

مون ناشتو بہ نہ ڪيو آ!“ صبا آهستگيءَ سان چيو.

هي ٻئي اٿيا ءِ ڪاليج جي ننڍڙي پارڪ کي بہ چوڌاري ڏنل لوهي سيخن جي ديوار کان ڦري، ننڍڙي دروازي کان ٻاهر نڪري سومري جي گول ڪينٽين تي اچي ويٺا.

هو حيران هو. اڄ صبا، هن مهل تائين سنجيدي هئي.

”اخبارون پڙهين پيو؟“ صبا پاٽيءَ جو گلاس هن ڏانهن وڌائيندي چيو.

”ڪورس جي پيٽ ۾ ريگيولرٽيءَ سان“

جواب ٻڌي صبا ٿڌو ساهہ کنيو.

”جو لاتعلقيءَ جو اشتهار ڇپيو آ ڇا ڪو؟“

”نہ!“ هن آهستگيءَ سان چيو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ضرورت رشتا جي ڳالهه آ؟"

هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

"الڪو ڇو ٿي ڪرين؟" هن فارماڪالاجيءَ جي ڇوپڙي ٽيبل تي رکندي صبا کي چيو.

"آءُ مذاق جي موڊ ۾ قطعي ڪانهيان!"

"نار واري لڙائيءَ ۾ تيزي اچي وئي آهي- جنيوا ناهه تي صحيحون ٿي چڪيون آهن. سنڌ ۾ ڊاڙيلن خلاف آپريشن منظم نموني نئين سر شروع ڪيو ويو آهي. ٿرپارڪر ۾ مرچن جي فصل کي بيماري لڳي وئي آهي. پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن ۾ ڪامياب اميدوارن جا نالا ظاهر ٿي چڪا آهن........"

"تو ايم- اي پرائيويٽ انٽرنيشنل رليشنس ۾ ڪئي هئي نه؟" صبا ڳالهه ڪٽيندي ڪانٽس پڇيو.

"جي! ان ڪري مون کي اها به خبر آهي ته بين الاقوامي تعلقات سڌارڻ ۾ راندين کي به تمام وڏي اهميت حاصل آهي. اهي نه رڳو ان لاءِ پر ماڻهن جي ذهن کي اندروني مسئلن کان پرانهون رکڻ لاءِ پڻ ڪم آنديون وينديون آهن. شهر ۾ چيسس ٽورنامينٽ به ٿي رهي آهي. اها خبر به هئي اخبار ۾!"

بيرو به ڪواب سلائيس، ٽيبل تي رکي ويو. هن هڪ پليٽ مون ڏانهن وڌائيندي چيو، "ناشتو نه ڪيو اٿئي پايان ٿي، تڏهن ڏاڍو تو ڳالهائين!"

"نه، مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي آ اچان ته تو اخبارن جو ڇو پڇيو؟ سياست کان تون خفا!"

"سياست کان ماڻهو سدا لاءِ خفا نه ٿو رهي سگهي نه؟"

هن ٽشو پيپر سان چپن تان ساس اگهندي چيو.

"ته اخبارن ۾ بيان بازيءَ جو خيال آهي؟ او-ڪي. مان تنهنجي هرممڪن مدد ڪندس صبا! مان توکي بلڪل نوان مسئلا ٿو ٻڌايان. تون پريس رليز ڇا؟ پريس ڪانفرنس به ڪري سگهين ٿي!"

هو آڱرين تي ڳڻيندي چوڻ لڳو، "نمبر ون! به سؤ چورس ميلن تي ڦهليل ايشيا جي وڏي ۾ وڏيءَ عظيم ڊئم منڇر، جنهن جي پاڻيءَ سان پنجاهه هزار ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي ۽ اڻ ڳڻين ماڻهن جي گذر سفر جو بلو ٿيندو هو. تنهن ۾ پاڻيءَ جي سطح گهٽجي رهي آهي، ايستائين جو دانسته پمپنگ

اسڪيم تحت ٻه پاڙيءَ ۾ واڌارو مشڪل ٿي ويو آهي!“ هن ڳالهه اڳتي هلائيندي چيو: ”نمبر ٽو! جنيوا ٺاه ڪانپوءِ افغان پڳوڙن ڪي واپس اماڻي سنڌي ماڻهن، سنڌ ڌرتي، ٻولي، ثقافت، مال ملڪيت ۽ عزتن جي حفاظت جو فرض پورو ڪيو ويو!“ هن ڏکوُ ساه کڻي ڳالهه جاري رکي.

”نمبر ٿري! هن وچين آڱر تي هٿ رکيو ”اسان وٽ بدين ضلع اسٽيٽ آف آئل آهي، اهو تيل اسان جو آهي ۽ هتي ان جي رائلٽي ته رائلٽيءَ جي ماڳ، پر پورهيت به پنجاب مان امپورٽ ڪيا ٿا وڃن.“

”نمبر فور! هن اشارتي آڱر کي ڇهندي چيو. توکي خبر آ ته علي حيدر شاهه کي قيد ۾ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن؟ ٽوڙيءَ ۽ گهانگهرا موريءَ وارن ٽربيونلس جو ڇا ٿيو؟“

”نمبرفائيو!.........“

”آءُ به هتي ئي ته رهان ٿي، مون کي خبر نه هوندي؟“ صبا هن جو جملو ڪٽيو ۽ هو خاموش ٿي ويو.

پريان ڪاليج کي چوڌاري ڏنل لوهي شيخن جي پٺ جي اندرئين پاسي ويٺل پوليس وارن مان الاهي هٺن ڏي نهاري رهيا هئا. هيءُ دروازي وٽان اندر داخل ٿيندڙ هر شاگرد جي تلاشيءَ جو منظر ڏسي رهيو هو. صبا چانهن جي ڪپن ۾ کنڊ ملائي رهي هئي ۽ ميڊيڪل جا سمورا شاگرد ۽ شاگرديائيون زندگيءَ جي زهريلي ڪڙاڻ پنهنجي پينٽن جي کيسن يا پرسن ۾ لڪائي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي رهيا هئا يا مک تي مسڪراهٽون سجائي مستقبل جي ڪرب کان لنوائي رهيا هئا.

”تنهنجي ايم- اي جي ٿيسز جو عنوان ڪهڙو هئو؟“ صبا چانهن جو ڪپ ڏانهس وڌائيندي ڳالهه پڇيو:

”هڪڙو! افغان انقلاب ١٩٧٩ع وارو، ٻيو انقلاب ايران خمينيءَ وارو ۽ ٽين فلسطيني ويڙهاند!“ هن آهستي آهستي ياد ڪندي کيس ٻڌايو.

”تو ڇا تي لکيو هو؟“ صبا چانهن مان سرڪ ڀريندي ڳالهه پڇيو:

”فلسطيني ويڙهاند تي!“

”ان کان اڳ جو مان توکان ان جو سبب پڇان، پهريان ٻڌاءِ اخبارون ڇڳيان پڙهيون اٿئي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ان کان اڳ جو مان تو کي ٻڌايان ته مان اخبارون ٿي ته چڱيان پڙهندو آهيان، ٻڌائڻ اهو ٿو چاهيان ته مون ته هندستان ۾ ڪنوارن جي پاڻ کي جيئري جلائڻ تي ٽيسز لکڻ ٿي چاهي، پر افسوس ان ڳالهه جو اسان جي امتحان سان ڪو واسطو نه هو.

"تو افغان انقلاب تي ڇو نه لکيو؟" صبا ڪوپ خالي ڪري ٽيبل تي رکندي ڪائنس پڇيو.

"الائي ڇو! مون کي پٺاڻن کان وڌيڪ فلسطيني پنهنجا لڳندا آهن. شايد ان ڪري جو انهن جا ۽ اسان جا دشمن پاڻ ۾ نظرياتي رشتيدار آهن ۽ ٻنهي جو آقا ساڳيو آ. جنهن جي دلاليءَ ۾ پاڻ کي وڌيڪ سرخرو ثابت ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي جتن ۾ جنبيل آهن." هن به ڪوپ خالي ڪري ٽيبل تي رکي ڇڏيو.

"تو اخبارون چڱيان نه پڙهيون آهن." صبا ڳالهايو.

"مان سگريٽ پيئڻ ٿو چاهيان." هن شدت مان چيو.

صبا پرس مان سگريٽ ڪڍي ڪيس ڏنو.

"تون جيڪا ڳالهه پڇڻ ٿي چاهين، ان ڳالهه ڪرڻ جو مون ۾ ساهس ڪونهي صبا! خبر ضرور اٿم." هن سگريٽ مان هڪ ڊگهي ڦوڪ پري، پنهنجي اندر جي سموري ٻوڳنا کي دونهين ۾ ڦوڪڻ چاهيو. پر پانيائين ته هو ائين ڪري نه سگهندو، ان ڪري هن سگريٽ کي بوٽ جي تري هيٺان چيپاڻي ڇڏيو. صبا ڏانهس ڏٺو! هن جي روڻ روڻ ڪاندارجي وئي هئي، اڌ پڪوڙيل مٺ هن جي نرڙ تي هئي ۽ هو خيالن ۾ گم ٿي ويو هو. صبا کي ياد آيو. ڪوڙ سال اڳ شهيد اشوڪ سنڌيءَ جي شهادت به ڪيس لوڙهي وڌو هو. پوءِ شهيد نظير عباسيءَ جي شهادت به هن الائي ڪيئن سٺي هئي؟! ۽ ويجهر شهيد فاضل راهوءَ جي شهادت به هن کي ولوڙي رکيو هو. صبا ٻيهر ڏانهس نهاريو. هو ٻنهن کي ڏندن سان ڪٽري رهيو هو ۽ پريان سپاهي ڪنهن ڳالهه تي ٽهڪ ڏئي رهيا هئا- ڪا مهل ماٺ رهي.

"تون چاهين ته مان ايان ڪلاڪ اڌ ماٺ رهي سگهان ٿي!" صبا ڳالهايو.

هن مرڪي ڏنو ۽ هڪ گهري نظر سان صبا کي ڏٺائين. ۽ بيخوديءَ مان چيائين:

”مان هن سان ملڻ آيس!“

” ڪنهن سان؟“- صبا اتاولائيءَ مان پڇيس.

”ابوجهاد سان!“ هن بيخوديءَ ۾ ورائيو.

” ڇا پٽي ڇيائين؟“- صبا پڇي ويٺس.

”ڇيائين پٽي، جيسين هڪ به فلسطيني، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهندو زهندو، تيسين مان زنده رهندس!“

صبا هن جي اکين ۾ جوت محسوس ڪئي. ”ٻيو ڇا ڇيائين؟“ صبا پڇيو.

” ٻيو ڇيائين تہ ”اسرائيلي آرمي جي تاريخ، “ ۽ ”سٽلمينڊر جا ننڍا اوزار، “ * تي جيڪي منهنجي رت جون ڦهنڪون لڳيون آهن سي ڪڏهن بہ خشڪ نہ ٿينديون.“ هن ٿڌو ساهہ کڻيو ”صبا! ٻي خبر اٿئي هن ڇا چيو هن چيو تہ ١٩٥١ع ۾ قاهره ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد علامہ آءِ آءِ قاضي جي حوالي سان مون کي ڀٽائيءَ جي فڪر سان آشنا ڪرايو ويو هو● ۽ صبا! هن لطيف ۽ آءِ آءِ قاضيءَ لاءِ عقيدت ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي قوم پاران لطيف واري سنڌ جي بقا ۽ بحالي لاءِ وڙهندڙ سنڌي قوم لاءِ سلام چيا.

صبا ڏاڍي سانتيڪي نموني هن کي ٻڌي رهي هئي هن ٽيبل تي پيل صبا جو پرس کنيو ۽ ان ۾ سنڌ سن لاءِ رکيل سگريٽن جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دکايو.

” هن توکي پنهنجي زال ”انتعار“ جي باري ۾ ڪونہ ٻڌايو؟“ صبا ڪانئس پڇيو.

”اتڻ کان ٿورو اڳ هن ”ام جهاد“ جي باري ۾ ٻڌايو. هن مسڪرائي ٻڌايو تہ هوءَ سندس پياري سوٽ هئي!“ صبا شرم وچان ڪومائجي وئي. هن ڳالهہ جاري رکي.

” صبا! هن هاو بہ ٻڌايو تہ ساڻس پيار جي ابتدا ڪيئن ٿي؟ سٺ واري ڏهاڪي ۾ سندس آپريشن ۾ هوءَ فائرنگ ڪندي ڪيڏي خوبصورت لڳندي هئي؟ ۽ جڏهن هو شام ۾ هڪ مهينو قيد ٿيو هو تہ هوءَ پي ايل او جي ڪمانڊر انچيف ٿي هئي

هن ڳالهہ پوري ڪري صبا ڏي نهاريو. هوءَ شرم ٻوڙيءَ جيان شرمائجي وئي.

”سوٽ!“ هن صبا کي سڏيو. ڪو جواب نہ پائي هن ٻيهر ڪيس سڏيو.

صبا اونهن ويچارن مان نڪري آئي ۽ هن جي اکين ۾ ڏٺائين صبا محسوس

ڪيو تہ هن جي اکين ۾ جوَ ڪجهہ لکيل هو اهوَ هن پڙهي ورتو.

"سوٽَ! لطيف جي سنڌ لاءِ تون ابو جهاد جهڙو ڪردار ٿي، آءُ توکي ام جهاد جهڙي ٿي ڏيکاريندس!" صبا جملو پورو ڪري هن ڏانهن هٿ وڌايو. هن جو هٿ پرپور طاقت سان ڏانهس وڌي ويو. ٻنهي جي مک تي مرڪ ڦهلجي وئي، جا سوڀ جي علامت هئي.........●

(1988ع)

* ہ ڪتاب جيڪي شهادت ويل ابو جهاد پڙهي رهيو هو.

● ١٩٣١ع ۾ قاهره يونيورسٽيءَ ۾ علاما آءِ آءِ قاضي پڙهي آيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندش

هن چيو ”هاڻ پاڻ نہ ملي سگهنداسين!“

منهنجو ڪو ريسپانس نہ ڏسي هن ٻيهر چيو، ”مون چيو هاڻ پاڻ ملي نہ سگهنداسين!“

مون وري بہ، نہ چرڪ ڀريو، نہ تعجب ڪاڏو! هوءَ مسلسل تڪيندي رهي. ”نيٽ ڀهراڙين ۾ ۽ ميٽروپوليٽن سٽيز ۾ اڻين ڪڏهن ڪان ٿيڻ لڳو آهي!“ مون چيو ”دوستيءَ درميان ديوارون ۽ پريم تي پهرا تہ ننڍن شهرن جي واسين جي مقدر ۾ لکيل هوندا آهن. توکي اوچتو ڇا ٿيو؟“ منهنجي سوال تي ڪِپل وقت هوءَ ڪٿي وڃائجي وئي ۽ نيٽ ورندي ڪٺي آئي.

”معاشرو تہ هڪيئي سان لاڳاپيل آهي! جاگيرداري باقيات.....“

”آءِ انڊر اسٽينڊ!“

”مدت پڄاڻان اڄ توسان رهاڻ جو وجهہ مليو اٿم، ان ڄاڻ مناسبت سان تہ درد، ونڊڻ سان گهٽبو آهي، مان بہ چاهيان ٿي تہ پنهنجي دل ۾ دفنايل سيئي دک ۽ درد توسان ويهي سليان!“

مون هڪ ڀرپور نگاهہ سان سمنڊ ڏانهن ڏٺو ۽ سوچيو جيڪڏهن آمريڪا ۽ ان جي اتحادين عراق جي خلاف ڪيميائي هٿيارن جو استعمال شروع ڪيو ۽ تيل، گيس ۽ ٻين معدني ذخيرن کي تباهہ ڪيو تہ هن وقت تہ جنوري ۾ موسم بدلجي ، گرمي ٿي وئي آ پوءِ تہ هيءُ سمنڊ بہ.... مون سوچيو ٿي پئي تہ سمنڊ جي هڪ وڏي ويرَ، اسان کي چيلهہ تائين پڄائي ڇڏيو. پيرن هيٺان واريءَ جي سرڪڻ ڪارڻ، هن جي هٿ، منهنجي هٿ کي، سوکهو جهلي ورتو. اسان ڪرندي ڪرندي پاڻ سنڀالي ورتو.

”تون چاهين ٿي تہ جي هي پاڻي توکي گهلي وڃي تہ آئون بہ توسان ٻلي ٻڏي وڃان؟“ پاڻي آهستي آهستي واپس وري رهيو هو، واري وري بہ پيرن هيٺان سرڪي رهي هئي، پر هن منهنجي هٿ کي ڇڏي ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون پاڻ کي بچائڻ لاءِ تنهنجو سهارو ورتو هو، توکي ٻوڙڻ لاءِ خدا نہ ڪري....!" هوءَ جملو پورو ڪري نہ سگهي. مون ڪلي ڏنو ۽ سندس هٿ کي، پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيو، "مان تہ خدا ڪري يا نہ ڪري، جي ٻڏان ها تہ اڪيلو نہ وڃان ها!" هوءَ بہ کلي پئي، واريءَ جا فرزا چمڪي پيا. هڪ نوجوان، صدر صدام حسين جون تصويرون کڻي اچي اسان آڏو بيٺو، هن ڊائريءَ جي صفحن جي وچ ۾ پيل ڪجهہ نوٽن مان ۴۰ روپيہ ڏئي صدام حسين جا بہ فوٽو خريد يا!

"ڊو يو لائيڪ هم؟ مون پڇيو.

"ڊو يو هيٽ هم؟" ۽ هن موڙکو مون کان پڇيو.

"ايڪسپيٽ اسٽيبلشمينٽ، ڊيئر از نو ايني سنگل پرسن، ان اور ڪنٽري، هو هيٽ صدام!"

"اسٽيبلشمينٽ جو اثر، اسان جي والدين تي آ. الائي اسان جي والدين جو اثر اسٽيبلشمينٽ تي؟" هن کلندي چيو، اسان جي ڳالهہ ٻولهہ تي، صدام حسين جون تصويرون وڪڻندڙ ڇوڪرو بہ کلي پيو! مون کي حيرت ٿي. ڏانهس ڏيان سان ڏٺم، ياد آيو اسان جي ئي آفيس ۾ اڪوٽي حڪومت ۾ جونيئر ڪلارڪ اپائنٽ ٿيو هو پر نئين پاڪستاني وزير اعظم، ڪانئس روزگار ڪسي ورتو! مون کي تعجب ان تي بہ ٿيو تہ عراقي صدر ڪيس بر سر روزگار بنائي ڇڏيو! هن مون کي سوچن مان ٻاهر ڪڍندي چيو، "خبر اٿئي اسان وٽ الزامن ڏيڻ وارا اسان جي آدمشماريءَ کان بہ گهڻا آهن ۽ انهن جي سخاوت ان مان ئي ظاهر آهي تہ الزام ڏيندي ڏيندي، پنهنجا بہ سمورا الزام، اسان جي کاتي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. الزامن، تهمتن، طعنن، ٺٺولين ۽ گارين جون پريون آهن اسان جي ڪلهن تي....!"

"ڊڄين ٿي نہ!؟" مون چيو.

"ڊڄان ڪانہ ٿي، ڊيڄاري وئي آهيان!" هن چيو.

"ڳالهہ کي ناهڻ اچئي ٿو." چيم

"تو وٽان سکي آهيان!" چيائين، مان چپ ٿي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي هن جو پهريون ڏينهن ياد آيو.

ان ڏينهن پنجن منٽن ۾ ليٽر ٽائيپ ڪري، پٽيوالي هٿ، صاحب ڏي موڪلي، پٺي ٽونيون ٽيبل تي رکي، هٿ ڪاڏيءَ تي رکي سوچڻ لڳو هيس "چا ايترو جلد به ڪو جاب ملي تي سگهيو؟" ائين ئي هڪ ڪلاس فيلو سان سندس پيءُ جي ايڊورٽائيزنگ ايجنسيءَ جي آفيس ويو هيس. دوست جي ئي ڪنهن ڪم جي حوالي سان! ڳالهين مان ڳالهيون نڪتيون ۽ ڳالهين مان ئي منهنجو جاب نڪري پيو ۽ ٻئي ڏينهن کان ئي مان بيروزگاريءَ جي طعني کان محروم ٿي ويو هيس اوچتو ياد آيو هيم ته ڪالهه ويندي ويندي رشيد صاحب، هڪ ليٽر ڏئي ويو هو، ٽائيپ ڪرڻ لاءِ، اهو ته وسري ويو هو! هيو ته لنچ بريڪ، پر پيپر ڪيڏي ڪاربن لڳائي اجان ٽائيپ ڪرڻ ئي مس لڳو هيس ته پٽيوالو آيو.

"صاحب ٿو چوي، ڪالهه وارو ليٽر؟"

"جهٽ ترس ڏيان ٿو!" آڱرين جي اسپيڊ وڌائيندي چيو هيس، پٽيوالو ٻاهر هليو ويو، مان ٽائپ ڪندو رهيس، آفيس ۾ مون کان سواءِ، بس ٽائيپ رائيٽر جا ڪڙڪا ۽ وال ڪلاڪ جي ٽڪ ٽڪ هئي، جي جيئري رهڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيا هئاسين. ليٽر جي آخري مرحلي مهل ڪو اندر آيو ۽ اچي منهنجي پويان بيهي رهيو مان ٽائيپ ڪندو رهيس، ليٽر پورو ڪري، ڪيڏي پوئتي ڏٺم نظرن جي ملڻ سان ئي آواز آيو.

"گڊ مارننگ!"

مون ڪهڙيءَ ڏي ڏٺو ۽ ٽيبل جي خاني ۾ ڪاربن پيپر رکندي چيو.

"گڊ نون!" ورندي ڏئي مون ڪنڌ ڦيري، ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو: هوءَ شرمائجي وئي هئي. مون ان حالت ۾ ڪيس نه ٿي ڏسڻ چاهيو.

"اوهان نوان اپائنٽ ٿيا آهيو!" ڪوڙ ديرچپ چپات کان پوءِ هن ڳالهايو.

"مان ڏيڍ مهيني جي پگهار کٽي، ڪيائي به ڇڪو آهيان" مون بنان پوئتي نهارڻ جي وراڻيو هو.

"ٽئين هجڻ جا ماپا، مهينن ۾ ٿوري ماپبا آهن" هن چيو هو.

مون ڪنڌ ورائي سندس چهرو ڏسڻ چاهيو پر هوءَ مون کي پٺي ڏيو بيٺي هئي. ڪرسيءَ تي ايزي ٿي ويهندي، هرويرو پڇيم،

”ٻچا ۾ ماپيا آهن؟“

”ٺهارن ۾! اصل ۾ جيسين ماڻهو هڪ دفعو ماڻهوءَ کي نه ٿو ڏسي، تيسين ته نئون ٿيو نه؟ ڏسو! مون توهان کي اڄ ئي ڏٺو آهي نه؟!“ هن چيو.

”اونهون!“ مختصر جواب ڏئي مون سوچيو ته لنچ بريڪ وڃي!

”اڻون نالو پڇي سگهان ٿي؟“ هن وري ڳالهايو، مون وري پوڙهي وريا هن کي ڏسڻ چاهيو پر هوءَ ساڳئي انداز ۾ بيٺي هئي.

”بيشڪ پڇي سگهو ٿيون!“ مون شرارتي انداز ۾ ڳالهه کي انگهائيندي چيو هو

”ٻڌايو نه ڪٿي؟“ هن پڇيو

”ڪنهن جو؟“ هن کي تنگ ڪرڻ ۾ مزو ٿي آيو.

”اوهان جو ٻيو ڪنهن جو؟“ هن جي لفظن مان خفتگي بکي پئي.

”عليم“ مختصر جواب ڏئي اٿيم ۽ ڪولر مان پاڻي پري پيتم.

”مي پتيوالا....“

ڳالهه سمجهندي، جملو ڪٽيندي چيو هيم ”مان پاڻي پنهنجي هٿن سان پيئڻ کي ترجيح ڏيندو آهيان!“

”چو جو ڪنهن کي ثواب ڏيڻ ۾ ڪنجوس آهيان!“ چيو هيم.

”چو جو....؟ طنزيه نموني مرڪي، جملو اڻ پورو ڇڏي ڏنو هئائين.

”ويهي سگهان ٿي؟“ هن پڇيو هو

”سواءِ هڪ جي، سڀ ڪرسيون خالي آهن!“ منهنجو جواب هن کي سٺو نه لڳو. ڪرسيءَ تي ويهندي چيائين، ”توهان مسلمان هئڻ ڪري، اخلاقيات جي جاءِ تي اسلاميات پڙهي هوندي، ان ڪري اوهان جو ڏوهه ناهي!“

”اسلام ۾ به بداخلاقيءَ جو درس ته ڪونهي!“

” ته پوءِ توهان کي، ڪريس مارڪس ڪٿي پاس ڪيو هوندو!“ مان کلي ويٺس

”اوهان مون کان نالو ته نه پڇيو؟“ هن ٻيهر ڳالهايو.

”ڪهڙو ٿو فرق پوي؟“ چيو هيم.

”تڏهن به!“ هن چيو هيو.

”اصل ۾ مون کي نالا ياد ناهن ٿيندا، ان ڪري....!“

”پوءِ به مون کي شاڙيه چوندا آهن“ هن نيٺ نالو ٻڌائي ڇڏيو.

” جوندا هوندا!“ فائيل ۾ ليٽر ترتيب سان فائيل ڪندي به، ڌيانيءَ ۾ چيو هيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ رات........

مان ۽ منهنجي "زندگي"، مسواڙ جي ڪوليءَ نما بنگلي جي هڪ ڪمري ۾ ڪھنجيل بستري تي ليٽيا پيا هئاسين. مان ڪمري جي درين مان چنڊ کي ڏسي رهيو هئس، جنهن کي گرهڻ ورتي ڪجهه وقت گذري چڪو هو ۽ هوءَ اهو سمورو وقت خاموش هئي.

سندس خيال هو ته چنڊ گرهڻ جي ڪري، سندس ڪک ۾ پلجندڙ، اسان جي هڪ ٻي زندگيءَ کي ڪوبه خطرو لاحق ٿي سگهيو ٿي ۽ منهنجي هر دليل جو جواب هن وٽ اهو هو ته، "ڀلا احتياط ڪرڻ ۾ ڇا هي؟" هن جو ته اهو به خيال هو ته مان به عام سنڌي شاعرن وانگي، زندگيءَ متعلق گهٽ ۽ چنڊ متعلق گهڻو سوچيندو آهيان. جڏهن ته هن کي منهنجي اها ڳالهه به سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته "مان زندگيءَ کي ـــــ هوءَ مون کي کهاري رهي آهي ۽ اسان بس رڳو اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جي خلاف جي، جدوجهد ڪري رهيا آهيون."

"تو پنهنجي فيل ٿيڻ جي خبر ماڻهن کي ڏني آهي؟" هن اوچتو ڳالهايو. هن جو آواز جيتوڻيڪ ڀاري ۽ مضبوط هو پر لهجو بيمارن جيان ٿي لڳو.

"اها خبر هن لاءِ ڪا عجيب ڪانه آهي. هو الائي ڪيڏيون وڏيون خبرون ٻڌي چڪا آهن. تنهنجي منهنجي شاديءَ جي خبر جيان، اها خبر به منهنجا دوست، ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيندا. هو ان معاملي ۾ منهنجا سچا دوست آهن. تون ڪو فڪر نه ڪر!"

منهنجي ورنديءَ تي هوءَ ڪي پل ماٺ ٿي وئي. ٻاهر رستي تي ڪنهن ڪنهن مهل ڪا چوڪيدار جي وسل يا ڪنهن گاڏيءَ جو ڪو آواز اچي وڃي رهيو هو. نه ته سانت جو سفر جاري هو.

"ته تون ڀلا هر دفعي فيل ڇو ٿو ٿين؟" هاڻ هن جو لهجو ڪجهه صحتمند ٿيڻ لڳو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري.... مون فيصلو ڪيو آ تہ...."

"تون ڪير ٿيندي آهين اڪيلي فيصلي ڪرڻ واري؟" جملو ڪٽيندي مون ڪاوڙ ۾ چيو.

"اسان جو فيصلو آهي تہ .... هاڻي چڱو!" تہ مون چيو-

هوءَ چپ رهي.

"هاڻ پاڻ نہ ملي سگهنداسين!.... هان!!" مون پڇيو. هوءَ يڪ ٽڪ مون ڏانهن ڏسندي رهي. "يقين ها ڪنديئن، پر منهنجي ڳالهہ ٻڌ! مون کي اهو فيصلو قبول ناهي!" هوءَ بي جان جسم جيان گهوريندي ئي رهي.

"منهنجو "او ساري" اسان جو فيصلو اهو آهي تہ، پاڻ زندگيءَ ۾ ملندا رهنداسين بلڪ گڏ هونداسين! مان ٿيان ٿو، جاگيرداري باقيات انسان کي عملي جيون ساٿي نہ ٿيون بڻائڻ جي اجازت ڏئي سگهن ۽ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ جن بہ جذباتي قدم کڻي معاشري کان بغاوت ڪري اهڙا قدم کنيا آهن، سي اڪثر ڪري پڇتائي رهيا آهن پر گڏ رهڻ جو مطلب گڏ هجڻ ۽ ملڻ جو مقصد ملاقاتن تي ئي محدود ڪونهي هوندو!" مون کيس سمجهائيندي چيو "انڊرسٽينڊ؟"

لڙڪ هن جي نيڻن ۾ پرجي آيا. "ها" چيائين.

"هڪ ٻئي جون تصويرون تہ بيڊ روم ۾ لڳائي نہ ٿيون سگهجن. هي بہ تصويرون صدام حسين جون ان ڪري بہ ورتم تہ هڪ تنهنجي بيڊ روم ۾ هجي، هڪ منهنجي ۾. من اهو احساس رهي تہ اهي گڏ ورتيون هيونسين" هن تصوير مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

پريان پنج ڇهہ پوليس وارا، صدام حسين جون تصويرون وڪڻندڙ نوجوان کان تصويرون ڦري، ڦاڙي، کيس پوليس جي گاڏيءَ ڏانهن گهليندا پئي ويا.

(1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا مطلب؟" هن پڇيو.

"مطلب تہ، اوهان جو نالو، شازيہ ٺي هوندو!" متوجهہ ٿيندي، هڪندي چيو هيمر.

"تہ توهان کي اعتبار ڪونہ ٿو اچي؟"

"اعتبار اچڻ يا نہ اچڻ سان، ڪهڙو ٿو فرق پوي؟"

"توهان اسلاميات ۾ فيل ٿيا هوندا!" هن ڪاوڙجندي اڱوٺي ڏنل راءِ ۾ درستي ڪندي جذباتي نوءَ ۾ چيو.

"توهان سائڪالاجي پڙهندي، سائڪو ڪيس تہ خدا نہ ڪري....."

"مان اڄ ٺي ڊيڊيءَ کي توهان جي شڪايت ٿي ڪيان." هوءَ اٿي صاحب جي ڪمري ڏانهن وڌي. مان هيسجي حراسجي ويو هيس ۽ اڪين ۾ التجا ڪندي، ڪيس مون مسڪين ٿي، رحم ڪرڻ جي درخواست ڪئي هيمر. هوءَ دروازي تان موٽي آئي، مون ٽائيپ ٿيل ليٽر ڏانهنس وڌائيندي چيو، "هيءَ بہ ڪنيو وڃو. يلا صاحب ڏي!"

هوءَ ڪلي پئي هئي. ان ڏينهن ٽائيپ رائيٽر جي ڪي بورڊ مان الفابيٽ جا چار لفظ- ايل، او، وي، اي." الائي ڇو وري وري ڪاغذن تي لکجي پئي ويا!

"تون وري ڇا پيو سوچين؟" هن کلهو هٽندي پڇيو.

"جوانيءَ وارا ڏينهن پئي ياد ڪيمر." کلندي چيمر.

"مذاق ڇڏ! ٻڌ، بابا ان ڏينهن پڇيو، "ڪهڙو رشتو آ تنهنجو عليمر سان؟"

هن جي ڳالهہ مون کي حيران ڪري ڇڏيو.

"تو ڇا چيو؟" پڇيمر.

"ڪهڙو آهي پنهنجو رشتو؟ مون کي ڪهڙي خبر؟!" ساهي ڪٺي چوڻ لڳي "ڇا پئي چئي سگهيمر؟ چپ رهيس!"

چئينس چونہ پئي تہ رشتي جو عنوان ضروري تہ ناهي هوندو! هڪ رشتو اهڙو بہ هوندو آهي دنيا ۾، جنهن جو ڪو عنوان ناهي ڊڪشنريز ۾!"

"تون سنجيدہ بہ ٿيندي زندگيءَ ۾، ڪي....!" مان چپ ڪري ويهي رهيمر.

پاڻيءَ جي هڪ لهر اسان ڏانهن وڌي رهي هئي، هن جهٽ ڏئي، واريءَ تي اسان ٻنهي جا لکيل نانءَ-پنهنجي هٿ سان مٽائي ڇڏيا. "مان ڪنهن ٻين قوت هٿان اسان ٻنهي جو مٽجڻ نہ ٿي ڏسي سگهان!" هن جي چهري تي ويا کلتا هئي.

"بابا پئي چيو تہ ڪيس الائي ڪنهن ڪنهن ۾ الائي ڇا ڇا چيو آ.... ان

"تہ جيئن مان "جمهوري دؤر" تہ گهٽ ۾ گهٽ، Student Life ۾ گذاريان. نہ تہ ڊگريءَ کان پوءِ، ساڳيا ڏکا ڏاڍا ڪائي، جمهوريت مان اصل لاءِ نہ، ويساهہ وڃائي ويهان!" مون چيو.

"نہ ائين تہ ڪونهي!" هن ٽهڪڙ ڪندي چيو.

"تہ، ڪيئن آهي؟" مون ڪانٽس اڻ چاڻ ٿيندي پڇيو.

"تو تہ چيو پئي......"

"مون تہ چيو پئي تہ ڏينهن رات جي ڇهاسي هزار چار سؤ سيڪنڊن مان هڪ بہ سيڪنڊ اهڙو ناهي جنهن کي مان پنهنجو چئي سگهان يا جيڪو مون کي پنهنجو محسوس ڪرائي سگهي! ها نہ؟ ...." مون سندس جملو ڪٽيندي، ڳالهہ کي تيز ڏيندي چيو.

"نہ! تو چيو هو تہ، "مان غير مطمئن آهيان!" هن ذهن تي زور ڏيندي چيو.

"ميڊيڪل مان توري چيو هئم، پنهنجي سبجيڪٽ مان نہ، پر پنهنجي ڪاليج مان، پڙهائيءَ جي دقيانوسي طريقہ ڪار مان، "شاگرد... شاگرد" ۽ "شاگرد---استاد" جي رشتن مان، ضلع انتظاميہ ۽ قانون نافذ ڪندڙ ايجنسين جي تعليمي ادارن ۾ بي جا مداخلت! مون کان نہ ٿي سَني ٿئي. زندگي! ..... تون ٻڌاءِ...." مون ساهي کڻي پيهر ڳالهايو.

"تون ٻڌاءِ ائين وڳي جي اسٽينڊرڊ ڪاليج ٽائيم تي پهچڻ لاءِ صبح جو ڇهين وڳي اٿڻ وارن جو ڏينهن ڪيئن گذرندو؟ ۽ رات جي ننڊ ڪيئن ۽ ڪهڙي ايندي هوندن؟ چار سؤ شاگردن جي اسٽرينٿ ۾ ليڪچر! هڪ ڏيڻ وارو سمجهي! ٻيو سلائيڊس ڏيکارڻ وارو ۽ ٽيان اچا ايپران سمجهن. ٻيو ٽيو خير." مون چيو.

"تنهنجو تہ خيال اهو بہ هوندو تہ ٻهريون پيرڊ Female Teacher جو هجي" هن طنز ڪئي.

"چونہ! صبح سان اهڙا چهرا ٽن سؤ شاگردن کي ننڊ مان جاڳائي وجهندا آهن. ڇا اها گهٽ ڳالهہ آهي؟ ٻي صورت ۾ ڇا ائين ڪونهي ڇا تہ اهي هلندڙ گهمندڙ، هوٽنگ ڪندڙ، ڪاڳرن مان جهاز ناهي، ليڪچر هال جي اڳين سيٽن تي اچلائيندڙ شاگرد ننڊ ۾ هوندا آهن؟! بلڪ هو تہ جاڳندي بہ اکهور

ننڊ ۾ هوندا آهن!....."

"چنڊ گرهڻ ختم ٿي؟" هن اوچتو پڇيو.

مون ٽڪڙ ۾ ونهن جي ڪرائيءَ ڏانهن ڏٺو. مرمت لاءِ ڏنل آيل گهڙي نه ڏسي، مون چنڊ ڏي نهاريو. باقي ڪجهه گهرڻ هئي. مان اٿيم. ٿرماس مان چانهه جو ڪوپ ڀري، هن جي سامهون ڪرسيءَ تي ٿي ويٺس.

"تون ڪنهن جي ڪنهن جي گرهڻ کان احتياط ڪندينءَ؟ زندگي! سموري لوڪ جي، منهنجي، بلڪ خود تنهنجي چهري تي به گرهڻ آهي. اسان ماٺهو آئينا نه به ڏسون پر ٻين جي چهرن ۾ ته ڏسي سگهون ٿا نه؟!!"

هن مسڪرائي ڏٺو. هڪ پيلي مسڪراهٽ، زندگيءَ جي مک تي هارجي وئي.

"تون سچ ٻڌاءِ، تو ميڊيڪل ڇو ڇڏي هئي؟"

هن منهنجي سوال جي ڪابه موٽ ڪانه ڏني. اکيون مٿي ڪري، سامهون لڳل پٽ تي سنڌ جي نقشي ۾ ٽنل، ڏار پيل، سنڌي ماٺهوءَ جي اڪريل چهري ڏي نهارڻ لڳي.

"توکي مان ٿو ٻڌايان اڄ ته تو ميڊيڪل ڇو ڇڏي؟! ڊائيسيڪشن هال جو ڊڄ ڪونه هو! ڊڊ باڊيز جو ڀؤ ڪونه هو! خوف هو ته توکي ايل اير سيءَ ۾ چرندڙ ڦرندڙ جيئرن لاشن جو، جن ۾ ساهه ته هو پر سينس ڪونه هو!" مون ٿڌو ساهه کنيو ۽ ڳالهه جاري رکي، "توکي سٺو دليل ملي ويو. تو ڇڏي ڏني! مان به اهوئي سوچيندو آهيان، ته هتي ملندڙ گهمندڙ هي سڀ، ماٺهو آهن يا مشينون؟! پر ڇڏڻ هار آءِ هار، مان زندگيءَ ۾ نه ڪاڏي آ. اعتراض آهن انيڪ! منهنجو فيل ٿيڻ، احتجاج آهي!" مون چانهه جي ڪوپ مان ڍڪ ڀريندي ڳالهه جاري رکي. "اسان کي ڪاليج جي ڪينٽين اپيل ٿي ڪري! ڪاليج خود ڇونه؟ ست سال هت گذريا آهن! پوءِ به ڪاليج پنهنجو ڇونه ٿو لڳي؟ هي استاد سڀ روبوٽ ڇو آهن؟ پرنسپال کي هر سال نوان ٽائيلس لڳرائڻ جو ايڏو فڪر ڇو ٿو رهي؟ هي استاد سلائيڊس تي ليڪچر ڏيڻ بدران اهي نوٽس ڇپائي يا فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ڇونه ٿا شاگردن کي ڏين؟......"

هائي! چنڊ گرهڻ ختم ٿي چڪي هوندي!" چوندي زندگي آهستي بستري تي اٿي ويٺي. مون چانهه جو ڪوپ ٿرماس مان اوتي ڏانهنس وڌايو.

"تون به ڇڏي ڏي ڪٿي ميڊيڪل کي، حيات!" چانهه جو ڪوپ وٺندي هن چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جمهوري درو ۾ اسٽوڊنٽ لائيف جي طوالت مان به واقعي اسان کي ڇا مليو؟ ڪاليج ۽ هاسٽل کي ساڳيون ڇوڏيوارون، ساڳيو پوليس فورس! اسٽوڊنٽس يونينس جي بحاليءَ جي اعلان کي به اڃي سال ٿيو آهي! هاسٽلون هاڻي به خالي ڪرايون ٿيون وڃن. هن دور ۾ ته تعليمي ادارن ۾ سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهرائڻ تي به پابندي وڌي وئي آهي. جمهوريت مان ڇا پلئه پيو اسان کي تعليمي ادارا ساڳيا مدتون بند پيا ٿا رهن. نوڪرين لاءِ ڊگرين هوندي به ساڳين ماڻهن کي ايلاز ڪرڻا ٿا پون جن کي مارشل لا دؤر ۾ ايلاز ڪيا ويندا هئا!"

"تڏهن ته ڇوان ٿيا!" هن چانهه جو وڏو ڍڪ پريندي چيو.

"ڇوين تون به سچ ٿي پر ... سوچيان ٿو. ڪجهه ته اهڙا ڊاڪٽر به هجن، جن کي گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو ڪلهن ڪان وٺي جهنجهوڙي اهو پڇڻ ڪان نه چرڪن ته "توهان ماڻهو آهيو يا روبوٽ؟"! مون چانهه جو ڪوپ رکندي چيو.

"ته پوءِ مڙسيءَ سان پڙهه يا هينئر ئي ڇو ڇوا ڪرائي ڇڏ!" هن به چانهه جو ڪوپ خالي ڪري ورتو.

"پڙهڻ ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ نه هوندو آهي زندگيا اهو حالتن تي مدار ٿو رکي. ڇو ڇوا، جن جي هلندي آهي، انهن جي آفيسن ۾ سدائين هنگامي ميٽنگس هونديون آهن. سندن ڪارن جا شيشا ڊارڪ هوندا آهن ۽ سندن ٽيليفون سدائين انگيج ملندي آهي. ئي سؤ پنجهٽ ڏينهن مان، جڏهن پنجهتر ڏينهن هڪ پروفيشنل ڪاليج هلي ته ماحول نيل لائق ئي ته ٿي سگهي ٿو نه!"

مان خاموش ٿيس، ته هوءَ به چپ رهي. مون ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"هاسٽلن ۾ ڪهڙيون سهوليتون آهن؟ نه فرنيچر، نه ميس جو نظام درست، نه پاڻيا هوڏانهن شهر ۾ ڪنٽونمينٽ ڪان سواءِ آهي ڪو علائقو، جتي پڙهائيءَ جو ماحول ميسر هجي؟ سال جا اهي ڏينهن جيڪي ڪاليج هلي ٿو، شهر ۾ اهي به ٽينشن ۾ ٿا گذرن."

"پر هاڻي ڪجهه پڙهائيءَ ڏي ڌيان ڏيا" هن انگل مان چيو.

"تنهنجي هيڏي ڇهري تي مسڪراهٽ ڏسڻ لاءِ "ها" ته ڪرڻي ئي پوندمءا" چيم.

"شيطان آن ڪوا" چيائين.

"نه ان کان ڪجهه وڌيڪ" چيم.

"ڇا؟" پڇيائين.

"هن يڪ جو انسان!"

هوءَ ٽهڪ ڏئي کلي پئي. مسڪراهٽن ۽ ٽهڪن جون لهرون ڪوليءَ نما بنگلي جون ديوارون اورانگهي ويون، اوچتو ڪلاشنڪوف جو برسٽ هليو. مسڪراهٽن جو سينو چيرجي ويو. زندگي چرڪجي وئي- ٻيهر ٻه فائر ٿيا. مان سندس پرسان اچي ويٺس. پوءِ ٽي گوليون، اسان جي ڪليل دريءَ جي شيشي ۾ اچي لڳيون، شيشو چور چور ٿي ويو. زندگي تڙپي پئي. مون شيشي تان نظرون ڦيرائي بستري تي ڏٺو، جتي رت ئي رت هيو!

هڪ زندگي ڪنهن ٻه گولي لڳڻ کان سواءِ شهيد ٿي وئي! ٻي زندگي، زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ فوٽ ٻال جيان ٿيلهجي ۽ ٿاڄي رهي هئي- ۽ آءُ، "زندگيءَ" جو "حيات" دنيا جي صليب تي ڪيل سهي رهيو هيس! اندر زندگي تڙپي رهي هئي، ٻاهر موت، دهشت گردي ڪري رهيو هو. مٿي آسمان تي چنڊ پنهنجي آب تاب سان چمڪي رهيو هو.

(1988ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنٽيل ليڪچر

"اڙي ڇورا ڪيترا ڀيرا چيو اٿمانوَ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڪلاڪ روز پڙهندا ڪريو. پر جي اصل اهڙا ڇنڊا آهيو ترڙ، تہ بہ هُاسٽل وارو پڙهائيءَ جو ٽائيم تہ نہ ضايع ڪندا ڪيو. اهي چار ڪلاڪ بہ آرام ۽ سانت سان ويهڻ ۽ پڙهڻ ڪونہ ٿو اچيوَ. ڪنهن کي هڪ آيو آ، ڪنهن کي ٻہ.... اڙي ڇنڊڙوا جي توهان ڏيان سان پڙهندئو تہ ميڊيڪل ۾ يا انجنيئرنگ ۾ سليڪٽ اوهان ٿيندئو يا مان؟! اگر توهان ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿي ويئو تہ بہ مون کان تہ نہ سترهون گريڊ ڦري وٺندا. نہ ئي توهان جي ڪري مون کي ڪو اڄان مٿين پوسٽ ملندي. مان تہ اوهان جي ڀلائي ٿو چاهيان پٽ! چڱو پڇيوَ تہ گهٽي کان گهٽي محنت ڪيو تہ جيئن ڊاڪٽريءَ ۾ يا انجنيئرنگ ۾ سليڪٽ ٿي وڃو. باقي جي نہ تہ پوءِ وتندئو ڌڪا ۽ ٿاٻا کائيندا. اسان کي ڇاهي؟"

اوهيو، جنهن ڳالهہ جو شڪ هيو سائي ٿي. اهو آهي ليڪچرا جيڪو اسان جي هن لاوارث ڪاليج جي نڌڻڪي هاسٽل جي انچارج جو، جيڪو ڳڙوڳڙ ليڪچرار پڻ آهي. هر جاءِ، هر وقت، ڪنهن بہ شاگرد کي ڪٿي بہ ويٺل، بيٺل يا گهمندي ڦرندي ڏسندو تہ شروع ٿي ويندو--- او جيستائين کي پورو ٿئي. مٿيون ليڪچر بہ منهنجي ڪري شروع ڪيائين مان جيئن ئي روم مان دروازو کولي ٻاهر نڪتس تہ سامهون واري ڪمري مان "سر" ڏسي ورتو ۽ رڙ ڪري پڇيائين.

"اڙي ڇورا وري ڪهڙو موت پيئي؟"

"سائين هڪ ڪرڻ ٿو وڃانا" چئي مان پريان اونده ۾ ٻاڪاريندڙ ٻاٿ رومس ۾ ٿوائليٽس ڏانهن هليو ويس ۽ جيسين موٽي آيس تيسين سر جو اهو ليڪچر جاري هو. مجال آ جو ان مان ڪڏهن بہ ڪو اکر بہ گهٽجي. رهندو بہ چار اکر مٿيا ها ڪڏهن ڪڏهن تہ چوندو آ:

”اڙي ڪوپڙي تہ الله سيني کي هڪ جهڙي ڏني آهي نہ؟ باقي رهي دماغ جي ڳالهہ سو جتي سٺي دماغ وارو چار ڪلاڪ پڙهي هوشيار ٿو ٿئي تتي، جڏي دماغ واري کي ڏهہ ڪلاڪ پڙهي، ان سان مقابلو ڪرڻ گهرجي. پر نہ، وتندا تڏا شوڪارا پريندا ۽ وتندا دانهون ڪندا تہ ”نصيب پنهنجو پنهنجو! ”هاءِ ڙي قسمت!“ هون! پڙهڻ کان ٻرو، باقي هاءِ ڙي قسمت! ڏوهہ وري قسمت جو!“

مان ماٺ ماٺ ڪري روم جو دروازو کولي اچي اندر ويٺس. پارٽنرن منهنجي منهن مان اندازو لڳائي ورتو ۽ هڪ دفعو وري ٿئي جٽا درسي ڪتابن جي بي سَري دنيا جو بي لطف سير ڪرڻ لڳاسين. ڪتابن جا ورق ورائي ورائي جڏهن ٿڪاسين تڏهن پنهنجي ساڄي پاسي ويٺل پارٽنر کي اک هنيم- هو فرمانبردارن جيان اٿيو ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪتو. ٿئي لمحي ساڳيو تلخ ڪلام ٻڌڻ ۾ آيو ۽ جهٽ کان پوءِ هو موٽي آيو. در ٽپيو تہ هنگامي نظر ڏانهس اڇليسين. ساڳيوئي تاثر جيڪو سر جي جاڳ واري دور واري عمل جي رد عمل تي هاسٽل جو هر شاگرد ظاهر ڪندو آهي.

وري نراسائيءَ مان ڪتاب اٿلائڻ لڳاسين. ڪتاب جڻ اسان کي کائڻ تي آيا. مون ڪرسيءَ تان اٿي، پاڻ وارو ڪبٽ کوليو ۽ ان مان امر جليل جي ڪهاڻين جو مجموعو ”دل جي دنيا“ ڪڍي، پاسو ڏئي بڪ جي وچ وچ وجهي پڙهڻ شروع ڪيو. اڃان ”اروڙ جو مست“ ڪهاڻي پڙهي پوري ئي مَس ڪيم تہ روم جو در کليو.

”اڙي پڙهو پيا...“ قهاري نظرون اڇلائيندي سر چيو. ان وقت مون کي سر، سر نہ پر اروڙ جو مست لڳي رهيو هو.

”اڙي تون ڇا تو ڪرين؟“ سر جو اوچتو مون کان ائين پڇڻ، اڳ جڻ اروڙ جي مست ڪنهن سواليءَ تي ڳارين جو وسڪارو لائي ڏنو هجي. ان وقت منهنجي حالت اهڙي ڪنهن سواليءَ جهڙي تي وئي هئي جنهن کان جيڪو سوال هو پڇڻ چاهيندو هجي سوئي وسري ويو هجي.

”مٺس.... سر!“ آواز ويران وادين مان آرس پچندو ڪَرَ موڙيندو، سر جي ڪَنَ سان وڃي ٽڪرايو.

”اڙي مٺس ياد ڪرڻ جو سبجيڪٽ آهي؟“ سَرَ ائين چوندو، روم جو در ٽپي مون ڏانهن وڌڻ لڳو. مون کي هاڻ غلطيءَ جو احساس شدت سان ستائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. ڪٺو مجموعو پين ڪتابن ۾ اڦلائي پٺلائي. رلائي ملائي ڇڏيم پر شڪر جو جنهن ڪاپيءَ ۾ وجهي پڙهي رهيو هئس اها مٺس جي هئي!

- "سر! ياد ڪرڻ جو نه پر سمجهڻ جو ته آهي نه؟" مون چڻ ڪنهن انڌي جيان ڏاڦوڙا هڻندي چيو.

"ها!.:. ها ٺيڪ آ پڙهو پٽ! منهنجون دعائون به اوهان سان گڏ آهن."

سر ائين چوندو هليو ويو.

مون کي سر جو اهو جملو اروڙ جي مست جو چيل اهو جملو لڳو، جنهن ۾ مست، سواليءَ کي سندس وڇايل دوست جي باري ۾ ٻڌائڻ کان پوءِ ائين چيو ته، "اهو تنهنجو وڇايل دوست آءٌ ئي آهيان، جنهن کي ڳولهيندي ڳولهيندي تون هتي پهتو آهين.

سر جي وڃڻ کان پوءِ اعتماد ٿيو ته، هاڻي سر ٿي ويو آ. سو وري ڪونه ايندو! مان ڪلئي عام وري ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون. ٻي ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان پوءِ گهڙيءَ ڏي نهاريم. ٽائيم پارٽنهن ۾ پنج منٽ. پنج منٽ بيتابيءَ سان ڪتاب جا پنا اڦلائيندي گذاريم ۽ پوءِ ڪاپي پاسي ويٺل پارٽنر کي اک سان اشارو ڏنم اڪين ئي اکين ۾ ايڏا وڏا پرابلمنس حل ٿي ويا، جڏهن ته فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ جا پرابلمس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ههڙي دماغي سخت محنت سان به حل ڪونه ٿيندا آهن. اسان ڪان!

(- !پارٽنر اٿيو، هڪڙي وڏي ڪنگ سائيز، سر جي ليڪچر جيڏي، اوٻاسي ڏيندي، روم مان ٻاهر نڪري ويو. اسان ٻئي ڏانهنس ڏسندا رهياسين. هو جهٽ پلڪ ۾ موٽيو ڏسندي ئي ڏسندي سڄي هاسٽل جا چونڊ چونڊ ۽ اسان جي جوڙ جا ڇوڪرا اسان جي روم ۾ گڏ ٿي ويا.

هونئن به ساڍي ٻارهين وڳي ٽائين پڙهائيءَ جو ٽائيم آهي. پر پوءِ به اڌ ڪلاڪ کن سر کي ڏيندا آهيون ته جيئين لائيٽ آف ڪري وڃي آرامي ٿئي. اسان جي روم، سر جي روم کان پري هئڻ ناتي گڏبا هميشه هتي آهيون.

سڀ شاگرد پهچي ويا. ڪچهري شروع ٿي وئي. سمورن ليڪچررس جي تڪيه ڪلامن کان وٺي حڪومت جي ڪيل هر ڪم جو جائزو ورتو هو، پر اڃا ڪچهري متي ئي نه هئي ته در ڪڙڪڻ جو آواز آيو.

"ابا"

آواز سڄاتم تپ ڏئي ڊوڙي وڃي در جهليم ۽ سر جي حوالن ۾ ٻاهر ئي روڪي رکيم. پويان سيڻي ڪي چئي ڪڪڙ تي مينهن پئجي ويو. مينهن به ڪيئن نه پئي؟ ڪيمسٽري پريڪٽيڪل جون مارڪون به جو هٿ ۾ اٿس.

"ابا! ناس ته وئي آئي ڏي....." منهنجو ڪلهو ٺپريندي چيائين.

"سر ساڍا ٻارهن ٿيا آهن سيٺي دڪاندار دڪان بند ڪري وڃي ٽانيڪا ٿيا هوندا. اها رڳو اسان جي ئي ڦٽي آهي جو سليڪشن جي آسري پيا ٿا ننڊون ڦٽائي پڙهون. ٻسرا" مون چيو.

"اڙي جائي اڳهڻ هيڏي به آيو هوس نه؟! شايد دهلي هتي ئي وسري وئي هوندي! ائين چئي، ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳو. مون ڏاڍو چيومانس ته سرا دهلي هتي ڪانه وسري اٿوا پر سر چئي "ڳولهيان ٿو، ڏسان ٿو پلالا"

سر جيئن ئي روم ۾ داخل ٿيو ته ناس جي دهلي ته ڳولهڻ وسري ويس! هاسٽل جا سيٺي چڱا مڙس ڏسي واتڙو ٿي ويو.

"اٿيهه ڏينهن چور جا، ٿيهون ڏينهن پاڳئي جو...."

ائين چوندي شروع ٿي ويو ليڪچر ۾، ياد ڪيل ۽ رٽيل مخصوص ليڪچرا جيڪو خاص ڪري اسان هاسٽل وارن لاءِ هڪ اهڙي زهر مثل آهي جيڪو تڙپائي تڙپائي ماري.

(1980ع)

ايس ايس ايف

اهو ساليانيءَ امتحانن جو ڏڦر هيو، ڪاليج جون هاسٽلون ديوارن ۽ پوليس جي پهري ۾ قيد هونديون به آزاد هيون. راتيون جاڳي رهيون هيون ۽ ڏينهن آرام ڪندا هئا. ڪتل شاگرد تنظيمن جا ليڊر ڪمرن ۾ اڪيلا رهندا هئا ۽ موسيقيءَ جي ڪڏهن مڌر ته ڪڏهن تيز لهرن تي، تنهائيءَ کي دور ڪندا هئا، ۽ انهن جي پرسان رهندڙ اسان جهڙا ابوجهه ماڻهو، پنهنجي روم پارٽنر سوڊو ڪنهن اسان جهڙي ابوجهه دوست، جنهن جي پرسان ڪو ليڊر نه رهندو هجي، جي روم تي وڃي، پڙهائي گهٽ ۽ سندس روم جي افاديت تي وڌيڪ ڳالهائيندا هئاسين ۽ سياري جي سرد هوائن ۾ ڦاٽڪ جي پنڌ کان بچڻ لاءِ سندس هٿ جي چانهه ۾ جادوءَ جي ڪرامت، تي پڻ ڳالهائيندا هئاسين ۽ اهڙا اسان جا ابوجهه دوست، منهن ڪنواريءَ جيان، ڪڏهن ملڪ پيڪ جي مهربانيءَ سان ته ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر دوست کي سيمپل ۾ مليل کير جي دٻي مان ڪڏهن بليڪ ٽي، ته ڪڏهن گرين ٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اسان جي دعائن ڪٽڻ لاءِ ڪافيءَ جا مزا به وٺرائيندا هئا ۽ اسان چانهه يا ڪافيءَ جي ڪپ پيئندي دوران ملڪي سياستدانن جيان سياست تي پڻ تبادله خيال ڪري وٺندا هئاسين ۽ جمهوريت جي پهرين سالگره به گذري وڃڻ تائين، سرڪار سڳوريءَ کان شاگرد يونين تان پابندي هٽائڻ جي اعلان کان پوءِ وسري ويل شاگرد يونين جون اليڪشنون ڪرائڻ تي اطمينان ۽ سک جو ساهه کڻندا هئاسين ۽ دعا ڪندا هئاسين ته شال اهڙن ئي ٻين انيڪ اعلانن ۽ واعدن جيان سرڪار کان سڀ اعلان ۽ وعدا وسري وڃنا ته جيئن سرڪار جي بجيٽ تي ۽ سرڪاري اهل ڪارن جي آبروءَ تي ڪي غير مثبت اثر نه پئجي وڃن.

هونءَ به اسان کي پنهنجي سرڪار سان بي انتها پيار آهي، ان ڪري اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي پنهنجي تعليمي ادارن جي انتظاميه سان پڻ بي انتها پيار آهي. هاسٽلن ۾ تعليمي ادارن کي جڏهن کان ديوارون ڏيئي قيد ڪيو ويو، تڏهن اسان کي چيو ويو ته هاڻ ڇاڪاڻ ته سمورن ڪمرن ۾ سمورو فرنيچر توهان کي مهيا ڪري ڏنو ويندو، تنهن ڪري توهان اسان وٽ پئسا جمع ڪرايو- اسان پنهنجي پيار جو ثبوت ڏيڻ لاء پنهنجي والدين ۽ ڀائرن جي حق حلال جي روزيء مان، هر سال انيڪ ڀڳاڙها نوٽ پنهنجي محبوب تعليمي ادارن جي کاتن ۾ جمع ڪرائيندا آيا آهيون! توڙي جو اسان کي، ڪٿ ته ڇا؟ توهار به ڪانه ملي آهي. ٽيبل ڪرسي ته ڇا؟ بلب ۽ تالو به نه مليو آ. پر اسان کا شڪايت ڪانه ڪئي آهي! وڏي سرڪار جيان ننڍيء سرڪار کان به وعدا وسري ويندا آهن. محبوب، هونئن به اهڙا ٿيندا آهن. جي واعدا پاڙين ته ڪيئن محبوب سڏجن! پيو ته ڇڏ. وهنجڻ لاء پاڻي ئي ڪونه ملندو آ. پيئڻ لاء پري رکيل ٽن ڏهاڙن جي جڳ مان ٽوال پسائي منهن اگهي ويندا آهيون ڪاليج. پوء وري شڪايتون ڪندا آهيون ته ڪوايجوڪيشن ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون اسان بدران ڊرائيورن کي پنهنجو وڌيڪ ٿيون سمجهن! هاڻي ان ۾ انهن ويچارين جو ڪهڙو ڏوهه؟

اهڙي ئي هڪڙي دردناڪ رات جو ذڪر آ. اسان ٻئي روم پارٽنر پاڻي هڪڙي ابوجهه دوست جي روم مان پي ۽ ڇانهه جو بخار هڪ ٻئي ابوجهه دوست کي ڏئي، واپس پنهنجي ڪمري تي اچي، ڇوپڙيون ٽيبل تي اڇلائي ٽيوب لائيٽ وسائي خواب ۾ ئي ڪٿي ڪنهن سهڻي ڪلاس فيلو سان ڪچهريء جي اميد تي سمهي پياسين- اها رات به ڪيڏي نه دردناڪ رات هئي، پر واري ڪمري مان دردناڪ گيتن جي آواز، ان رات کي وڌيڪ دردناڪ بنائي ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينهن مان ڪاليج جي گيٽ مان ٻاهر نڪتس ته گاڏي اچي منهنجي پرسان بيٺي، ڊرائيور اچي پويون دروازو کوليو. پريان ڪنهن "هيلو" ڪيو، مون "هاء" ڪري، پوئين سيٽ جو ٻيو دروازو کوليو. هوء پرسان ويهي رهي، ڊرائيور گاڏي هلائڻ لڳو، اوچتو مون ڏٺو ته ڊرائيور Back Mirror مان اسان ڏانهن نهاري رهيو هو. مون شور مان ڏانهن ڏٺو ته هو سامهون نهارڻ لڳو....

اوچتو در کڙڪيو ۽ منهنجو سپنو اڌورو رهجي ويو- ٻيو ڏينهن ڪيئن هو، اها تہ اهائي دردناڪ رات هئي- مون اکيون مهٽي دروازي ڏانهن ڏٺو، دروازي مان ڪو ڪاغذ اندر اماڻيو ويو، قدمن جا آواز پري ٿيڻ لڳا. مهمانن جي يو ڪان سڪي ويل ساهہ ٻيهر جسم ۾ اچ وڃ شروع ڪئي. قدم جڏهن تمام گهڻو پرانهان ٿي ويا، تڏهن آهستي آهستي اٿي مون اهو ڪاغذ کنيو، جيڪو پمفليٽ هيو--- مان آهستڙي تيل ليمپ آن ڪئي ۽ پمفليٽ پڙهڻ شروع ڪيم.

JOIN THE HANDS TO S.S.F

ايس ايس ايف سان سهڪار ڪريو

مون پمفليٽ تي نئين تنظيم جو نالو پڙهي شڪر ڪيو جو سنڌ ۾ اڳ ۾ تمام ٿورڙيون تنظيمون آهن، ان ڪري نين تنظيمن جي ضرورت تمام گهڻي آهي! مون پمفليٽ کي هيٺ پڙهڻ شروع ڪيو.

● اڀوجهہ شاگردن جي پنهنجي تنظيم.

ميمبر ٿيڻ لاءِ هدايتون:

(١) تنظيم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ درخواست، ساليانن امتحانن جي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ قبول ڪئي ويندي، ان کان پوءِ ميمبر شپ نہ ڏني ويندي.

(٢) تنظيم جو ميمبر ٿيڻ کان پوءِ ميمبر کي لائبريري ۾ نہ ڏنو وڃي.

(٣) ميمبر لاءِ ضروري آهي تہ سگريٽن جو هڪ پاڪيٽ سندس کيسي ۾ هجي.

(٤) چوپڙين ۽ ڪتابن جي جاءِ تي شو بزنيس جا رسالا هٿن ۾ هجڻ ضروري آهي.

(٥) جيڪڏهن نہ، تہ ڪنهن بہ نوٽيس کان سواءِ ميمبر شپ معطل ڪئي ويندي.

(٦) ساليانی امتحان شروع ٿيڻ پڄاڻان، ڪنهن بہ صورت ۾ ميمبرشپ نہ ڏني ويندي."

مون ٻيو صفحو اٿلايو.

"شاگرد ساٿيو!

هي سمورا پوزيشن هولڊر، هي سمورا "اي ڪلاسيا" ۽ "فرسٽ ڪلاسيا"، سي آءِ اي جا ايجنٽ آهن، سامراج جا پٺو آهن، پگهاردار آهن. اهي چاهين ٿا تہ هتان جي اڀوجهہ شاگردن کي انفير يارٽي ڪامپليڪس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کهيري رکون- پر اسان سندن سمورين چالن کي سمجهون ٿا. اسان ڪمزور ناهيون.

اسان اڪيلا نه آهيون- اسان کين منهن توڙ جواب ڏيندا سين اڄ- اعتماد سان اڳتي وڌو ته هٿ هٿ ۾ ڏئي کين شڪست ڏيون-" مون صفحو اٿلايو.

اسين، ايس ايس ايف جي پليٽ فارم تان مطالبو ٿا ڪريون ته:

(۱) لائبريريءَ کي هميشه لاءِ بند ڪيو وڃي.

(۲) سمورن پوزيشن هولڊرس، اي ڪلاسين ۽ فرسٽ ڪلاسين کي جيل ۾ وڌو وڃي.

(۳) سمورن شاگردن کي چوپڙيون مهيا ڪيون وڃن.

(۴) امتحان هالن جي آڏو فوٽو اسٽيٽ ڪارنرس کوليون وڃن.

مون مطالبن جي لانڊ کي درگذر ڪندي آخري لائينون پڙهيون:

Come with best hopes
Join the hands to S.S.F

مون کان ٽهڪ نڪري ويو، دردناڪ رات جي درد کي پَرَ لڳي ويا، مون ٽيوب لائيٽ آن ڪئي. رات روشن ٿي وئي مون پمفليٽ پارٽنر جي منهن ۾ هڻي ڪڍيو ۽ زور سان نعرو هنيو، "سامراج--- مرده آباد" مون ڄاتو ٿي ته پارٽنر جو خواب به منهنجي خواب جيان ڏاڍو خوبصورت هوندو پر هيءَ حقيقت ٻه، ڪجهه خوبصورت نه هئي.

(1989ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو

منهنجي ياٺج مئٽرڪ ۾ سٺن نمبرن ۾ پاس ٿي ته، جيتوڻيڪ منهنجي، اقتصادي توڙي سماجي طور تي وس ۾ ته، ڪجهه به ڪونه هو پر پوءِ به مون سنڌس دل رکڻ لاءِ ڪانئس پڇيو.

”ماما اڳتي ڇا ٿيڻ جو ارادو آهي؟ ڊاڪٽر!“

هن روئنهارڪي انداز ۾ چيو ”نه ماما، آءٌ ماڻهن کي انجيڪشنس هڻي نه سگهندس!“

اها سندس حساسيت هئي يا بزدلي؟ اهو فيصلو آءٌ ڪري نه سگهيس.

زندگيءَ جي هر شعبي متعلق پڇڻ تي سندس جواب انڪار ۾ ئي حاصل ڪندي، نيٺ مون ڪانئس پڇيو ته ” ڀلا ڇا ٿينديندين؟“ هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪرايي جي جاءِ جي ڇت ڏانهن نهاري اٽل ارادي سان چيو:

”آءٌ سرڪار ٿينديس ماما!“

مون کلي ڏنو- ”ته جيئن جاءِ خريد ڪري سگهين!“

منهنجي جملي تي هن جو منهن ئي لهي ويو. ”تون مون تي ٽوڪون ٿو ڪرين ماما!“ هن چيو.

”نه ماما، هتان جي سرڪار جي حوالي سان ڳالهه ٿو ڪريان! توکي جهليو اٿم ته تون جمهوري ۽ سوشلسٽ رياستن جا ڪتاب ۽ رسالا نه پڙهندي ڪر!“

”ته پوءِ تون ڇو پڙهندو آهين؟“ هن پڇيو.

”ان ڪري جو مون کي ڪاپي ڪري پاس ٿيڻ به ايندو آ!“

هوءَ منهنجي جملي تي منجهي پئي ۽ ڪي پل سوچ ۾ ٻڏي وئي ۽ گهڙيءَ ڪان پوءِ مون ڪان پڇيائين:

”ڀلا مان ڇا ٿيان ماما؟!“

هن مون کي به منجهائي ڇڏيو. مان به ڪي پل سوچ ۾ ٻڏي ويس ۽ نيٺ وراڻيم: ”ماما توکي ٽيچر ٿيڻ گهرجي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ان ڪري تہ جيئن مان ٻارن جي تعليم جو معيار وڌائي سگهان؟“ هن پڇيو.
”نہ، ان ڪري تہ جيئن ٻارن کي ڪاپي ڪندو ڏسي تون بہ ڪاپي ڪرڻ سکي وٺين.“
منهنجي ڳالهہ تي هوءِ چڙي پئي. ”توهان مون کي هوڻ تا ڪيو ماما؟“
”نہ راڻي! آءٌ چاهان ٿو تہ جيئن تون ماڻهن کي انجيڪشن نہ ڪري سگهندينءَ، تيئن تون جهاز بہ اڏائي ڪونہ سگهندينءَ! ان ڪري تون ٽيچر ٿيءُ! ان ۾ تنهنجو ڀلو آهي!“ مون ڳالهہ جاري رکندي چيو ”۽ تو کي ايڊوانٽيج اهو بہ آهي تہ تنهنجو پيءُ بہ ٽيچر آهي!“
”ضروري آ ڇا تہ ٽيچر جو اولاد بہ ٽيچر ٿئي!“ هن سخت غصي ۾ چيو.
”جتي اهو ضروري آ تہ فوجيءَ جو پٽ فوجي، پوليس واري جو پٽ پوليس وارو، سياستدان جو پٽ سياستدان ۽ ڪلارڪ جو پٽ ڪلارڪ ٿئي، اتي اهو بہ ضروري آهي ماما، تہ ماستر جو اولاد ماستر ٿئي!!“
منهنجي ڳالهہ ٻڌي هن جو ڪاوڙيل سرخ منهن، پيلاڻ مائل ٿيڻ لڳو ۽ هوءِ چپ ٿي وئي.
”ماما پنهنجي مرندڙ جهرندڙ ماڻهن کي نئون جيوت، نئون جذبو ۽ نئين جلا بخشڻ چاهيان ٿي! مان ٽيچر ٿي اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهان ٿي؟“ هن نهايت معصوميت سان مون کان پڇيو.
”جي خدا جي ڪرامت سان، تون سولجر بہ ٿي وڃين! تہ بہ تون اهو ڪم نہ ٿي ڪري سگهين! راڻي!“
”پر توهان تہ چوندا ھيئو تہ ٽيچر....“
”مان تجربي جي بنياد تي ٿو ڳالهايان!“
”ڪيئن؟“ هن پڇيو.
”جڏهن کان شاگردن پنهنجي مئڊمن سان عشق ڪرڻ شروع ڪيو آ، تڏهن کان انهن کين پڙهائڻ ڇڏي ڏنو آهي!“
”پنهنجي ڳالهہ ٻين جي کاتي ۾ ڪرڻ واري عادت اڃان نہ وئي اٿوَ ماما!“
”جتي ماڻهن ۾ سڌي ڳالهہ ٻڌڻ جي عادت نہ هجي اتي ڪيئر آف ضرور ڪرڻي پوندي آ. ماما“ مون چيو!.
”هڪ تہ توهان ڳالهائيندي بہ کهاڻيون لکندا آهيو؟“

"سڌي ڳالهہ اها! تہ فرض ڪر! تون ڪنهن اڪيليءَ گهٽيءَ ۾ بلڪل اڪيلي وڃي رهي هجين، سامهون کو تنهنجي هم عمر نوجوان ايندو هجي. اهو تنهنجي سامهون اچي بيهي رهي ۽ توکي چوي تہ: "تنهنجون اکيون ڏاڍيون خوبصورت آهن!" تڏهن تنهنجو ترت ري ايڪشن اهوئي تي سگهي ٿو تہ "بدتميز! نان سينس! هٽي پري ٿي پنهنجي ڪا ماءُ، ڀيڻ ڪانهئي!" - پر فرض ڪر توسان ڪا پياري سهيلي تنهائيءَ ۾ رهاڻيون ڪندي اوچتو توکي چئي تہ "ائي ڪلهہ خبر ٿئي ڇا ٿيو؟ ادا مون کي چيو تہ مون تنهنجي سهيليءَ کي رستي تي ڏٺو، سندس اکيون ڏاڍيون پياريون آهن!" تڏهن يقين تون مرڪي ڏينديئن ۽ دل ئي دل ۾ فخر ڪندينءَ!!- ها نہ؟"

مون ڳالهہ پوري ڪري هن ڏانهن نهاريو- هوءَ ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي-! "ها نہ؟" مون ڪانٽس ڀيهر پڇيو. هن ڪنڌ مٿي ڪيو. حياءُ هن جي اکين ۾ ۽ مرڪ هن جي چپن تي چلي رهي هئي.

"هاڻ توکي احساس ٿيو نہ تہ ڪٿي ڪٿي سڌو ڳالهائي نہ سگهبو آ-!"

"پر ماما! آءٌ ٽيچر نہ ٿيندس!"

"ڇو؟"

"ڇو جو ٽيچر تہ بس هاڻ "ميڊياٽر" وڃي رهيو آهي. الائي ڪنهنجي منشا تي سٽليبس تيار ٿو ٿئي! الائي ڇا آهي ان ۾ تہ. خودڪشيءَ کي وفات، جاءِ پيدائش هڪ جي جاءِ تي ٻي، هلان کي فتح، درندن کي فاتح ۽ غازي ۽ سرويچن ۽ محب وطن کي ڪافر لکيو ٿو وڃي....."

"منهنجي منڙي ياٺج، اهو سيکجهہ جنهن جي منشا تي لکجي ٿو تہ ان کي سرڪار چئبو آهي. اها "سرڪار"، جيڪا تون ٿيڻ پئي چاهين! اها سرڪار، ٺيڪيدارن کان سٽليبس تيار ڪرائيندي آهي ۽ انهن جي ڪميشن مان جايون ۽ بنگلا خريد ڪندي آهي!"

هوءَ وائڙي ٿي عجب جي نشاني ٿي وئي!

"اها سرڪار اهي جايون ۽ بنگلا ڪرائي تي هلائيندي آهي ۽ ان ڪرائي مان ان سٽليبس کي پڙهائڻ وارن ٽيچرس کي پگهار ڏني ويندي آهي! تڏهن تہ چوان ٿو تہ مسواڙي جاين ۾ رهندڙ ماٺهو ماستر ئي ٿي سگهن ٿا!"

هن جو منهن لهي ويو- هوءَ اونهي ويچار ۾ پيهجي وئي- مان پل ڪان

پوءِ وري ڳالهايو.

"مون ٽيون ڏينهن سرڪاري پارٽيءَ ۾ هڪ اهم اهل ڪار ۽ پنهنجي هڪ سني دوست سان تنهنجي لاءِ ٽيچر جي هڪ سيٽ جي باري ۾ ڳالهايو، هن معذرت ڪندي چيو ته "ساري، آءٌ تنهنجي ان سلسلي ۾ ڪابه مدد نه ٿو ڪري سگهان!"..... توکي خبر آ رخسانه ته ان کان پوءِ مان جنهن دوست سان ملبس ان چيو ته "تون مون کي ڏهه هزار رپيا ڏي ته مان توکي، تنهنجي ان ٿي دوست کان مليل ٽيچرس جي ڪوٽا جي سيٽن مان هڪ سيٽ وٺي ڏيان!" تون ته ڄاڻندي هوندينءَ ته مون ان کي ڇا چيو هوندو، مون کيس چيو ته "جيڪڏهن اسان جهڙن ماڻهن وٽ ڏهه هزار رپيا هجن ته اسان ٽيچر ڇو ٿيون؟!"

هوءَ اٿي ۽ ٽيليويزن تي هلندڙ جمهوريت تي مباحثو بند ڪري ڇڏيائين.

"ته ماما! جمهوريت ۾ اهليت کي اهميت ڪانهي؟"

"اهليت کي اهميت آهي! ماما. پر اهليت جو معيار تبديل ٿي ويو آهي، ڦتڪن جي سزا، جيل ۾ سالن جي ڪاٽيل سزا هاڻ اهليت آهي، ان ڪري هاڻ ته پوزيشن هولڊر به جڏهن اها اهليت نه هجڻ ڪري نوڪريءَ لاءِ نااهل ٿا ٿين تڏهن اهو ٿا چون ته، "يلا هاڻ ڦتڪا هڻو! سال سزا ڏيو! پوءِ نوڪري ڏيو!"

هوءَ اٿي خاموشيءَ سان گهر جي ڪنڊ ۾ تاڙي تي رکيل ڪلام پاڪ ڏي منهن ڪري، ٻئي هٿ مٿي کڻي دعا گهرڻ لڳي.

"يا خدا! هاڻ ملڪ ۾ وري مارشل لا لڳراءِ ته ان ۾ اسان به قيد ۽ ڦتڪن جي سزا کائي نوڪرين لائق ٿيون!"

مون کلي ڏنو، "مارشل لا هڻڻ وارا جيڪڏهن خدا جو چونڊ ميڄين ها ته ڪو مارشل لا لڳي ها ڇا ڇري؟!"

"مون کي تنهنجون ڳالهيون سمجهه ۾ ڇو نه ٿيون اچن ماما؟!" هن مون ڏانهن منهن ڪندي پڇيو.

"تون اڃا ٻار آهين ماما، آهستي آهستي سمجهه ۾ اچي وينديئي!"

"هن ملڪ ۾ ماڻهو وڏو نيٺ ڪڏهن ٿيندو آهي؟" "شناختي ڪارڊ جي حوالي سان ١٨ سالن کان پوءِ، ووٽنگ لسٽ ۾ نالو داخل ڪرائڻ جي حوالي سان ٢١ سالن کان پوءِ، پر زنده رهڻ جو فن ڄاڻڻ لاءِ ۽ ملڪ ۾ ملت کي

سمجهڻ لاءِ تڏهن جڏهن، ماڻهو رشتن ناتن، جذبن ۽ احساسن ڀاونائن ۽ ڀوڳنائن کي وڪڻي سگهڻ جو فن سکي وٺندو آهي!"

مون ڏٺو هوءَ منهنجي ڳالهه ۾ ڪوئنجي وئي هئي. مان اتان اٿي، ٻي ڀاڃ ڏانهن هليو ويس، جيڪا ورانڊي ۾، اسان جي ڳالهين کان بي نياز اسڪول جو هوم ورڪ ڪري رهي هئي. مان اتي ئي بيٺو هئس ته ڀهرين ڀاڃ اتي آئي.

"ماما! مون فيصلو ڪيو آ ته......"

"ماما! هيءَ روز ڪو نه ڪو فيصلو ڪندي آهي!" هوم ورڪ مان ڌيان هٽائيندي ٻي ڀاڃ وراڻيو. هن معصوم نظرن سان ننڍي ڀيڻ ڏانهن ڏٺو. هوءَ ٻيهر هوم ورڪ ۾ محو ٿي وئي.

"ماما! مون فيصلو ڪيو آ ته هاڻ مان عدالت ٿيندس!" هن محڪم ارادي سان چيو.

مون کان عدالتن جي ڪارڪردگي ڳجهي ڪانه هئي. مون ته اهو به ڇاتو پئي ته اسان ماڻهن جو عدالتن تائين رڳو اپيروچ به ڪيترو ٿي سگهيو ٿي، پر پوءِ به پنهنجي معصوم ڀاڃ جي جذبن، ڀاونائن، چاهنائن ۽ خواهشن سان ڪيل اٽل فيصلي آڏو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيم.

(1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪَبيئن چوي ڪو ڪبيئن چوي

(ليکڪ، فن ۽ شخصيت)

ظفر بکايل بہ آهي تہ دکايل بہ! هن دک ۽ بک کي ظاهر ڪرڻ ۽ متاثر ڪارڻ وڏا جتن ڪيا آهن. ظفرالدين ٿي اسڪول جي تحريري ۽ تقريري مقابلن ۾ جڏهن هن جي اندر جي دوزخ جي باھ نہ اجهائي تہ بک جي شامت ايگل پين سان ڪهاڻين جي روپ ۾ آڻڻ لڳو. سندس ٻيو حملو ظفر جانيءَ جي روپ ۾ شاعريءَ تي ٿيو. ان ڪان پوءِ پتر سنڌي ٻنجي چتر ٺاهڻ لڳو. سندس چترن جا آئيڊياز ڏاڍا پيارا هوندا هئا. پر هن ان ڪم کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو. ان ڪانپوءِ بائيبل وارن جا ڪورس ڪيائين جعفر بخاريءَ جي نالي. انهن مڙني روپن مان ٻيو نہ تہ اهو احساس ضرور ٿئي ٿو تہ هن ڪلاڪار کي جيون سان پيار آهي.

ناز سهتو

ظفر جي لکڻين مان اهي ئي اميدون رکي سگهجن ٿيون تہ اهي سنڌي ماڻهن کي مفاد پرستي ۽ خود غرضيءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارينديون ۽ منجهن حوصلو پيدا ڪنديون تہ هو خود مفادي فردن ۽ گروهن طرفان ملندڙ ڏک سور تڪليفون ۽ عذاب سهندي بہ پنهنجي مقصد تان هٿ نہ کڻن حق ۽ سچ جي راه تان موت نہ ڪاڻڻ. معاشري طرفان ملندڙ هر تڪليف ۽ ڏکيائيءَ کي پنهنجي لاتعداد صلاحيتن سان منهن ڏين ۽ پنهنجي نئين رتَ ۽ نئين جذبي سان انسانيت جي تباهيءَ لئہ پيدا ٿيل خطرناڪ حالتن کي بدلائڻ ۾ ڪامياب وڃن. ۽ قربانيءَ جو ٻڪرو ٻڌجڻ کان اڳ ڪات ٻنجي هر ان طاقت جو خاتمو آڻين جيڪا انساني ڀلي لئہ نهندڙ نئين سماج جي دشمن هجي.

رک سنڌي

مونکي خبر آهي تہ وڏيون دعوائون ڪندڙ دوستَ بہ رات جو ائين وڳي سوڙ ويڙهي سمهندا آهن تہ صبح جو ١١ وڳي اٿندا آهن. پر جي موڪل جو ڏهاڙو هوندو تہ ٻيسين پيٽ ۾ بک موسيقي نہ وڄندي ٿيسين سنگتي ستائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا سونهندا پر ظفر کي مون راتيون ڪاٽيندي، پڙهندي، لکندي ڏٺو آهي، پنهنجي ڪاز خاطر هن بکون به ڪاٽيون آهن. ڪيس پڙهڻ ۽ لکڻ جو جنون آهي. رات جي پيٽ ۾ به ٽي ڪهاڻيون لکي، فيئر ڪري، پريس ڪاپيون به تيار ڪري ونندو آهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو ته اسان وٽ علي باب ڪان پوءِ ظفر وڌ ۾ وڌ تيز لکي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ گهٽين اڻ گهڙيل شين کان ٿوريون گهڙيل شيون سٺيون هونديون آهن. پوءِ به ظفر جون ڪجهه ڪهاڻيون عالمي ادب جي معيار تي رکڻ جهڙيون آهن.

انجم سومرو

اڄ ڪارونجهر جي ڪنڌيءَ تي ڪيترن ئي ڪهاڻيءَ جي مورن ٿهوڪا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. هو ڇوڏ سائڻ جي سونهن، بڪ ۽ اڄ من ۾ سمائي ڪهاڻيءَ جي ڪارونجهر ڏانهن پنڪ کولي، پنهنجي پيرن، تي نگاهون ڄمائي پنل اڪين سان وڏي پيو اڪتي. سندس آجيان لاءِ ٽڪل مورن پنهنجا پر لوڏيا آهن.

الاهي بخش ٻانيڻ

ظفر اجاڻ به لکندو. ايترو گهٽو لکندو جو سندس قلم لکڻ کان جواب ڏئو ته به هو آڱر کي ڇيهه ڏئي، رت سان لکندو رهندو.

الطاف مگسي

ظفر نه لکي ها ته جيئرو نه هجي ها. جيڏو مانيٽو آهي ته هنڌان هنڌان ڦاٽي پوي ها. سندس وجود ريزا ريزا ٿي وڃي ها.

خادم ستهو

ظفر عباسي نئين ٿهيءَ جي اهم ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي. هن نه فقط وڏن لاءِ لکيو آهي، پر ساڳي وقت ٻارن لاءِ به ڏاڍي سچائيءَ ۽ لگن سان پڻ لکيو آهي.

آغا قيوم

سوال اهو آهي ته "ظفر ڪيستائين لکندو؟" ڪٿي سندس ارتقا رڪجي ته نه ويندي! ڪٿي ظفر پڙ ڪڏي ٻيهي ته نه رهندو؟ ڪاش ڪڏهن به ائين نه ٿئي!

علي نواز ڦل

نيڪ جي اڳين شايع ٿيل ڪتابن جي حوالي سان مختلف ليکڪن جا رايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظفر جون ڪهاڻيون ۽ سندس موضوع آهن ته سوشل ويلفيئر کاتي سان تعلق رکندڙ (جو يقينن ادب جو هڪ مکيه ڪارج آهي) پر سندس ڪهاڻين ۾ ڪٿي به سمونڊ جي گجگوڙ جيان نعري بازي پرچار ۽ هاڪا بازي ناهي. هو ڪٿي به پنهنجي پڙهندڙن کي لفظن جي لهرن حوالي ڪري، گوڙ ڏوڙ سان ڏاهي ٻوڙ ٻوسٽ ۾ ڪو نه ٿو آڻي. ان جي برعڪس سندس ڪهاڻين سان سندس ٽريٽمينٽ درياءَ جي خاموش ان رواني‌ءَ جيان آهي، جو هلندي هلندي ڌرتي‌ءَ کي سيراب ۽ سائو ڏائو ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندو آهي. ان لحاظ کان ظفر جون ڪهاڻيون پڙهڻ به يقينن "ثواب" جوڳو ڪم آهي.

خيرالنساء جعفري

ظفر کي اسان هڪ اديب ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ هن دنيا کي سونهن بخشائڻ وارن ذهين انسانن مان هڪڙي سگهون ٿا ڇو ته سندس اڪثر ڪهاڻين مان اسان کي محسوس ٿئي ٿو ته هن کي ٻهڪندڙ انسانيت ۽ چنڊ کان سهڻي ڌرتي‌ءَ سان اڻ ميو پيار آهي.

خاڪي جويو

خليل جبران جي هڪ ننڍڙي ڪهاڻي ۾ آهي ته ڪنهن وڏي ليکڪ ننڍي ۽ نئين ليکڪ کان آڪڙ ۾ پڇيو ته "ڪجهه لکيو اٿئي؟" ننڍو ليکڪ کو جواب ڏئي ئي ڏئي ان کان اڳ ۾ وڏي ليکڪ چيو ته "مون هڪ طويل شاهڪار نظم لکيو آهي سو ٻڌ!" غريب نئون ليکڪ چپ چاپ اهو طويل نظم ٻڌندو رهيو، نظم پورو ڪري وڏي ليکڪ ننڍي ليکڪ کان پڇيو ته "تو ڪجهه لکيو آهي؟" ان وراڻيو "ها مختصر نظم لکيو اٿم" چون ٿا ته يوناني ادب ۾ طويل شاهڪار نظم جو ڪوئي ذڪر نه آهي. جڏهن ته ان ننڍڙي نظم کي اڄ يوناني شاعري‌ءَ ۾ عظيم نظم سڏيو وڃي ٿو. ڪير چائي ظفرعباسي ان ننڍڙي ليکڪ جوئي ڪو نئون جنم هجي.

نصير مرزا

ڪنهن پڇيو ته "سمنڊ ڪارو ڇو آهي؟" چيو هيومانس ته "ان ڪري جو منجهس ڪائنات جي اڪثريت ٿي رهي. انهي‌ءَ ڪائنات جو بار ٿو سهيڙي سو ڪارو به نه هجي ڇا؟" ظفر به ڪارو آهي. منجهس به ڪائنات ٿي رهي. ظفر جي ڪردارن ۾ به مون کي سمونڊ جي ڪائنات نظر آئي آهي.

عزيز ڪرپانگ

هيڙي پياري ليکڪ جنهن پنهنجي عمر جو هيڙو حصو علم ۽ ادب جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، تنهن تي سچ ته اسان کي فخر ڪرڻ گهرجي

انور هالائي

اردو ادب جي مهان ليکڪ ڪرشن چندر لاءِ چيو ويندو آهي ته هو سونهن ۽ ماني‌ءَ جي حصول ۾ انسانيت جي منزل سمجهندو هو. پر ظفر جون ڪهاڻيون پڙهي، مون محسوس ڪيو آهي ته انسانيت جي منزل رڳو سونهن ۽ ماني‌ءَ جي حصول تائين ڪانهي، پر سونهن ۽ ماني‌ءَ سان گڏ سچ به اهم آهي.

ارشاد ميمڻ

(ليکڪ جي اڳين شايع ٿيل ڪتابن جي حوالي سان مختلف ليکڪن جا رايا)

ٽين دنيا - ڪهاڻيون - ظفرعباسي - نيوٽنگرس فورم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com